سال (18) جمعو 24 اپريل 2026ع 06 ذوالقعد 1447ھ صفحا 6 - ملھ 30 ويھ شمارو (212)

ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN

هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار

THE DAILY IBRAT Hyderabad

روزاني عبرت

حيدرآباد

Regd: NO-2430-B

68 YEAR 1958 - 2026

Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8

سال (94) جمعو 24 اپريل 2026ع 06 ذوالقعد 1447ھ صفحا 6 - ملھ 30 ويھ شمارو (249)

website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

Daily Ibrat Karachi Friday 24th April 2026

سال (18) جمعو 24 اپريل 2026ع 06 ذوالقعد 1447ھ صفحا 6 - ملھ 30 ويھ شمارو (212)

صدر ٽرمپ جو آبنائي هرمز جي بندش نہ هٽائڻ جو اعلان، ايران وڌيڪ ٻن جهازن کي قبضي ۾ وٺي ڇڏيو

آمريڪي بحريہ کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ هر جهاز کي نشانو بڻايو وڃي، ننڍو هجي يا وڏو ۽ دشمن جا سڀئي 159 جهاز سمنڊ جي تري ۾ هليا ويا آهن: آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ

هرمز آبنائي ۾ بارودي سرنگون وڇائيندڙ هر جهاز کي تباهہ ڪيو وڃي. آمريڪي بارودي سرنگون صاف ڪندڙ آبنائي هرمز جي صفائي ۾ مصروف آهن. آبنائي هرمز ۾ آپريشن کي ٽي ڀيرا وڌائڻ جو حڪم ڏنو

ايران کي پنهنجي اڳواڻ جي تعين ۾ سنگين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ۽ ايران اندر سخت گير ۽ نرم، نهايد اعتدال پسندن جي وچ ۾ سنگين اختلاف آهن

سخت گير جنگ جي ميدان ۾ بري طرح ناڪام ٿي رهيا آهن. نرم، نهايد اعتدال پسند اصل ۾ اعتدال پسند نہ آهن پر قبوليت حاصل ڪري رهيا آهن. اسان جو آبنائي هرمز تي مڪمل ڪنٽرول آهي.

ايران آبنائي هرمز ۾ ٻن جهازن جي قبضي ۾ وٺڻ جي وڊيو جاري ڪري ڇڏي، جهازن کي ان ڪري قبضي ۾ ورتو ويو ڇاڪاڻ تہ اهي هرمز جي آبنائي ۾ سيڪيورٽي لاءِ خطرو هئا: ايران جي بحريہ

واشنگٽن/تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ هرمز آبنائي ۾ بارودي سرنگون وڇائيندڙ هر جهاز کي تباهہ ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي هڪ بيان جاري ڪندي چيو تہ هرمز آبنائي ۾ بارودي سرنگون وڇائيندڙ هر جهاز کي تباهہ ڪيو وڃي. ٽرمپ چيو تہ آمريڪي بحريہ کي حڪم ڏنو ويو آهي تہ هر جهاز کي نشانو بڻايو وڃي، ننڍو هجي يا وڏو ۽ دشمن جا سڀئي 159 جهاز سمنڊ جي تري ۾ هليا ويا آهن. آمريڪي بارودي سرنگون صاف ڪندڙ آبنائي هرمز جي صفائي ۾ مصروف آهن ۽ آبنائي هرمز ۾ آپريشن کي ٽي ڀيرا وڌائڻ جو حڪم ڏنو آهي پنهنجي بيان ۾، آمريڪي صدر ٽرمپ چيو تہ ايران کي پنهنجي اڳواڻ جي تعين ۾ سنگين مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

جنيوا: مملڪتي وزير بئريسٽر عقيل ملڪ ۽ انساني حقن جو سيڪريٽري عبدالخالق شيخ پاڪستاني وفد سان گڏ اقوام متحده جي تشدد خلاف ڪميٽي جي گڏجاڻي ۾ شريڪ آهي

ڪراچي ۾ ايف آءِ اي جي ڪارروائي، فراڊ ڪيس ۾ ملوث اشتهاري جوابدار کي گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) ڪمرشل بينڪنگ سرڪل

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

سينيٽ چيئرمين پاران گولڙه شريف آمد، پير سيد معين الحق گيلاني ۽ ٻين وارثن سان سندن امڙ جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني گولڙه شريف جي

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سرڪاري استعمال لاءِ صرف اليڪٽرڪ بسون ۽ موٽرسائيڪلون خريد ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو

شمسي توانائي مان پيدا ٿيندڙ اضافي بجلي کي ذخيرو ڪرڻ لاءِ بيٽرين جو حصول آسان بڻائڻ لاءِ لائحہ عمل جوڙڻ ۽ مقامي طور اعليٰ معيار جون اسٽوريج بيٽريون تيار ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪرڻ جي هدايت

وزيراعظم جي صدارت ۾ توانائي سيڪيورٽي بابت اهم اجلاس ٿيو. وفاقي وزير مصدق مسعود ملڪ احد خان چيمہ، محمد اورنگزيب، سردار اويس لغاري، عطا الله تارڙ، علي پرويز ملڪ، احسن اقبال ۽ ٻين شرڪت

توانائي سيڪيورٽي هاڻي ملڪ جي مجموعي مستقبل جي منصوبابندي جو هڪ تمام اهم حصو بڻجي چڪي آهي. موجوده علائقائي صورتحال ۾ توانائي جي بچت لاءِ قدمن سان بحران پيدا نہ ٿيو: وزيراعظم

مستقبل ۾ سرڪاري استعمال لاءِ صرف بجلي تي هلندڙ بسون ۽ موٽرسائيڪلون خريد ڪيون وڃن ۽ بجلي وارين گاڏين لاءِ چارجنگ اسٽيشن قائم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ تيزي سان قدم کنيا وڃن

ملڪ ۾ هن وقت پيٽرولييم جا وڏا ذخيرا موجود آهن. ملڪ ۾ فوڊ سيڪيورٽي جي صورتحال مستحڪم. آهي تيل ۽ گئس ڪمپنين جي مسلسل ڪوشش سان گئس ۽ تيل جي مقامي پيداوار ۾ اضافو ٿي رهيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف توانائي سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ قدمن کي اثر قرار ڏيندي مستقبل ۾ سرڪاري استعمال لاءِ صرف اليڪٽرڪ بسون ۽ موٽرسائيڪلون خريد ڪرڻ، شمسي توانائي سان پيدا ٿيندڙ اضافي بجلي کي ذخيرو ڪرڻ لاءِ بيٽرين جو حصول آسان بڻائڻ لاءِ لائحہ عمل جوڙڻ ۽ مقامي طور تي اعليٰ معيار جون اسٽوريج

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2



اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ توانائي جي سيڪٽر بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

گلگت بلتستان ۾ موسمياتي وارننگ سسٽم مڪمل طور فعال نہ هجڻ تي وزيراعظم جي ڪاوڙ

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ چوماسي جي اڳواٽ تياري ۽ موسمياتي تبديلين ۽ ماحولياتي خطرن کان بچاءُ جي قدمن بابت اجلاس

اين ڊي ايم اي جي چيئرمين، واپڊا چيئرمين ۽ سمورن صوبن جي چيف سيڪريٽرين ۽ لاڳاپيل سرڪاري عهديدارن بہ اجلاس ۾ شرڪت ڪئي

موسمياتي تبديلي ۽ پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ واري وفاقي وزارت ۽ ٻيا سمورا ادارا صوبن سان گڏيل تعاون سان گڏجي موثر قدم کڻن آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف گلگت بلتستان ۾ لڳل اڳواٽ موسمياتي وارننگ سسٽم جي مڪمل طور تي فعال نہ هجڻ تي ڪاوڙ جو

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ بار طرفان امر اُرباب چانديو کي ”آل پاڪستان لائرز ڪنونشن“ ۾ خاص مهمان طور شرڪت جي دعوت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ايڊز بابت خبرون حقيقت جي ابتڙ ۽ خوف پکيڙڻ جي ڪوشش آهي: صحت کاتو

هلندڙ سال دوران 329 ٻارن سميت 894 نون ڪيسن وارين خبرن ۾ ڪا بہ صداقت ناهي

تصديق ٿيل ڪيسن جو سمورو رڪارڊ صرف سي ڊي سي ون سنڌ وٽ محفوظ آهي: ترجمان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي صحت

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ڀارت ڀيهر پهلگام واقعي کي پاڪستان سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي: پرڏيهي ترجمان

ڀارت پنهنجي تنگ نظر اندروني سياسي مفادن لاءِ پاڪستان خلاف ڪوڙي بيانيي کي هٿيار طور استعمال ڪري رهيو آهي

الزام اصل خطي ۾ دهشتگردي جي مسلسل سرپرستي تي پردو وجهڻ جي لاءِ ڀارت جي پراڻي حڪمت عملي جو هڪ ٻيو حصو آهي

عالمي برادري ڀارت کي ڏمپرواڙ طرز عمل اختيار ڪرڻ ۽ اهڙن قدمن کان پاسو ڪرڻ جو مشورو ڏئي جيڪي نقصان جو سبب بڻجن

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان چيو آهي تہ هڪ اهڙي وقت ۾ جڏهن هو پنهنجي عالمي حصيدارن سان گڏجي علائقائي ۽ عالمي امن ۽ سلامتي جي لاءِ ٺوس سفارتي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

نوجوانن ۾ مطالعي جي عادت پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي: مراد علي شاهہ

ڪتابن کي پڙهڻ سان انسان جي ذهني ۽ تخليقي صلاحيتن ۾ واڌارو ٿيندو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ عالمي سطح تي ملهايل ڪتابن ۽ ڪاپي رائيٽ عالمي

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي گهرو وزير خيرپور پرسان ڊرون حملي ۾ 4 ڄڻن جي مارجڻ جو نوٽيس ورتو، رپورٽ طلب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) خيرپور پرسان ڳوٺ

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ پراپرٽي ٽيڪس جو هڪجهڙو نظام لاڳو ڪرڻ لاءِ پاليسي قدم کنيا ويندا: ناصر شاهہ

پراپرٽي ٽيڪس جو دائرو مرحليوار صوبي جي سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرز تائين وڌايو ويندو

ان عمل کي سادو، شفاف ۽ آن لائين بڻايو ويو تہ جيئن بدعنواني جا امڪان گهٽجي سگهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهہ سان ورلڊ بئنڪ سنڌ پراپرٽي ٽيڪس

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ معمولي ڳالهہ تان فائرنگ ۾ ايف بي آر جو انسپيڪٽر زخمي، جوابدار فرار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪلفٽن بلاڪ 9 ۾

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

پاڪستان امن جو هڪ مضبوط آواز بڻجي اڀري رهيو آهي: انجنيئر امير مقام

قومون نوجوانن جي محنت، ويزن ۽ ڪردار سان بڻجن ٿيون: وفاقي وزير سيفران

پاڪستان هميشہ هڪ ذميدار، متوازن ۽ امن پسند رياست طور مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي

پشاور (اي پي پي) ڪشمير، گلگت بلتستان ۽ سيفران واري وفاقي وزير انجنيئر امير مقام چيو آهي تہ پاڪستان امن، ڳالهين ۽ استحڪام جو هڪ مضبوط آواز بڻجي اڀري رهيو آهي. پاڪستان هميشہ

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

چين جي تعاون سان خلائي تحقيق جو سفر فخرجوڳو آهي: وزيراعظم

پاڪستاني خلابازن خرم دائود ۽ محمد ذيشان علي وزيراعظم سان ملاقات ڪئي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف پاڪستان جي خلائي مشن کي پاڪستان جي لاءِ هڪ اهم سنگ ميل ۽ پوري قوم جي لاءِ فخر جوڳو قرار ڏيندي چيو آهي تہ چين جي تعاون سان خلائي

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ روٽ پرمٽ ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽ کانسواءِ هلندڙ پبلڪ گاڏين خلاف سخت ڪارروائي جو حڪم

روٽ پرمٽس ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽس جاري ڪرڻ لاءِ ڊجيٽل نظام متعارف ڪيو ويو آهي: شرجيل ميمڻ

سمورين گاڏين موٽر وهيڪل قانون مطابق لازمي دستاويزن سان گڏ روڊن تي هلايون وڃن

اسڪول وينز ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ سي اين جي ۽ ايل پي جي تي پابندي تي سختي سان عمل ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت سڄي صوبي ۾ روٽ پرمٽ ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽ کانسواءِ هلندڙ پبلڪ سروس گاڏين خلاف سخت ڪارروائي جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي. سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

ڪورنگي سائيٽ ۾ اڻڄاتل هٿيارن مبينا فائر ڪيل گولي لڳڻ سبب نوجوان مرڙيڻگ

ڪورنگي سائيٽ (ن ع) ڪورنگي سائيٽ خدا جي بستي واري علائقي ۾ اڻڄاتل هٿيارن مبينا فائر ڪيل گولي لڳڻ سبب نوجوان اياز ولد عبدالوهاب جمالي سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي فوري طور نازڪ

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

نوابشاهہ: صوبائي وزير عذرہ فضل پيچوهو ڊي سي آفيس ۾ ڪمپيوٽرائيزڊ ڊوميسائيل ۽ پي آر سي آفيس جو افتتاح ڪرڻ بعد دعا گهري رهي آهي

بلوچستان ۾ مزدوري لاءِ ويندڙ پورهيتن تي فائرنگ، گهوٽڪي واسي نوجوان سميت 2 ڄڻا مارجي ويا

تفتان واري علائقي ۾ هٿياربندن جي حملي ۾ نوجوان وڪرم لال سميت 2 ڄڻا موقعي تي ئي مارجي ويا

هٿياربندن جي فائرنگ ۾ ڪيترائي پورهيت زخمي ٿي پيا جن کي مقامي اسپتال منتقل ڪيو ويو

مارجي ويلن جا لاش اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد سندن اباڻي ڳوٺن ڏانهن روانا، علائقي ۾ سوڳ

گهوٽڪي (رپورٽ فرمان سومرو) بلوچستان ۾ مزدورن جي گاڏي تي تفتان واري علائقي ۾ هٿياربندن جي حملي ۾ گهوٽڪي واسي نوجوان وڪرم لال سميت 2 ڄڻا مارجي ويا جڏهن تہ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن اهي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ صوبائي وزير جا امتحاني مرڪزن تي ڇاپا، 9 ايڪسٽرنل نگران معطل

محمد اسماعيل راهو مختلف امتحاني مرڪزن جو اوچتو دورو ڪيو، جتي وڏي پيماني تي بي ضابطگيون ڏٺيون ويون

دوري دوران ڪيترائي شاگرد نقل ڪندي پڪڙا ويا، شاگردن وٽان موبائل فونز ۽ نقل جو مواد پڻ هٿ ڪيو ويو

صوبائي وزير فوري ايڪشن کڻندي 9 ايڪسٽرنل نگرانن کي معطل ڪري ڇڏيو، آفيسرن جون ڊيوٽيون تبديل ڪرڻ جا حڪم جاري

حيدرآباد (رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو پاران حيدرآباد ۾ امتحاني مرڪزن تي ڇاپو، نقل مافيا خلاف ڪريڪ ڊائون ڪيترائي شاگرد موبائل ۽ نقل جي مواد سميت پڪڙيا ويا _ 9 ايڪسٽرنل

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

سکر: گورنر نهال هاشمي جي صدارت ۾ اعليٰ سطحي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

اٽڪ: او جي ڊي سي پاران جنڊ - ون کوھ تي ڪم ٿي رهيو آهي

ميئر ۽ ميونسپل ڪمشنر طرفان بجيٽ نہ هجڻ جو جواز ڄاڻائي 745 ملازمن جي پينشن بند

حيدرآباد بلديا اعليٰ ۾ انڌير نگري، 19هين گريڊ جي عهدي تي 18هين گريڊ جو ڪامورو قابض

بلديا اعليٰ جي ميونسپل ڪمشنر جي 19هين گريڊ جي عهدي تي 18هين گريڊ جو ظهور لکڻ 3 سالن غيرقانوني ويٺل

ميونسپل ڪمشنر 6 مهينن کان رٽائر ملازمن جي پينشن بند ڪري ڇڏي، گهرن ۾ فاقاڪشي واري صورت حال ڇانيل اخبارن نوٽيس نہ ورتو

اسان جي پينشن بجيٽ ۾ مختص ٿيل آهي پر بجيٽ نہ هجڻ جو ڪو بہ جواز ناهي، سپريم ڪورٽ جي حڪم جي ڀڃڪڙي ڪئي وئي آهي: رٽائر ملازم

ميئر ڪاشف شورو ۽ ميونسپل ڪمشنر ظهور احمد لکڻ هڪ جهڙي جي ڏنڀي تي ڪروڙين رپيا خرچ ڪيا ويا ۽ اهڙا ڪيترائي منصوبا جاري آهن

وزيراعليٰ سنڌ بہ انهي معاملي تي خاموشي اختيار ڪيل آهي، حيدرآباد ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي 745 رٽائر ملازمن جي 6 مهينن جي رهيل پينشن جاري ڪرائي وڃي

حيدرآباد (رپورٽ: اعجاز لغاري) حيدرآباد بلديا اعليٰ جي ميونسپل ڪمشنر جي 19هين گريڊ جي عهدي تي 18هين گريڊ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: استحڪام پاڪستان پارٽي جي اليڪٽورل بورڊ جو اجلاس عليم خان جي صدارت ۾ ٿي رهيو آهي

او جي ڊي سي اٽڪ ۾ جنڊ ون کوھ مان گئس جي پيداوار ڀيهر بحال ڪري ڇڏي

ريڪمپليشن کان پوءِ روزانو 21 ملين اسٽينڊرڊ ڪيوبڪ فوٽ کان وڌيڪ گئس پيدا ٿي رهي آهي

مشڪل زير زمين حالتن ۽ زهريلي گئس ۽ ٽيڪنيڪل خرابي سبب پيداوار بند ڪئي وئي هئي

اسلام آباد (پ ر) پاڪستان جي سڀ کان

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ الڳ الڳ واقعن ۾ گهرو تڪرار تان هڪ ڄڻو قتل، هڪ زخمي

بلاول شاهہ نوراني ڳوٺ ۾ جهيڙي دوران چاقو جي وار سان نوجوان ملڪ مجيد قتل ٿي

مومن آباد جي اورنگي ٽائون ۾ چاقو لڳڻ جي واقعي ۾ نوجوان محمد عمر زخمي ٿي پيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سچل پوليس ٿاڻي

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مبينا پوليس مقابلا، فائرنگ دوران هڪ ڦورو مارجي ويو، پنج زخمي ڌوهاري گرفتار

شهر جي مختلف علائقن فيروز آباد، سپر مارڪيٽ، شريف آباد ۽ مبينا ٽائون ۾ پوليس ۽ ڌوهارين ۾ مقابلا ٿيا

شهيد ملت روڊ هل پارڪ ويجهو مبينا مقابلي ۾ عثمان عرف نور بشير عرف عثمان بنگالي مارجي ويو

مختلف علائقن ۾ گرفتار ڪيل زخمي ڌوهارين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، هٿيار، رقم ۽ ٻيو سامان هٿ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن فيروز آباد، سپر مارڪيٽ، شريف آباد ۽ مبينا ٽائون ۾ پوليس هڪ ڦورو کي ماري ڇڏيو ۽ 5 ٻين کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ۽ هٿيار ۽ ٻيو سامان هٿ ڪيو. تفصيل موجب فيروز آباد پوليس ۽ شاهين فورس جي اهلڪارن اربع ۽ خميس

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ٽنڊوالهيار ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب 10 سالن جي ٻارڙي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ٽنڊوالهيار (د ر) ٽنڊوالهيار جي ٻي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڏگهڙي لڳ 22 سالن جي ناري ڦاهو کائي زندگي جو انت آڻي ڇڏيو

ڏگهڙي (ن ع) ڏگهڙي تعلقي جي ڳوٺ ٽنڊو جان محمد ڪاٺون ڪميٽي جي ٻهراڙي جي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۾ ريٽنگ استادن جون ڀرتيون پارلياماني ڪاميٽيءَ جي نگراني ۾ ڪرائڻ تي اتفاق

خصوصي ڪاميٽي جو پهريون اجلاس اسپيڪر اويس قادر شاهہ جي صدارت هيٺ ٿيو

اميدوار جي احتجاج سبب عوامي تڪليفن کان بچڻ لاءِ معاملي جو مستقل حل ضروري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ ۾ استادن جي ڀرتين واري مرحلي ۾ ريٽنگ اميدوارن جي معاملي بابت قائم سنڌ اسيمبليءَ جي خصوصي ڪاميٽي جو پهريون اجلاس سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر سيد اويس قادر

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

آمريڪا سان ٿيندڙ ڳالهين بابت ايران جي موقف جي مڪمل حمايت ڪيون ٿا: حافظ نعيم

جيستائين آبنائي هرمز جو گهيراءُ ختم نہ ڪيو وڃي، ڪنهن بہ قسم جو معاهدو ممڪن ناهي

پاڪستان، سعودي، ايران ۽ ترڪي تي ٻڌل گڏيل دفاعي بلاڪ جو قيام وقت جي ضرورت آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) امير جماعت اسلامي پاڪستان حافظ نعيم الرحمان امير ڪراچي منعم ظفر خان سان گڏ ادارہ نور حق ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي تہ ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ ٿيندڙ ڳالهين بابت

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پٽ شاهہ: هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي چيئرمين کي صوفي يونيورسٽي پٽ شاهہ جي دوري جي موقعي تي شيلڊ ڏني پئي وڃي

وڏي وزير طرفان حيدرآباد ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب ٽن ٻارن جي جاني نقصان تي ڏک ۽ افسوس جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهہ حيدرآباد ۾ ڪرنٽ لڳڻ سبب ٽن ٻارن جي جاني نقصان تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي.

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ شادي جون خوشيون ماتم ۾ تبديل، 3 معصوم ٻارڙا بجلي ڪرنٽ ۾ فوت

اسلام آباد پاڙي ۾ ريلوي ڦاٽڪ پرسان 11 هزار وولٽيج تارن مان ڪرنٽ سبب عبدالرحمان، فرحان ۽ فيروز فوت ٿي ويا

اطلاع ملڻ تي ريسڪيو ٽيمون ۽ ايمبولنس گاڏيون پهچي ويون، ٻارڙن کي تارن مان ڇڏائي اسپتال پهچايو

ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن جي حوالي، لاش شهدادپور پهچڻ تي علائقي ۾ سوڳ ڇانيل

حيدرآباد/شهدادپور (نمائندن وٽان) حيدرآباد ۾ شادي جون خوشيون ان وقت ماتم ۾ تبديل ٿي ويون جڏهن حيدرآباد جي اسلام آباد پاڙي ۾ ريلوي ڦاٽڪ پرسان جاچي ٿي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

شهدادپور: حيدرآباد ۾ ڇت تي سمهڻ دوران ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويل شهدادپور واسي ٽينڱرن جا فائيل فوٽو

جيلن ۾ نظم و ضبط ۽ قيدين جي بنيادي سهولتن تي سمجهوتو نہ ڪيو ويندو: علي حسن زرداري

جيل کاتي جي صوبائي سان آءِ جي جيل فدا حسين مستوئي ۽ ايم پي اي ابرار علي شاهہ ملاقاتون ڪيون

صوبي جي جيلن ۾ جاري ترقياتي منصوبن، قيدين جي ڀلائي ۽ سيڪيورٽي صورتحال تي ڳالهيون

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جيل کاتي ۽ ورڪس اينڊ سروسز جي صوبائي وزير علي حسن زرداري سان آءِ جي جيل فدا حسين

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

سرڪاري ادارن کي جديد بڻائڻ سنڌ حڪومت جي ترجيح آهي: درست محمد راهموں

وڏي وزير جي صلاحڪار ماحوليات کاتي جي نئين تعمير ٿيل ۽ جديد انداز آفيس جو افتتاح ڪيو

کاتو صوبي ۾ ماحولياتي تحفظ، آلودگي جي خاتمي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير جي ماحوليات بابت صلاحڪار درست محمد راهموں ماحوليات کاتي جي نئين

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي

عام اطلاع

عوام الناس کي هن نوٽيس ذريعي اطلاع ڏنو ٿو وڃي تہ ڪجھ قبضا مافيا / هٿياربند ماڻهو سيڪٽر 10 ۽ 13، سرجاني ٽائون اسڪيم 41 ۾ KDA الاٽيزجي پلاٽن تي غيرقانوني طور مارڪيٽنگ آفيس (MBR) قائم ڪري سادن ماڻهن کي ڏوڪو ڏئي رهيا آهن. اطلاعن موجب، مذڪوره اسڪيم ۾ ”گلشن رحمان“ جي نالي سان بينر لڳايا پيا وڃن، جڏهن تہ پمفليٽن جي ورڇ ۽ سوشل ميڊيا تي جعلي مهم ذريعي پلاٽن جي وڪري جون ڪارروايون ڪيون پيون وڃن. ان حوالي سان، اداره ترقياتِ ڪراچي (KDA) انهن ڏوڪو ڏيندڙن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري رهيو آهي.

عوام الناس کي گذارش آهي تہ اهي قبضا مافيا کان هوشيار رهن، انهن جي چالبازين ۾ نہ اچن، ۽ اهڙن ڏوڪو ڏيندڙن سان پلاٽن جي خريد و فروخت کان پاسو ڪن.

بحڪم
ڊائريڪٽر اسٽيٽ اينڊ انفورسمينٽ
ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي
ٽرڊ فلور سوڪ سينٽر بلڊنگ،
گلشن اقبال ڪراچي

INF/KRY/1609/2026

بقايا 1 حڪم

بيٽرين تيار ڪرڻ جي حوصلا افزائي ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي وزيراعظم جي صدارت ۾ خميس ڏينهن توانائي سيڪيورٽي بابت هڪ اهم اجلاس ٿيو جنهن ۾ وفاقي وزيرن مصدق مسعود ملڪ، احد خان چيمو، محمد اورنگزيب، سردار اويس لغاري، عطا الله تارڙ علي پرويز ملڪ، احسن اقبال نجڪاري بابت صلاحڪار محمد علي، مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني خاص مددگار هارون اختر ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، اجلاس کي خطاب ڪندي، وزيراعظم چيو ته توانائي سيڪيورٽي هاڻي ملڪ جي مجموعي مستقبل جي منصوبابندي جو هڪ تمام اهم حصو بڻجي چڪي آهي موجوده علائقائي صورتحال ۾ توانائي جي بچت ۽ ان حوالي سان بروقت کنيل قدمن سان توانائي جو بحران پيدا نه ٿيو. هن چيو ته مستقبل جي توانائي جي ضرورتن کي نظر ۾ رکندي، ملڪ ۾ ڪچي تيل جا اسٽريٽجڪ ذخيرا رکڻ جي حوالي سان منصوبي تي ڪم جاري آهي.

بقايا 2 ڪاوڙ

اظهار ڪندي انڪوائري جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ چوماسي جي اڳواٽ تياري ۽ موسمياتي تبديلين ۽ ماحولياتي خطرن کان بچاءَ جي قدمن تي جائزو اجلاس ڪالهه خميس ڏينهن ٿيو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب اجلاس ۾ پلاننگ اينڊ ڊيولپمينٽ واري وفاقي وزير احسن اقبال، قانون واري وفاقي وزير سينيٽر اعظم نذير تارڙ اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيمو، موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير مصدق ملڪ ناڻي واري وفاقي وزير محمد اورنگزيب، وزيراعظم جي صلاحڪار رانا ثناءُ الله ناڻي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني اين ڊي ايم اي جي چيئرمين، واپڊا چيئرمين ۽ سمورن صوبن جي چيف سيڪريٽرين ۽ لاڳاپيل سرڪاري عهديدارن شرڪت ڪئي وزيراعظم غيرمعمولي موسمياتي تبديلين خاص طور تي گلوف (گليشيئر ڍنڍ ڦاٽڻ سبب اينڊڙ طوفان) کان بچاءَ جي لاءِ گلگت بلتستان ۾ هنيل اڳواٽ وارننگ سسٽم جي مڪمل طور تي فعال نه هجڻ تي ڪاوڙ جو اظهار ڪندي گذريل سال واضح هدايتن جي باوجود سسٽم جي غيرفعاليت ۽ لاڳاپيل ادارن جي غيرموثر ڪارڪردگي تي انڪوائري جو حڪم ڏئي ڇڏيو هن چيو ته، لاڳاپيل ادارن جي نااهلي ۽ ڪارڪردگي ۾ گهٽتائي ڪنهن به طور تي برداشت نه ڪئي ويندي.

بقايا 3 دعوت

ايسوسيئيشن ڪراچي طرفان سنڌ جي نياڻي ايڊووڪيٽ امر زباب چانڊيو کي "آل پاڪستان لائرز ڪنونشن" ۾ خاص مهمان طور شرڪت جي دعوت ڏني وئي آهي. هي ڪنونشن "قانون جي حڪمراني" جي موضوع هيٺ سومر 27 اپريل 2026ع تي صبح 11 وڳي سنڌ هاءِ ڪورٽ ڪراچي جي شهيداءِ ڪوئيٽا هال (ٽيو بار روم) ۾ منعقد ٿيندو. امر زباب چانڊيو هن اهم موقعي تي خاص مهمان طور شرڪت ڪندي، جنهن کي تقريب لاءِ اعزاز جو سبب قرار ڏنو پيو وڃي.

بقايا 4 صحت کاتو

کاتي ۽ سي ڊي سي ون (CDC-I) ايچ آءِ وي/ايڊز سنڌ پروگرام ميڊيا ۾ شايع ٿيل تازين خبرن تي ڳڻتي ۽ مايوسي جو اظهار ڪيو آهي. صحت کاتي انهن خبرن کي حقيقت جي ابتڙ ۽ عوام ۾ خوف ۽ هراس پکيڙڻ جي ڪوشش قرار ڏنو آهي. ميڊيا رپورٽن ۾ 2026 جي پهرين ٽي مهينن دوران 894 نون ڪيسن ۽ 14 سال کان گهٽ عمر وارن 329 ٻارن ۾ ايچ آءِ وي جي سڃاڻپ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. صحت کاتي موجب هي ڊيٽا غير مجاز ۽ غير تصديق ٿيل ذريعن (جنهن ۾ نجي ڊاڪٽر به شامل آهن) مان ورتو ويو آهي جيڪو "ايچ آءِ وي ٽريٽمينٽ اينڊ پروٽيڪشن ايڪٽ 2013" جي ڀڃڪڙي آهي. سڀني تصديق ٿيل ڪيسن جو واحد تصديق ٿيل رڪارڊ صرف سي ڊي سي ون سنڌ وٽ محفوظ آهي. صحت کاتي واضح ڪيو آهي ته رپورٽ ٿيل ڪيسن ۾ اضافو ڪنهن ناڪاميءَ جو نتيجو نه پر تيز اسڪريننگ ۽ بهتر رپورٽنگ جو نتيجو آهي. هيئنئر تائين مجموعي طور 486,008 ماڻهن جي اسڪريننگ ڪئي وئي آهي (جنهن مان 97,935 صرف 2026 ۾ ڪئي وئي) ،صوبي ۾ آگاهي جا 5,182 سيشن منعقد ڪيا ويا.

بقايا 5 مارجي ويا

حوالي سان ٻڌايو پيو وڃي ته گهوٽڪي جو رهواسي نوجوان وڪرم لال مزدوري سانگي بلوچستان ويل هو جتي هو ٻين مزدورن سان گڏجي مزدوري لاءِ گاڏي ۾ سوار ٿي تفتان وڃي رهيو هئو ته اوچتو اڻڄاتل هٿياربند سنڌن گاڏي مٿان هٿيارن جا منهن کولي ڇڏيا، جنهن جي نتيجي ۾ مزدور وڪرم لال سميت 2 ڄڻا مارجي ويا

بقايا 6 ڪامورو قابض

جو ظهور لکڻ 3 سالن غيرقانوني ويٺل 6 مهينن کان رٽائر ملازمن جي پينشن بند، اعليٰ اختيارين نوٽيس نه ورتو. رٽائر ملازمن جي گهرن ۾ فاقاڪشي واري صورت حال ڇانيل رٽائر بيمار پيرسن ملازم پينشن نه ملڻ سبب پنهنجو علاج ڪرائڻ کان لاچار احتجاج. انصاف جي گهر. حيدرآباد ميونسپل ڪارپوريشن ۾ 19هين گريڊ جي ميونسپل ڪمشنر جي پوسٽ تي 18هين گريڊ جو ظهور احمد لکڻ غيرقانوني طور ويٺل آهي. ان سلسلي ۾ لوڪل ڪائونسل جي رٽائر ملازمن حاجي ثناءُ الله آرائين ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ صدر علي اڪبر بروهي، جنرل سيڪريٽري عبدالڪريم قريشي ۽ ٻين سان گڏ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته بلديا اعليٰ حيدرآباد ۾ ميئر ڪاشف شورو ميونسپل ڪمشنر ظهور احمد لکڻ پنهنجي بادشاهي قائم ڪري ويٺل آهن اهو ئي سبب آهي جو 745 رٽائر ملازمن ۽ انهن جون بيواهون پينشن لاءِ پريشان آهن.

بقايا 7 بحال

وڏي ايڪسپلوريشن ۽ پروڊڪشن ڪمپني (او جي ڊي سي) پنجاب صوبي جي ضلعي اٽڪ ۾ واقع جنڊ ون کوهه مان گئس جي پيداوار ڪاميابي سان ٻيهر شروع ڪري ڇڏي آهي جيڪا هڪ اهم آپريشنل ڪاميابي آهي. ريڪمپليشن ۽ ٽارگيٽيڊ اسٽيمولينشن کان پوءِ هن وقت جنڊ ون کوهه مان روزانو 21 ملين اسٽينڊرڊ ڪعبي فوٽ کان وڌيڪ گئس پيدا ٿي رهي آهي. کوهه 32/64 انچ چوڪ ذريعي 3,585 پي ايس آءِ ويل هيڊ فلوئنگ پريشر تي گئس فراهم ڪري رهيو آهي. موجوده پيداوار اڳوڻي پيداوارن جيڪا لڳ ڀڳ 7 ملين ڪعبي فوٽ روزانو هئي کان ڪافي وڌيڪ آهي. هي کوهه شروعاتي طور 2019 ۾ ڏکڻي گئس پروسيسنگ پلانٽ ذريعي پيداوار ۾ آندو ويو هو. تنهن هوندي، هن ۾ هائيڊروجن سلفائيڊ (تقريباً 8 سيڪڙو يعني 80,000 پي پي ايم) جي موجودگي سبب زهريلي گئس پيدا ٿي رهي هئي. مشڪل زير زمين حالتن ۽ زهريلي گئس جي ماحول سبب ٽيڪنيڪل خرابي پيدا ٿي وئي.

بقايا 8 زخمي

جي حد ۾ بلاول شاهه نوراني ڳوٺ ۾ الله والي مسجد جي ويجهو هڪ گهر ۾ هڪ شخص کي چاقو هڻي قتل ڪيو ويو مقتول جي لاش کي ايمبولينس ذريعي عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪراچي پوليس جي ترجمان موجب مقتول جي سڃاڻپ 30 سالن جي ملڪ مجيد الرحمان ولد مجيب الرحمان جي نالي سان ٿي آهي.

بقايا 9 فوت

سيڪشن ٿاڻي جي حد بکيرا روڊ غازي ڪالوني ۾ بجلي جي ٿنڀي مان ڪرنٽ لڳڻ سبب ڪيريا شاخ ويجهو ڳوٺ پير احمد شاهه جي رهواسڻ 10 سالا ٻارڙي حليمان خاصخيلي زخمي ٿي پئي جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو فوت ٿي وئي. ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو.

بقايا 10 انت

وارڊ نمبر 5 ڳوٺ جيٺو ڪلوٺي ديهه 192 ۾ 22 سالن جي نوجوان ناري نگينه ڌيءُ محمد حنيف ڪلوٺي ، گهرجي ڪمري ۾ رسو ٻڌي مبينا ڦاهو کائي آپگهات ڪري ڇڏيو ، اطلاع ملڻ تي ٽنڊوجان محمد پوليس سر زمين تي پهچي نينگري جو لاش پنهنجي تحويل ۾ وٺي رورل هيلٿ سينٽر پهچايو.

بقايا 11 گرفتار

جي وچ واري رات شهيد ملت روڊ هل پارڪ باغ بهار شادي هال جي ويجهو چيڪنگ دوران هڪ مبينا مقابلي ۾ هڪ ڦورو کي ماري ڇڏيو سندس لاش قانوني ڪارروائي لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو ايس ايچ او فيروز آباد انسپيڪٽر عديل افضل موجب مارجي ويل ڦورو جي سڃاڻپ 35 سالن جي عثمان عرف نور بشير عرف عثمان بنگالي ولد ابوالڪلام جي نالي سان ٿي آهي. جڏهن ته سندس هڪ ساٿي موقعي تان فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو پوليس موجب مارجي ويل جوابدار جي قبضي مان گولين سان گڏ هڪ پسٽول موبائل فون نقد رقم ۽ هڪ موٽرسائيڪل هٿ ڪئي وئي آهي. جڏهن ته سندس اڳوڻو رڪارڊ حاصل ڪرڻ ۽ فرار ٿيل جوابدار کي گرفتار ڪرڻ لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن

بقايا 12 اتفاق

شاهه جي صدارت هيٺ چيئرمين طور اسيمبليءَ جي ڪاميٽي روم نمبر 2 ۾ منعقد ٿيو اجلاس ۾ ريٽنگ اميدوارن بابت مختلف تجويزن ۽ اينڊڙ لائحه عمل جو تفصيلي جائزو ورتو ويو جڏهن ته فيصلو ڪيو ويو ته اينڊڙ اجلاس ۾ حتمي سفارشون تيار ڪيون وينديون اجلاس ۾ ريٽنگ اميدوارن کي هڪ ڀيرو ٻيهر يا ون ٽائيم موقعو ڏيڻ ٻيهر ٽيسٽ وٺڻ عمر جي حد ۾ رعايت ڏيڻ ۽ اينڊڙ سمورن استادن جي ڀرتين کي پارلياماني ڪاميٽيءَ جي نگراني هيٺ ڪرائڻ جهڙن مختلف آپشنز تي غور ڪيو ويو خصوصي ڪاميٽيءَ جي اجلاس ۾ تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه، قانون ۽ پارلياماني معاملن واري وزير ضياءَ لنجار مخالف ڌر اڳواڻ علي خورشيدي سنڌ اسيمبليءَ جي ميمبر جميل سومرو، ايم پي اي محمد شبير قريشي، وڏي وزير سنڌ جي خاص مددگار ايم پي اي تنزيلا ام حبيبه، ايم پي اي محمد راشد خان ۽ ٻين ميمبرن سميت سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد علي عباسي ۽ ٻيا آفيسر شريڪ ٿيا اجلاس ۾ اسڪول ايجوڪيشن کاتي پاران استادن جي ڀرتين، خالي جاين، ريٽنگ اميدوارن ۽ مستقبل جي پاليسي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي. اجلاس کي ٻڌايو ويو ته سنڌ ۾ 2019 دوران لڳ ڀڳ 50 هزار استادن جون خالي جايون سامهون آيون. رٽائرمينٽ ۽ وقت کان اڳ رٽائرمينٽ جي وڌندڙ رجحان کي نظر ۾ رکندي ڀرتين واري عمل جو مدو وڌايو ويو جڏهن ته 2022 ۾ وڏي پيماني تي ڀرتين جو عمل شروع ڪيو ويو جون 2025 تائين سنڌ ۾ 95 هزار کان وڌيڪ استادن کي ميرٽ ۽ شفافيت جي بنياد تي ڀرتي ڪيو ويو جنهن کي قومي سطح تي وڏي ڪاميابي قرار ڏنو ويو سنڌ اسيمبليءَ جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه چيو ته ايتري وڏي انگ ۾ شفاف ۽ ميرٽ تي استادن جون ڀرتيون سنڌ حڪومت جو تاريخي قدم آهن

بقايا 13 حافظ نعيم

ايران جي موقف جي مڪمل حمايت ڪيون ٿا. ڇاڪاڻ ته جيستائين آبنائي هرمز جو گهيراءُ ختم نٿو ڪيو وڃي، ڪنهن به قسم جو معاهدو ممڪن ناهي. هن چيو ته ڳالهين ۾ پاڪستان جون سفارتي ڪوششون قابل تحسين آهن جڏهن ته پاڪستان، سعودي عرب، ايران ۽ ترڪي تي ٻڌل گڏيل دفاعي بلاڪ جو قيام وقت جي ضرورت آهي ته جيئن امت مسلم کي مضبوط بڻائي سگهجي. حافظ نعيم الرحمن چيو ته ڊونلڊ ٽرمپ جا بيان ۽ دعوائون زميني حقيقتن جي ابتڙ ثابت ٿي رهيون آهن ۽ آمريڪا هاڻي پاڻ ڳالهين تي مجبور ٿي رهيو آهي. عالمي سطح تي آمريڪا جي ساک متاثر ٿي آهي ۽ اهو سفارتي اڪيلائي جو شڪار بڻجي رهيو آهي جڏهن ته يورپ، نيٽو ۽ خليجي ملڪن ۾ به ان جي ڪردار تي سوال اٿاري رهيا آهن. هن اعلان ڪيو ته جماعت اسلامي 25 اپريل کان سڄي ملڪ ۾ ميمبرشپ مهم جو نئون مرحلو شروع ڪري رهي آهي جيڪو ملڪ جي تاريخ جي سڀ کان وڏي مهم هوندي. هن چيو ته ڪراچي ۾ جاري ترقياتي منصوبا نااهلي، بدانتظامي ۽ ڪرپشن جو شاهڪار بڻيل آهن. يونيورسٽي روڊ ۽ ريڊ لائين منصوبي جي صورتحال عالمي سطح تي مذاق بڻجي چڪي آهي.

بقايا 14 ڪرنٽ ۾ فوت

آيل 3 معصوم ٻارڙا بجلي جي تارن ۾ ڦاسي فوت ٿي ويا ٻڌايو پيو وڃي ته چانڊيل علائقي ۾ رات جو شهدادپور سان شادي ڪرائڻ لاءِ آيل ڄڃ ۾ شامل ٻارڙا گهر جي ڇت تي رهجي ستا گهر مٿان حيسڪو قليلي سب ڊويزن جي ڪنڊوطيب جي گذرندڙ 11 هزار وولٽيج جون تارون لٽڪيل هيون بيخبر معصوم ٻارڙا تارن ۾ ڦاسي پيا جنهن جي نتيجي ۾ 3 ٻارڙا 14 سالن جو عبدالرحمان پٽ ڪامران 10 سالن جو فرحان پٽ فيروز ۽ 12 سالن جو پٽ فيروز ڦٿڪي ڦٿڪي سڙي فوت ٿي ويا. ٻارڙن جي رڙين تي گهرڀاتي پهتا پر اهي به ڪي بچائي نه سگهيا. اهڙي واقعي کان پوءِ شادي جون خوشيون ماتم ۾ تبديل ٿي ويون

بقايا 15 افسوس جو اظهار

ترجمان موجب، وزيراعليٰ سنڌ واقعي کي انتهائي افسوسناڪ قرار ڏيندي ان جو نوٽيس ورتو آهي. وزيراعليٰ سنڌ واقعي جي تفصيلي رپورٽ طلب ڪندي هدايت ڪئي آهي ته غفلت جا مرتڪب ذميوارن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي.

بقايا 16 علي حسن زرداري

مستوئي ۽ ايم پي اي سيد ابرار علي شاهه الڳ الڳ ملاقاتون ڪيون آءِ جي جيل سان ملاقات دوران صوبي جي جيلن ۾ جاري ترقياتي منصوبن، قيدين جي ڀلائي ۽ بهبود، جيل سڌارن ۽ سيڪيورٽي صورتحال تي تفصيلي ڳالهيون ٿيون. آءِ جي جيل صوبائي وزير کي کاتي جي ڪارڪردگي بابت بريفنگ پڻ ڏني. ان موقعي تي علي حسن زرداري هدايت ڪئي ته جيلن ۾ نظم و ضبط ۽ قيدين کي مهيا ڪيل بنيادي سهولتن تي ڪنهن به قسم جو سمجهوتو نه ڪيو وڃي.

بقايا 17 دوست محمد راهمون

تعمير ٿيل ۽ جديد انداز سان سينگاريل آفيس جو افتتاح ڪري ڇڏيو. ان موقعي تي سيڪريٽري ماحوليات زبير احمد چنا، اسپيشل سيڪريٽري ايان پنهور آفيسر ۽ عملي جي وڏي تعداد پڻ موجود هئي. مشير وڏي وزير جي صلاحڪار دوست محمد راهمون افتتاح کان پوءِ آفيس جي مختلف شعبن جو معائنو ڪيو ۽ فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو ورتو. ان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته سرڪاري ادارن کي جديد ۽ مؤثر بنيادن تي قائم ڪرڻ سنڌ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي ته جيئن عوام کي بهتر سهولتون مهيا ڪري سگهجن.

بقايا 18 معطل

نگرانن کي پڻ معطل ڪيو ويو صوبائي وزير يونيورسٽيز ۽ بورڊز محمد اسماعيل راهو اڄ حيدرآباد جي مختلف امتحاني مرڪزن جو اوچتو دورو ڪيو جتي وڏي پيماني تي بي ضابطگيون ڏٺيون ويون _ صوبائي وزير لطيف آباد نمبر 11 ۾ واقع گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ۽ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول ايم اي جناح ڪيمپس سميت مختلف مرڪزن جو معائنو ڪيو _ دوري دوران ڪيترائي شاگرد نقل ڪندي پڪڙا ويا جڏهن ته ڪيترن ئي شاگردن وٽان موبائل فونز ۽ نقل جو مواد پڻ هٿ ڪيو ويو _صوبائي وزيراهڙي صورتحال تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪندي فوري ايڪشن ڪندي 9 ايڪسٽرنل نگرانن جن ۾ عائشه ارم، آفت شاهد، عذرا رمضان ۽ طلعت اسحاق سميت ٻيا شامل آهن کي معطل ڪري ڇڏيو ۽ ڪيترن ئي آفيسرن جون ڊيوٽيون تبديل ڪرڻ جا پڻ احڪامات جاري ڪيا

بقايا 19 وزيراعظم

تحقيق جو سفر ٻنهي ملڪن جي پائيداري لاءِ ڳالهين ۾ نئين سگهه جو اضافو ڪندو ڪالهه خميس ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب هن اهڙن خيالن جو اظهار خلائي مشن تي ويندڙ پاڪستاني خلاباز خرم داؤد ۽ محمد ذيشان علي سان ڳالهائيندي ڪيو جن وزيراعظم سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار منصوبابندي وارو وفاقي وزير احسن اقبال اطلاعات ۽ نشريات وارو وفاقي وزير عطاءالله تارڙ خاص معاون سيد طارق فاطمي پرڏيهي سيڪريٽري آمنه بلوچ ۽ اسپارڪو جو چيئرمين محمد يوسف خان پاڪستان ۾ چين جو سفير جيانگ زائيڊونگ ۽ اسپارڪو جو خلاباز آفتاشي حسنين افتخار پڻ موجود هئا. وزيراعظم خلابازن سان ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته نوجوان خلابازن ۽ خلاباز آفتاشي سان ملي خوشي ٿي آهي.

بقايا 20 انجنيئر امير مقام

هڪ ذميدار متوازن ۽ امن پسند رياست طور پنهنجو مثبت ڪردار ادا ڪيو آهي قومون نوجوانن جي محنت، ويزن ۽ ڪردار سان بڻجن ٿيون اهڙو اظهار هن ڪالهه انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ سائنسز پشاور ۾ وزيراعظم ليپ ٽاپ اسڪيم تحت شاگردن ۾ ليپ ٽاپ ورهائڻ واري تقريب ۾ خاص مهمان طور خطاب ڪندي ڪيو وفاقي وزير چيو ته اڄ انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ سائنسز پشاور ۾ اوهان جي وچ ۾ موجود هجڻ منهنجي لاءِ اعزاز جوڳي ڳالهه آهي انسٽيٽيوٽ آف مئنيجمينٽ سائنسز پشاور اعليٰ تعليم جي ميدان ۾ هڪ نمايان ۽ قابل فخر ادارو آهي جيڪو معياري تعليم، تحقيق ۽ پيشيوراڻي تربيت کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

بقايا 21 قبضو

پهچي رهيو آهي ۽ ايران اندر سخت گير ۽ نام نهاد اعتدال پسندن جي وچ ۾ سنگين اختلاف آهن ٽرمپ چيو ته سخت گير جنگ جي ميدان ۾ بري طرح ناڪام ٿي رهيا آهن، نام نهاد اعتدال پسند اصل ۾ اعتدال پسند نه آهن پر قبوليت حاصل ڪري رهيا آهن. هن چيو ته اسان جو آبنائي هرمز تي مڪمل ڪنٽرول آهي ڪو به جهاز آمريڪي بحريه جي اجازت کان سواءِ داخل يا ٻاهر نه ٿو نڪري سگهي آبنائي هرمز کي مڪمل طور تي بند ڪيو ويو آهي ۽ سخت ناڪابندي جاري رهندي جيستائين ايران ڪو معاهدو نٿو ڪري. ٻئي طرف ايران هرمز جي آبنائي ۾ ٻن جهازن جي قبضي جي وڊيو جاري ڪئي آهي.

بقايا 22 جوابدار گرفتار

ڪراچي وڏي ڪارروائي ڪندي فراڊ ڪيس ۾ ملوث اشتهاري جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي ترجمان ايف آءِ اي موجب ترجمان ٻڌايو ته ايف آءِ اي ٽيم ڪارروائي دوران جوابدار فرخ مرزا ولد احمد کي گرفتار ڪيو جيڪو 2020ع کان گرفتاري کان بچڻ لاءِ فرار هو ۽ پاڻ کي لڪائي رهيو هو. جوابدار ايف آءِ آر نمبر 07/2020 ۾ نامزد هو جنهن تي جعلي بئنڪ اڪائونٽ کولڻ جو الزام هو. ترجمان موجب جوابدار پنهنجي ساٿين ۽ بئنڪ عملي جي ملي ڀڳت سان جعلي اڪائونٽ قائم ڪيو.

بقايا 23 اظهار

پير سيد معين الحق گيلاني ۽ ٻين وارثن سان سندن امڙ جي لاڏاڻي تي تعزيت ڪندي ڏک جي هن گهڙيءَ ۾ مڪمل يڪجهتيءَ جو اظهار ڪيو سينيٽ چيئرمين گولڙه شريف جي پير صاحب سان دلي تعزيت جو اظهار ڪندي مرحومه جي لاڏاڻي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو سيد يوسف رضا گيلاني مرحومه لاءِ خاص بخشش جي دعا ڪندي الله تعاليٰ کان سندس درجن جي بلندي ۽ جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام جي دعا ڪئي هن ڏکويل خاندان لاءِ صبر ۽ همت جي دعا ڪندي چيو ته الله تعاليٰ کين ان عظيم صدمي کي برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي سينيٽ چيئرمين چيو ته امڙ جو لاڏاڻو هڪ وڏو نقصان آهي جنهن جو خال ڀرجڻ ناممڪن آهي. هن دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحومه کي پنهنجي رحمت ۾ جاءِ عطا فرمائي ۽ سندس مغفرت فرمائي سينيٽ چيئرمين چيو ته غم جي هن گهڙيءَ ۾ پوري قوم ڏکويل خاندان سان گڏ آهي ۽ سندن ڏک ۾ برابر جي شريڪ آهي

بقايا 24 پرڏيهي ترجمان

ڪوششون ڪري رهيو آهي اها ڳالهه انتهائي افسوسناڪ آهي ته ڀارت هڪ ڀيرو ٻيهر بي بنياد الزامن ۽ پروپيگنڊه جي مهم جي ذريعي پهلگام واقعي کي پاڪستان سان ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي پرڏيهي آفيس جي ترجمان ڪالهه خميس ڏينهن جاري بيان ۾ چيو ته اها بدقسمتي جي ڳالهه آهي ته جاري علائقائي ڇڪتاڻ دوران به ڀارت پنهنجي تنگ نظر اندروني سياسي مفادن جي لاءِ پاڪستان جي خلاف ڪوڙي بيانيي کي هٿيار طور استعمال ڪري رهيو آهي هن چيو ته گذريل سال پنهنجي اجائي جارحاڻي قدمن تي "آپريشن بنيان مرصوص" جي صورت ۾ موثر جواب ملڻ ڪانپو اهڙي نوعيت جا الزام اصل ۾ خطي ۾ دهشتگردي جي مسلسل سرپرستي تي پڙدو وجهڻ جي لاءِ ڀارت جي پراڻي حڪمت عملي جو هڪ ٻيو حصو آهي

بقايا 25 مراد علي شاهه

ڏهاڙي، انگريزي ٻولي جو عالمي ڏينهن ۽ اسپيني ٻولي جو عالمي ڏينهن جي موقعي تي سندس پيغام ۾ ڪتابن ٻولين ۽ تخليقي حقن جي اهميت کي اجاگر ڪيو آهي. وزيراعليٰ هائوس مان جاري ڪيل پيغام ۾ وڏي وزير چيو ته ڪتاب علم، شعور ۽ فڪري بيداري جو بنيادي ذريعو آهن. جڏهن ته ڪتابن کي پڙهڻ سان انسان جي ذهني ۽ تخليقي صلاحيتن ۾ واڌارو ٿيندو آهي هن چيو ته نوجوانن ۾ مطالعي جي عادت پيدا ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي ڇاڪاڻ ته ڪتاب نسلن ۽ ثقافتن کي پاڻ ۾ ڳنڍين ٿا سيد مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت اردو ۽ سنڌي ادب کي عالمي سطح تي اجاگر ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي هن چيو ته سنڌي ڪتاب اسان جي تاريخ ثقافت ۽ سڃاڻپ جو قيمتي سرمايو آهن جن جو تحفظ حڪومت جي ترجيحن ۾ شامل آهي هن چيو ته ڪتابن جي عالمي ڏهاڙي ملهائڻ جو مقصد علمي دوستي کي وڌائڻ ۽ تعليمي ۽ ادبي سرگرمين کي هٿي ڏيڻ آهي ڪاپي رائيٽ بابت سنڌ جي وڏي وزير چيو ته تخليقڪارن جي حقن جو تحفظ سماجي ترقيءَ لاءِ انتهائي ضروري آهي هن غير قانوني اشاعت ۽ مواد جي چوري خلاف سخت اپاءَ وٺڻ گهرجن انگريزي ٻوليءَ جي عالمي ڏينهن بابت هن چيو ته انگريزي عالمي رابطي، تعليم ۽ سفارتڪاري ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿي هن چيو ته هي ڏينهن مشهور ليکڪ وليم شيڪسپيئر جي خدمتن جي اعتراف ۾ ملهايو ويندو آهي اسپيني ٻوليءَ جي عالمي ڏهاڙي تي ڳالهائيندي هن چيو ته ٻوليون تهذيبن وچ ۾ پل جو ڪم ڪن ٿيون هن چيو ته هي ڏينهن مشهور اسپيني ليکڪ ميگوئل ڊي سروينٽس جي خدمتن جي اعتراف ۾ ملهايو وڃي ٿو هن صلاح ڏني ته نوجوانن کي مقامي ٻولين سان گڏ عالمي ٻوليون پڻ لازمي سکڻ گهرجن آخر ۾ هن چيو ته سنڌ حڪومت تعليم ۽ ٻولين جي ترقيءَ کي هٿي ڏيڻ لاءِ اپاءَ وٺي رهي آهي ته جيئن سماج ۾ علمي ۽ ثقافتي ترقيءَ کي يقيني بڻائي سگهجي

بقايا 26 ناصر شاهه

ماڊرنائيزيشن اينڊ اينهانسمينٽ جي اعليٰ سطحي وفد جي اهم ملاقات ٿي ملاقات ۾ صوبي ۾ پراپرٽي ٽيڪس نظام کي جديد بنيادن تي استوار ڪرڻ، دائرو وڌائڻ ۽ آمدني ۾ خاطرخواهه واڌ لاءِ جامع حڪمت عملي تي غور ڪيو ويو ملاقات دوران صوبي ۾ پراپرٽي ٽيڪس جي موجوده صورتحال، پيش اينڊڙ چيلينجز، ڊجيٽلائيزيشن، ڊيٽا انٽيگريشن ۽ اداري صلاحيتن ۾ بهتري بابت تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي، ترجمان موجب وفد جي اڳواڻي سينيئر اربن اسپيشلسٽ ڊيزين سڪينا ڪري رهيو هو جڏهن ته اجلاس ۾ سيڪريٽري لوڪل گورنمينٽ، پي ڊي ڪلڪ، پي ڊي يو آءِ پي پي ڊي سوئپ، ايم ڊي سالڊ ويسٽ مينيجمينٽ ۽ ٻيا اعليٰ عملدار شريڪ ٿيا. اجلاس ۾ ان ڳالهه تي اتفاق ڪيو ويو ته پراپرٽي ٽيڪس نظام کي مڪمل طور ڊجيٽل ڪيو ويندو ملڪيتن جو جديد سروي ڪري ڊيٽابيس تيار ڪيو ويندو ۽ ٽيڪس نيٽ کي وڌائي وڌ ۾ وڌ ملڪيتن کي رجسٽر ڪيو ويندو ته جيئن آمدني ۾ پائيدار واڌ ممڪن بڻائي سگهجي. اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته پراپرٽي ٽيڪس جو دائرو مرحليوار صوبي جي سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرز تائين وڌايو ويندو جڏهن ته شهري ۽ نيم شهري علائقن ۾ سنڌ پراپرٽي ٽيڪس هڪجهڙو نظام لاڳو ڪرڻ لاءِ پاليسي قدم کنيا ويندا. اجلاس ۾ غير منقول ملڪيت جي ٽرانسفر ٽيڪس نظام جو پڻ تفصيلي جائزو ورتو ويو ۽ ان عمل کي سادو شفاف ۽ آن لائين بڻائڻ تي زور ڏنو ويو ته جيئن بدعنواني جا امڪان گهٽجي سگهن ۽ عوام کي سهولت ملي سگهي. وزير بلديات سيد ناصر حسين شاهه چيو ته ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن چنيسر سڀ کان وڌيڪ پراپرٽي ٽيڪس وصول ڪرڻ جو اعزاز حاصل ڪيو آهي جيڪو ٻين ٽائونز لاءِ مثال آهي، هن اعلان ڪيو ته بهترين ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ ٽائونز کي اضافي ترقياتي فنڊز ۽ سراهنائون ڏنيون وينديون ته جيئن ادارن ۾ مثبت مقابلي کي هٿي ملي. هن چيو ته اعليٰ ڪارڪردگي ۽ آمدني ۾ نمايان واڌ ڪندڙ آفيسرن ۽ ادارن کي انعام ۽ حوصلا افزائي ملڻ گهرجي. ناصر حسين شاهه واضح ڪيو ته حڪومت ٽيڪس وصولي جي نظام کي گراس روٽ سطح تائين وٺي وڃڻ لاءِ پرعزم آهي ته جيئن يونين ڪائونسل سطح تي مالي ۽ انتظامي استحڪام حاصل ڪري سگهجي ۽ عوام کي سندن در تي بنيادي شهري سهولتون مهيا ڪري سگهجن، هن چيو ته جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان نه رڳو شفافيت وڌندي پر آمدني ۾ ليڪيجيز کي به روڪي سگهجي ٿو هن وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت هر ان منصوبي ۽ قدم جي مڪمل حمايت ڪري ٿي جيڪو پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي ويزن مطابق عوامي ڀلائي ۽ سهولتن جي فراهمي ۾ مددگار ثابت ٿئي هن چيو ته عوام کي رليف ڏيڻ ۽ شهري خدمتون بهتر بڻائڻ حڪومت جي اولين ترجيح آهي، اجلاس ۾ ان ڳالهه تي به زور ڏنو ويو ته ٽيڪس ڏيندڙن لاءِ سهولت مرڪز قائم ڪيا ويندا آگاهي مهم هلائي ويندي ۽ شڪايتن جي ازالي لاءِ مؤثر نظام متعارف ڪرايو ويندو ته جيئن عوام جو اعتماد بحال ٿي سگهي، وزير بلديات ٻڌايو ته ورلڊ بئنڪ جي ٽيم جلد صوبي جي سمورن ضلعي هيڊڪوارٽرز جو دورو ڪندي جتي مقامي سطح تي نظام جو جائزو وٺي بهتري لاءِ سفارشون تيار ڪيون وينديون هن عمل سان نه رڳو آمدني جو بنياد وڌندو پر ترقياتي منصوبن لاءِ وسيلا به حاصل ٿيندا جنهن سان شهرين کي بهتر سهولتون مهيا ڪري سگهبيون

بقايا 27 رپورٽ طلب

سعيد خان لاکو ۾ ڊرون حملي دوران چار شهري فوت ٿيڻ واري واقعي تي سنڌ جي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار سخت نوٽيس وٺي ڇڏيو آهي. گهرو وزير ڊي آءِ جي سکر کان واقعي بابت تفصيل طلب ڪري ڇڏيا آهن. ضياءالحسن لنجار هدايت ڪئي آهي ته واقعي جي شفاف ۽ جامع جاچ ڪئي وڃي ۽ سڀني پهلوئن جو باريڪي سان جائزو ورتو وڃي. هن چيو ته ڪنهن به قسم جي غفلت يا غيرقانوني عمل کي هرگز برداشت نه ڪيو ويندو. گهرو وزير وڌيڪ هدايت ڪئي ته ذميوارن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 28 جوابدار فرار

معمولي تلخ ڪلامي جي واقعي کان پوءِ فائرنگ جي نتيجي ۾ ايف بي آر جي انسپيڪٽر شاهه مير شديد زخمي ٿي پيو آهي جڏهن ته واقعي جو ڪيس ڪلفٽن ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو آهي. پوليس موجب متاثر شخص جي ڀاءُ شاهه زيب جي مدعيت ۾ داخل ڪيل ايف آءِ آر ۾ الزام لڳايو ويو آهي ته هو پنهنجي ڀاءُ سان گاڏي ۾ وڃي رهيو هو جڏهن SPD-970 نمبر واري گاڏي سان معمولي ٽڪر ٿيو. مدعي موجب ٽڪر کان پوءِ گاڏي ۾ موجود ماڻهن طرفان گاريون ڏنيون ويون جنهن تي شاهه مير طرفان منع ڪرڻ تي جوابدار آغا شهير ۽ سندس گن مين فائرنگ ڪري ڏني. ايف آءِ آر موجب شاهه مير کي ٽنگ، ڪولهي ۽ پيٽ جي مختلف حصي ۾ گوليون لڳيون جڏهن ته مدعي پاڻ به تشدد سبب زخمي ٿيو. مدعي وڌيڪ چيو ته فائرنگ ڪندڙ شخص آغا شهير ۽ سندس ساٿي واقعي کان پوءِ فرار ٿي ويا، جڏهن ته زخمي شخص کي فوري طور اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي هو علاج هيٺ آهي. پوليس موجب واقعي جو ڪيس اقدام قتل سميت ٻين دفعات تحت داخل ڪيو ويو آهي ۽ جاچ شروع ڪري ڇڏي وئي آهي. جڏهن ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن. مدعي درخواست ڪئي آهي ته واقعي ۾ ملوث سمورن جوابدارن خلاف سخت قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي.

بقايا 29 حڪم

ٿهه روٽ پرمٽ ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽ کانسواءِ هلندڙ پبلڪ سروس گاڏين خلاف سخت ڪارروائي لاءِ سمورن ڊپٽي ڪمشنرن ۽ ضلعي ريجنل ٽرانسپورٽ اختيارين کي باضابطا طور تي لکيو ويو آهي هن چيو ته وڏي تعداد ۾ گاڏين جي روٽ پرمٽ ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽس جو مدو ختم ٿي چڪو آهي، جنهن تي لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڏني وئي آهي ته اهي سمورين گاڏين موٽر وهيڪل آرڊيننس 1965 ۽ موٽر وهيڪل رولز 1969 تحت لازمي دستاويزن سان گڏ گاڏيون روڊن تي هلايون وڃن شرجيل انعام ميمڻ چيو ته روٽ پرمٽس ۽ فٽنيس سرٽيفڪيٽس جاري ڪرڻ لاءِ ڊجيٽل نظام متعارف ڪيو ويو آهي فٽنيس سرٽيفڪيٽس مڪمل طور تي آن لائن جاري ڪيا پيا وڃن جڏهن ته شهرن اندر ۽ انٽر ڊسٽرڪٽ روٽس جا پرمٽ پڻ خودڪار نظام ذريعي ڏنا پيا وڃن ۽ جلد ئي مينوئل پرمٽس کي مڪمل طور تي ختم ڪيو ويندو. هن چيو ته هن سنڌ حڪومت ٽرانسپورٽرز کي سبسڊي ڏئي رهي آهي پر اهو شرط رکيو ويو آهي ته 27 فيبروري کان اڳ وارا ڀاڙا وصول ڪيا ويندا، ان باوجود ڪيترن ئي شڪايتون مليون آهن ته ڪيترائي ٽرانسپورٽر وڌاءُ ڀاڙو وصول ڪري شهرين جو استحصال ڪري رهيا آهن سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ لاڳاپيل اختيارين کي خصوصي چيڪنگ مهم شروع ڪرڻ بنا درست روٽ پرمٽ يا فٽنيس سرٽيفڪيٽ جي هلندڙ گاڏين خلاف فوري ڪارروائي ڪرڻ ۽ سمورين پبلڪ سروس گاڏين ۾ ڪرائي نامو نمايان طور تي لڳائڻ جي هدايت ڪئي آهي ته جيئن عوام کي مڪمل آگاهي ملي سگهي هن چيو ته اسڪول وينز ۽ انٽر ڊسٽرڪٽ پبلڪ ٽرانسپورٽ ۾ سي اين جي ۽ ايل پي جي جي استعمال تي لاڳو پابندي تي سختي سان عملدرآمد يقيني بڻائڻ جي به هدايت ڪئي وئي آهي جڏهن ته اختيارين کي واضح طور تي چيو ويو آهي ته ڪنهن به گاڏي کي مڪمل دستاويزن کانسواءِ هلڻ جي اجازت نه ڏني وڃي.

بقايا 30 نوجوان سرٽيٺنگ

حالت ۾ سول اسپتال حيدرآباد پهچايو ويو جتي سندس علاج هلندڙ آهي واقعي سبب علائقي ۾ خوف ڇانئجي ويو. رهواسين جو چوڻ هو ته چيو ويو آهي ته ڪوٽڙي سائيٽ جو امن سوڪلاڻي ويو آهي جتي روز ڪونه ڪو خطرناڪ ڏوهه ٿيندو رهي ٿو ڏوهاري جيڪي سري عام گهمن ٿا انهن مان اينڊڙ ويندڙ ماڻهو کي خوف آهي ڪيڏي مهل به ڪجهه ٿي سگهي ٿو پر پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي هنن ايس ايس پي جامشورو ۽ ايس ايڇ او سائيٽ ڪوٽڙي کي هن معاملي جو فوري نوٽيس وٺڻ جي گهر ڪئي آهي ۽ ڏوهارين کي گرفتار ڪري شهرين کي تحفظ جي پڻ اپيل ڪئي آهي.

آفيس آف دي ڊسٽرڪٽ ڪائونسل
ٽنڊو محمد خان

فون/فيڪس: 0229260723 اي ميل: districtcounciltmk123@gmail.com

No. DC/TMK/88/2026 Dated. 20/04/2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي (SPPRA) رولز 2010 (تازي ترميم تائين) تحت "هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقيڪار" (هڪ مرحلي وارا، ٻه لفافا) ذريعي آن لائن اي-پيڊس جي مدد سان دلچسپي رکندڙ فرمز / ڪمپنين / ڪانٽريڪٽرن کان آڇون گهرائجن ٿيون. اهي فرمون جيڪي (GST) FBR ۽ SRB ٽيڪس اٿارٽيز وٽ رجسٽرڊ آهن. ايڪٽو ATL اسٽيٽس رکن ٿيون ۽ پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل وٽ ڪيٽيگري C-5 يا ان کان مٿي لاڳاپيل ڪوڊس سان رجسٽرڊ آهن. اهي واڪ دستاويزن ۾ ڏنل بل آف ڪوانٽيٽيز (BOQs) ۽ تفصيلن مطابق هيٺين ڪمن لاءِ آڇ جمع ڪرائڻ جا اهل آهن.

سيريل نمبر	اسڪيم / ڪم جو نالو	تخميني لاڳت (ملين ۾)	بڊ سيڪيورٽي	ٽينڊر في	مڪمل ڪرڻ جو مدو
.1	پيرا ميڊيڪل ۽ نرسنگ اسڪول ٽنڊو محمد خان ۾ ڪاٺ جو ڪم، فرنيچر ۽ آڊيٽوريم فولڊنگ چيئرز فراهم ڪرڻ ۽ لڳائڻ.	37.8136	05%	5000	12 مهينا
.2	پيرا ميڊيڪل نرسنگ اسڪول ٽنڊو محمد خان ۾ ايلومينيم جو ڪم، اليڪٽرڪ ڪم، آءِ ٽي ڪم ۽ پلمبنگ جو ڪم فراهم ڪرڻ ۽ لڳائڻ.	28.2369	05%	5000	12 مهينا
.3	پيرا ميڊيڪل نرسنگ اسڪول ٽنڊو محمد خان ۾ فائر فائٽنگ سسٽم ۽ HVAC ڪم فراهم ڪرڻ ۽ لڳائڻ.	33.1235	05%	5000	12 مهينا
.4	پيرا ميڊيڪل نرسنگ اسڪول ٽنڊو محمد خان لاءِ PMT ۽ ڊيزل جنريٽر فراهم ڪرڻ ۽ لڳائڻ.	34.7902	05%	5000	12 مهينا
.5	پيرا ميڊيڪل نرسنگ اسڪول ٽنڊو محمد خان، ضلعو ٽنڊو محمد خان ۾ پيور بلاڪ ۽ گارڊن / لان جي اڏاوت.	14.6208	05%	5000	12 مهينا
.6	شهيد بينظير پارڪ ڊسٽرڪٽ ڪمپليڪس ٽنڊو محمد خان ۾ پيڊل ڪورٽ جي اڏاوت.	10.0	05%	5000	12 مهينا

ٽينڊر جاري ڪرڻ ۽ کولڻ جو شيڊول هيٺينءَ ريت آهي:

شمار نمبر	تفصيل	ٽينڊر جو پروگرام
	درخواستن جي وصولي ۽ ٽينڊرز جو اجراءُ	27/04/2026 کان 11/05/2026 تائين
.1	ٽينڊرن جو ڊراپنگ (جمع ڪرائڻ)	11/05/2026 صبح 09:30 وڳي
.2	ٽينڊر جو کولڻ	11/05/2026 صبح 10:30 وڳي
	جيڪڏهن 11/05/2026 تي ٽينڊر نه کليا ته:	
.1	ٽينڊرز جو ڊراپنگ	25/05/2026 صبح 09:30 وڳي
.2	ٽينڊر جو کولڻ	25/05/2026 صبح 10:30 وڳي

آڇ ڏيندڙ اميدوار (https://eprocure.gov.pk/) تان آن لائن واڪ دستاويز حاصل ڪري سگهن ٿا، جنهن لاءِ 5,000 رپيا ناقابل واپسي في پي آرڊر / ڪال ڊپازٽ جي شڪل ۾ چيف آفيسر، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٽنڊو محمد خان جي نالي جمع ڪرائڻا پوندي، جنهن تي فرم / ڪمپني جو نالو واضح لکيل هجي.

آڇ ڏيندڙ لاءِ لازمي آهي ته اهي پنهنجون آڇون اليڪٽرانڪ طور اي-پاڪ ايڪوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (E-PADS) ذريعي اپ لوڊ فنڪشن استعمال ڪندي جمع ڪرائين. آڇ جي سبميشن سان گڏ ٽينڊر في (5,000 رپيا) جي اسڪين ٿيل ڪاپي ۽ بڊ سيڪيورٽي جي اسڪين ٿيل ڪاپي شامل هجڻ گهرجي. وڌيڪ هي ته، اصل مهربند ٽينڊر في ۽ بڊ سيڪيورٽي جا دستاويز (هارڊ ڪاپي) الڳ الڳ لفافن ۾ آفيس ۾ پهچائڻا پوندا.

چيف آفيسر، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٽنڊو محمد خان جي آفيس ۾، جيڪا ڊسٽرڪٽ ڪمپليڪس مين حيدرآباد بدين هاءِ وي تي واقع آهي. سڀئي آڇون لازمي طور تي اليڪٽرانڪ طريقي سان E-PADS سسٽم ذريعي جمع ڪرائڻيون پونديون؛ جمع ڪرائڻ جو ٻيو ڪو به متبادل طريقو قبول نه ڪيو ويندو. E-PADS ذريعي جمع ڪرايل آڇون چيف آفيسر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٽنڊو محمد خان جي آفيس ۾، پروڪيورمينٽ ڪميٽي ۽ حصو وٺندڙ فرمز جي بااختيار نمائندن (جن وٽ فرم /ڪمپني جي مالڪ جو اٿارٽي ليٽر هجڻ لازمي آهي) جيڪي شرڪت ڪرڻ چاهيندا هجن جي موجودگي ۾ کوليون وينديون.

دلچسپي رکندڙ آڇ ڏيندڙ وڌيڪ ڄاڻ / وضاحت E-PADS ذريعي ۽ چيف آفيسر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٽنڊو محمد خان جي آفيس مان، آڇون جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ کان ست ڏينهن اڳ حاصل ڪري سگهن ٿا.

جيڪڏهن ڪنهن اڻٽر صورتحال جي ڪري آڇ کلڻ واري ڏينهن آفيس بند هجي يا حڪومت طرفان موڪل جو اعلان ڪيو وڃي، ته ٽينڊرز اينڊڙ ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي وقت ۽ ساڳئي هنڌ تي جمع/کوليا ويندا. ڪنهن به قسم جي شرطيا آڇ يا بڊ سيڪيورٽي کان سواءِ ڏنل ٽينڊر مقابلي جي عمل ۾ شامل نه ڪيو ويندو. پروڪيورنگ ايجنسي آڇون جمع ڪرائڻ يا کولڻ دوران پيش اينڊڙ ڪنهن به آن لائن غلطي، يا آڇ ڏيندڙ کي درپيش ٽيڪنيڪل مسئلن جي ذميوار نه هوندي.

پروڪيورنگ ايجنسي کي SPPRA جي لاڳاپيل قاعدن موجب ڪنهن به آڇ کي رد ڪرڻ جو حق حاصل آهي ۽ اها آڇ يا پروپوزل جي منظوري کان اڳ ڪنهن به وقت آڇ جي عمل کي رد ڪري سگهي ٿي، جيئن ذڪر ڪيل قاعدن جي رول 33 ۾ بيان ٿيل آهي.

1. "ٽيڪنيڪل پروپوزل" هيٺين دستاويزن تي ٻڌل هوندو:
   - i. فرم /ڪانٽريڪٽر جو نالو، قيام جو سال، پوسٽل ايڊريس ۽ ٽيليفون نمبر سان گڏ.
   - ii. فرم جو پارٽنرشپ ڊيڊ (جيڪڏهن لاڳو ٿئي ٿي).
   - iii. ٽيڪنيڪل سپروائيزري اسٽاف جا نالا، انهن جي قابليت/تجربي ۽ فرم سان گڏ رهڻ جي ثبوت سان گڏ، آڇ ڊيٽا ۾ ڏنل معيار موجب تازي ايفيڊيوٽ سان گڏ.
   - iv. مشينري ۽ سامان جو تفصيل جهڙوڪ شٽرنگ، اسڪافولڊنگ، بليڊ سان ٽريڪٽر، واٽر ٽينڪرز، ڪنڪريٽ ميڪسرز، ڪنڪريٽ وائبريٽرز ۽ روڊ رولر جيڪي هر لحاظ کان مڪمل هجن، انهن جو ماڊل، بناوٽ، حالت ۽ هنڌ جو تفصيل ڏنو وڃي. مالڪي جو ثبوت / ليز ايفيڊيوٽ فراهم ڪرڻ لازمي آهي. (تفصيل آڇ ڊيٽا ۾ ڏنل معيار موجب هجن).
   - v. ساڳي نوعيت جي منصوبن ۽ جنرل ورڪس جو تعداد جيڪي هٿ ۾ آهن يا مڪمل ڪيا ويا آهن. (تفصيل آڇ ڊيٽا ۾ ڏنل معيار موجب هجن).
   - vi. آڇ ڏيندڙ جو FBR ۽ SRB جي ايڪٽو ٽيڪس پيئر لسٽ (ATL) ۾ هجڻ لازمي آهي. (لازمي).
   - vii. اي-اسٽامپ پيپر تي انڊرٽيڪنگ/ايفيڊيوٽ ته فرم ڪنهن به قانوني تڪرار ۾ ملوث ناهي، ۽ ماضي ۾ ڪو به ڪم منسوخ نه ڪيو ويو آهي. (آربيٽريشن/ليٽيگيشن ۾ ويل ڪيسن جي لسٽ ۽ اهي ڪم جن ۾ ڊنڊ لڳايو ويو هجي، جيڪڏهن آهن ته، منسلڪ ڪيا وڃن).
   - viii. مالي مضبوطي جو تفصيل (گذريل ٽن سالن جا آڊٽ ٿيل مالي گوشوارا جيڪي QCR-ICAP فرم پاران جاري ڪيل هجن ۽ بئنڪ اسٽيٽمينٽ جمع ڪرائي وڃي).
   - ix. اي-اسٽامپ پيپر تي انڊرٽيڪنگ/ايفيڊيوٽ ته فرم ڪڏهن به ڪنهن به حڪومتي يا نيم حڪومتي اداري پاران بليڪ لسٽ نه ڪئي وئي آهي.
   - x. اي-اسٽامپ پيپر تي انڊرٽيڪنگ/ايفيڊيوٽ ته فرم ڪڏهن به ڪنهن به خودمختيار اداري، حڪومتي يا نيم حڪومتي اداري ۾ ڪنهن قانوني تڪرار ۾ ملوث ناهي رهي ۽ نه ئي ڪو ڪم منسوخ ٿيو آهي.
   - xi. اي-اسٽامپ پيپر تي انڊرٽيڪنگ/ايفيڊيوٽ ته آڇ ۾ مهيا ڪيل سڀ دستاويز اصلي، سچا ۽ درست آهن.
   - xii. پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل (PEC) جي صحيح رجسٽريشن جي ڪاپي. ڪا به اضافي معلومات يا دستاويز جيڪي فرم پنهنجي درخواست جي حمايت ۾ پيش ڪرڻ چاهي.
   - xiii. ٽينڊر دستاويز ۾ موجود اپينڊڪس-E.
   - xiv. بئنڪ اسٽيٽمينٽ يا تعميراتي ڪمن جو ساليانو ٽرن اوور جيڪو تخميني لاڳت/پيش ڪيل آڇ جي قيمت جي برابر يا ان کان وڌيڪ هجي، جيئن SPPRA رولز 2010 (تازي ترميم تائين) جي لاڳاپيل قاعدن تحت گهربل آهي.
   - xv. ڪانٽريڪٽر کي لازمي طور تي گذريل 3 سالن جا SRB ٽيڪس ريٽرنز جمع ڪرائڻا پوندا.
   - xvi. ڪانٽريڪٽر کي لازمي طور تي گذريل 3 سالن جا FBR ٽيڪس ريٽرنز جمع ڪرائڻا پوندا.
   - xvii. ڪانٽريڪٽر کي لازمي طور تي گذريل 3 سالن جي آڊٽ رپورٽ جمع ڪرائڻي پوندي.
   - xviii. بئنڪ اسٽيٽمينٽ ۾ NIT جي تاريخ تي بئنڪ اڪائونٽ ۾ رقم جو 50% هجڻ گهرجي جنهن لاءِ ڪانٽريڪٽر اپلاءِ ڪري رهيو آهي.
2. "فائنانشل پروپوزل" ۾ هيٺيان دستاويز هجڻ گهرجن:
   - i. قيمت BOQ.
   - ii. بڊ سيڪيورٽي ايٽ آڇ ڪيل رقم جو 5%، ڪال ڊپازٽ جي شڪل ۾ (بڊ سيڪيورٽي صرف ڪال ڊپازٽ جي شڪل ۾ قبول ڪئي ويندي) پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ مان، جيڪا "چيف آفيسر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٽنڊو محمد خان" جي حق ۾ هجي.
3. دلچسپي رکندڙ فرمون واڪ دستاويز بشمول BOQ، قابليت جو معيار ۽ آڇ لاءِ هدايتون هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان ڪم جي ڪلاڪن دوران (صبح 09:00 کان شام 04:00 تائين) خريد ڪري سگهن ٿيون، يا واڪ دستاويز E-PADS تان 5,000 رپيا (ناقابل واپسي) في جي ادائيگي تي ڊائون لوڊ ڪري سگهن ٿا، جيڪا واڪ دستاويز جمع ڪرائڻ وقت چيف آفيسر ڊسٽرڪٽ ڪائونسل ٽنڊو محمد خان جي نالي پي آرڊر ذريعي ادا ڪئي ويندي.
4. فنانشل آڇ صرف انهن فرمن جي کولي ويندي جيڪي ٽيڪنيڪل طور تي اهل قرار ڏنيون وينديون؛ نااهل قرار ڏنل فرمن جون فائنانشل آڇون بنا کولڻ جي واپس ڪيون وينديون.
5. مٿي ذڪر ڪيل ڄاڻ / تفصيل ۾ ڪا به ڳالهه لڪائڻ جي صورت ۾ فرم / ڪانٽريڪٽر کي نااهل قرار ڏنو ويندو.
6. اڻپوري ڄاڻ جي صورت ۾، آڇ رد ڪئي ويندي ۽ ان کي جانچ لاءِ غور هيٺ نه آندو ويندو
7. پروڪيورنگ ايجنسي وٽ حق محفوظ آهي ته اها SPPRA رول نمبر 33 تحت منظوري کان اڳ ڪنهن به وقت ڪنهن به يا سڀني درخواستن کي رد ڪري سگهي ٿي.

بڊ جو ڪارآمدي مدو **90** ڏينهن آهي.

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

اشوڪ ڪمار
چيف آفيسر
ڊسٽرڪٽ ڪائونسل
ٽنڊو محمد خان

INF/KRY/1573/2026

Oil & Gas Development Company Limited

OGDCL the energy

INVITATION TO E-BID
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-ARIBA Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules;

SR #	TENDER NUMBER	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LC-PT-PNP-JM-COOLANT-319152979-2026	SUPPLY OF COOLANT	11.05.2026 at 1130 Hrs
2.	OGDC-SCM-LH-PT-RM-319265301-2026	SUPPLY OF MS SHEETS, GRATINGS, CHEQUERED SHEETS, U-CHANNELS AND ANGLE IRONS	11.05.2026 at 1130 Hrs
3.	OGDC-SCM-LH-PT-RM-319323514-2026	SUPPLY OF AIR CONDITIONERS	12.05.2026 at 1130 Hrs
4.	OGDC-SCM-LH-PT-PNP-319222935-2026	SUPPLY OF FILTER ELEMENTS	13.05.2026 at 1130 Hrs
5.	OGDC-SCM-LH-PT-PNP-319239314-2026	SUPPLY OF MISCELLANEOUS FIELD INSTRUMENTS	14.05.2026 at 1130 Hrs

EXTENSION IN BID
CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice published in newspaper(s) on **10.04.2026**, it is notified that the bid submission/opening date of the following case (s) has been extended as follows:

SR #	TENDER NO	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDC-SCM-LF-PT-D(RM)-318168624-2026	MUD TANK SYSTEM AND PRE-QUALIFICATION FOR DESIGN, FABRICATION OF PROCESS VESSELS	11.05.2026 at 1130 HRS

3. Bidders who have already submitted and sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date/ time.
5. Tender Notice and detailed instructions are available on PPRA website at www.ppra.org.pk.
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders or discovery.ariba.com/profile/AN01562899621. For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33.

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDC Headquarters, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue,
Blue Area Islamabad-Pakistan.
Ph: +92 (51) 92002 3652 / 3780

ogdcl.com
No.200/47

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION | WE EXPLORE PROSPERITY

روزاني عبرت

سويوديرو ۾ مختلف پاڙن جي رهواسين جو احتجاج

سويوديرو (ن ع) جسرو محلا گوٺ جمن خان مغيري، سيال ۽ لوهار محلا چوهان محلا شيخ محلا گلبهار جسري استاد محبوب وسان فدا جسرو ۽ ٻين احتجاج دوران ميڊيا کي ٻڌايو ته انهن جي علائقن ۾ صفائي نيڪال ۽ پاڻي جي فراهمي جو نظام خراب آهي ۽ روهڙي ڪينال کان ريلوي اسٽيشن ۽ نانگيراجا ڪنيڪشن روڊ خراب آهي جنهن جي ڪري حادثا، موٽرسائيڪلن جا اسپيئر پارٽس ۽ ٽائر پنڪچر ٿي ويا آهن راڻي پور ٽائون ڪميٽي انتظاميا علائقي جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ ۾ لاپرواهي ۽ لاپرواهي ڏيکاري رهي آهي ۽ سياستدان پنهنجن ووٽرن کان ووٽ وٺڻ کان پوءِ غائب ٿي ويا آهن.

گڏيجي مائينر ۾ پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ

گڏيجي (ن ع) گڏيجي مائينر ۾ ووٽن جي فصل جي پوکائي کان اڳ ئي آبپاشي ڪاتي جي عملدارن گڏيجي شاخ ۾ پاڻي هٽرادو بند ڪري پاڻي جي ڪوٽ ڏڪاري رهيا آهن جنهن سبب سوين ايڪڙن تي پوکيل ڪمند،سبزين جا فصل ۽ ڪيلن،ليمن جا باغ پاڻي نه هجڻ جي ڪري ڪين کي ڪاپاري نقصان ٿي رهيو آهي ۽ سڪڻ لڳا آهن ٻئي طرف ووٽنز جي فصل جي پوکائي پڻ متاثر ٿي رهي آهي هتان جي آبادگارن محمد اعظم،عبدالجبار ۽ ٻين اخبار وارن سان ڳالهائيندي چيو ته گڏيجي مائينر ۾ روهڙي ڪئنال تي مقرر ٿيل تنديل جاڻي واڻي پاڻي بند ڪري ٿو ۽ رشوت عيوض گڏيجي مائينر ۾ پاڻي ڏئي رهيو آهي

گورنمينٽ بوائز سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ ڪتاب تقسيم

شهدادڪوٽ(ذ ر) گورنمينٽ بوائز سنگل سيڪشن هاءِ اسڪول شهدادڪوٽ ۾ تعليم ڪاتي پاران ٻارڙن لاءِ موڪليل مفت درسي ڪتاب ٽي اي او سيڪنڊري ميل عبدالقيوم سومرو اسڪول جي هيڊ ماستر غلام نبي قريشي ۽ ايس ايم سي جي چيئرمين ۽نالي واري سماج سڌارڪ اڳواڻ خدا دوست بروهي ٻارڙن ۾ ورهايا ان موقعي تي ڳالهائيندي ٽي اي او سيڪنڊري ميل عبدالقيوم سومرو هيڊ ماستر غلام نبي قريشي ۽ چيئرمين خدا دوست بروهي چيو ته ٻارڙن لاءِ مفت درسي ڪتاب جي موجودگي ۽ ورهاست ڪري خوشي محسوس ڪري رهيا آهيون هي سنڌ سرڪار خاص طور تعليم ڪاتي جو انقلابي قدم آهي

آفيس آف دي مختيارڪار تعلقه هالا ضلع مٽياري

روانگي نمبر: 297 تاريخ: 2026_04_01

نوٽيس عام اطلاع

جيئن ته سنڌ صوبي جي حقن جي رڪارڊ جي آخري پيرو تصحيح ۽ تصديق 1985_86 دوران سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 تحت ڪئي وئي آهي ۽ ان کان پوءِ ڪا به سرگرمي نه ڪئي وئي آهي.

2. درستگي کي يقيني بنائڻ سالميت برقرار رکڻ حقن جو رڪارڊ درست ڪرڻ ۽ زمين جي رڪارڊ کي ڊيٽل ڪرڻ جي مقصدن سان بورڊ آف روينيو سنڌ 28 فيبروري 2025 جي پنهنجي مڪمل بورڊ جي اجلاس ۾ صوبي ۾ زمين جي رڪارڊ جي هڪ خاص نظرثاني (پيهر لکڻ) ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي. جنهن جي شروعات ضلع مٽيار ۽ تعلقه هالا ۾ ديهه جهرڪي ۾ هڪ پائلٽ پروجيڪٽ سان ٿي رهي آهي.

3. اهڙي طرح بورڊ آف روينيو سنڌ حقن جي رڪارڊ کي هڪ مضبوط ۽ معياري رڪارڊ کي يقيني بنائڻ ۽ ان کي ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي جي ذريعي آسان بنائڻ لاءِ هڪ خاص نظرثاني (پيهر لکڻ) جي سرگرمي شروع ڪئي آهي.

4. تنهنڪري سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 40 پاران ڏنل اختيارن کي استعمال ڪندي بورڊ آف روينيو سنڌ حيدرآباد تاريخ 2026_02_12 نمبر Rev_1_11/36/2026/Misc/R.W/BOR حڪم ڏنو آهي ۽ هدايت ڪئي آهي ته تعلقه هالا ديهه جهرڪي تعلقه هالا ضلعي مٽياري جي حوالي سان حق جي رڪارڊ جي هڪ خاص نظرثاني/ تصحيح ۽ تصديق ڪئي وڃي.

5. حڪم هيٺ تصديق ۽ تصحيح ٿيل رڪارڊ سنڌ لينڊ روينيو ايڪٽ 1967 جي سيڪشن 42 جي ذيلي سيڪشن (11) (12) ۽ (13) جي تحت مقرر ڪيل طريقيڪار جي فريم ورڪ لڳاپيل مختيارڪار ۽ پهرين گريڊ جي لاڳاپيل اسسٽنٽ ڪليڪٽر طرفان صحيح طور تي تصديق ٿيل هوندو.

6. مٿين حوالي مطابق هيٺ ديهه جهرڪي تعلقه هالا ضلع مٽياري جي ڪاتيدارن جي نالا، سروي نمبر ۽ انهن جي ايراضي ڏجي ٿي ڪنهن به ملڪيت، سروي نمبر، ايراضي يا ٻي ڪنهن ڳالهه تي اعتراض هجي ته مختيارڪار آفيس ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر تعلقه هالا جي آفيس ۾ 15 ڏينهن جي اندر اعتراض داخل ڪرائيندا. ٻي صورت ۾ جاٿايل رڪارڊ واسطيدارن جي نالي سان پيهر لکيو (ري رائيٽ) ڪيو ويندو.

ديهه جهرڪي تپو هالا تعلقه هالا ضلعه مٽياري

س نمبر	نالو ڪاتيدار جو	حصو	سروي نمبر	ايراضي	حص موجب ايراضي	داخلا نمبر
1	اسد الله ولد حاجي محمد حسين 41301_9061115_3	1_00	432 433 434 435 436 437 438 439 جوڙ	1_20 1_31 1_17 4_24 0_32 1_24 4_27 2_24 18_39	18_39	13
2	تنوير علي ولد غلام رفيق 41802_0661132_3 عبدالمجيد ولد غلام فريد ارباب 41802_0634755_3	1_00 1_00	46 47 جوڙ	6_03 5_39 12_02	6_03 5_39 12_02	21
3	عبدالڪريم عرف نديم ولد محمد صالح 41301_4623967_3 نويد احمد ولد محمد صالح 41301_9853519_3 عقيل احمد ولد محمد صالح لاڪو 41301_8482848_1 ساجد احمد ولد محمد صالح لاڪو 41301_8758325_3 عنبرين ڌيءَ محمد صالح لاڪو 41301_0410543_6 رحمت خاتون بيوه محمد صالح لاڪو 41301_3469284_0	0_19 44/100 0_19 44/100 0_19 44/100 0_19 44/100 0_9 72/100 0_9 72/100 1_00	51 52 جوڙ	5_32 4_24 10_16	2_00 87/100 2_00 87/100 2_00 87/100 2_00 87/100 1_00 52/100 1_12 10_16	22
4	اعجاز حسين ولد محمد عارب ارباب 41301_0117444_5 منيب ولد اعجاز حسين ارباب 41301_4492772_3	0_50 0_50 1_00	11 24 25 26 27 جوڙ	2_13 1_31 0_20 3_07 7_18 15_09	7-24 ½ 7-24 ½ 15-09	19 04
5	قاضي نعيم اختر ولد قاضي محمد تقي 41303_1548993_3 قاضي سهيل اختر ولد قاضي محمد تقي 44204_2677241_5	0_50 0_50 1_00	112 116 418 جوڙ	4_33 4_37 0_29 10_19	5-09 ½ 5-09 ½ 10-19	18
6	غلام فريد ولد محمد سومار 41301_6358212_7 غلام شبير ولد محمد سومار غلام رفيق ولد محمد سومار 41301_6923229_9 غلام رشيد ولد محمد سومار 41301_1969687_7 صاحبڏنو ولد محمد سومار 41301_6410816_7 مسمات ڪڪوزال محمد سومار مسمات شريفان ماءُ محمد سومار	0-14 ½ 0-14 ½ 0-14 ½ 0-14 ½ 0-14 ½ 0-12 0-16 1-00	19 20 42 جوڙ	1_05 8_35 7_38 17_38	17-38	17
7	عشرت ولد حاجي الهڏنو ميمڻ 41303_6204114_7	1-00	443	2_06	2_06	
8	صاحبڏنو ولد محمد عارف 42501_1457060_7 الله بخش ولد محمد عارب اعجاز حسين ولد محمد عارب منظور حسين ولد محمد عارب مسمات هدايت ڌيءَ محمد عارب مسمات شمير ڌيءَ محمد عارب مسمات نسيم ڌيءَ محمد عارب مسمات خورشيد ڌيءَ محمد عارب	0-16 2/3 0-16 2/3 0-16 2/3 0-16 2/3 0-08 1/3 0-08 1/3 0-08 1/3 0-08 1/3 1-00	22 28 جوڙ	7_11 7_22 14_33	14_33	01
9	رجب علي ولد عبدالرزاق لال پري ڌيءَ عبدالرزاق صائمه ڌيءَ عبدالرزاق محمد بخش ولد مصري ماڇي محمد بخش ولد مصري ماڇي	0-11 16/100 0-5 58/100 0-31 7/9 0-45 23/45 1-00	369 370 جوڙ	4_03 4_29 8_32	1_00 0_20 0_20 2_32 4_00 8_32	02 04 05
10	الله بخش ولد عارب هالو	1-00	48 49 جوڙ	6_36 7_16 14_12	14_12	01
11	ايوب ولد اچڻ ميمڻ	1-00	14	2_34	2_34	02
12	الهڏنو ولد صديق	1-00	124	3_23	3_23	03
13	حسين بخش ولد عبدالصمد ميمڻ	1-00	45 54 جوڙ	7_18 4_25 12_03	12_03	05
14	حاجي حزب الله ولد حافظ احمد	1-00	15	2_00	2_00	06
15	سومار ولد حاجي شيدي	1-00	257 258 جوڙ	5_20 7_04 12_24	12_24	08
16	صاحبڏنو ولد عارب	1-00	259 260 جوڙ	8_26 5_25 14_11	14_11	11
17	صاحب خاتون زال ميهل محمد علي ولد ابراهيم	0-75 0.25	50 114	9_24 0_31	15_33	13

19	علي محمد ولد حاجي احمد ميمڻ مخدوم غلام محي الدين ولد پنيلڏو اعجاز حسين ولد غلام رسول ڏيءَ مخدوم غلام رسول اهليه مخدوم غلام رسول مخدوم مولابخش ولد الهه اوڀايو منظور حسين ولد مولا بخش تراب علي شاهه ولد غلام سرور شاهه ڏنو شاهه ولد غلام سرور اهليه مخدوم غلام سرور	0-50 1-16 2/3 0-07 3/10 0-3.64 0-2.08 0-0.91 0-2.73 0-7.29 0-7.29 0-2.08 1-00	255 256 جوڙ	7_34 0_39 8_33	8_33	
20	عمر ولد خميسو هالو	1-00	16	5_34	5_34	16
21	علي محمد ولد محمد هاشم عبدالرحمان ولد محمد هاشم	0-50 0-50 1-00	12 13 جوڙ	1_28 1_24 3_12	3_12	19
22	گولو ولد صاحبڏنو (مکيه ڪٽنب جو)	1-00	126	3_34	3_34	22
23	ميرل ولد مگيو هالو	1-00	23	9_18	9_18	24
24	ميوو ولد بهادر گبول حاجي الهه بچايو ولد گوهر	0-50 0-50 1-00	431	1_18	1_18	29
25	محمد علي ولد سهراب	1-00	359	2_01	2_01	30
26	وڪيو ولد حاجي ميربحر	1-00	442/A 442 جوڙ	1_01 2_14 3_15	3_15	31
27	محمد صالح ولد محمد قاسم ارباب	1-00	21	9_14	9_14	23
28	**بيلو** **گورنمينٽ نوٽيفڪيشن نمبر 5283 تاريخ 1990_08_24 جناب ايڊيشنل ڪمشنر 1 حيدرآباد جي ليٽر 1452 تاريخ 1998_05_12 جناب ڊويزنل فاريسٽ جي ليٽر 2166 تاريخ 1998_05_12 ۽ مختيارڪار جي حڪم نمبر.... تاريخ 1998_05_19 موجب داخلا رڪي وئي آهي**	1-00	252 253 254 261 262 263 264 265 266 267 268 274 275 276 277 278 279 280 281 282 283 284 285 286 287 288 289 290 291 292 293 294 295 296 297 298 299 300 301 302 303 304 305 306 307 308 309 310 312 313 314 315 316 317 318 319 320 321 322 323 324 325 326 327 328 329 330 331 332 333 334 335 336 337 338 339 340 341 342 343 344 345 346 347 348 349 350 351 352 353 354 355 356 357 358 371 360 361 362 363 364 365 366 367 368 371 396 397 398 399	6_23 8_10 3_33 4_08 3_06 4_05 9_33 7_11 9_14 3_18 5_29 2_37 5_26 8_18 9_03 9_18 2_33 8_34 5_03 4_07 7_04 9_17 9_17 7_29 6_15 7_39 6_21 6_00 0_29 9_22 9_23 4_01 6_12 7_36 7_20 2_17 8_19 7_24 6_27 9_28 2_33 3_24 6_27 4_13 6_29 9_18 5_35 8_14 4_07 9_28 7_12 7_04 2_33 7_11 9_35 7_06 5_20 3_15 7_23 5_27 7_00 6_27 6_03 7_29 2_16 8_39 8_27 8_04 2_22 9_05 3_10 7_35 7_22 2_22 9_39 9_25 4_08 8_04 5_31 7_17 6_31 4_34 9_34 3_35 4_22 6_12 7_25 6_31 6_17 6_11 5_01 0_31 4_22 2_38 2_31 5_06 7_12 7_36 7_20 7_38 5_20 2_30 3_07 8_36 7_26 3_39 98_9 6_13 6_05 5_28	779_33	

مختيارڪار (روينيو)
تعلقه هالا

INF/KRY. NO: 1545/2026

سجاول ۾ ٻه ڪتابن جو عالمي ڏينهن ڀرپور نموني ملهايو ويو

سرويچ سجاولي سنڌ گورنمينٽ لائبريري سجاول ۾ هڪ پروقار سيمينار

ڪتاب انسان جي شعور کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ سماج جي بهتري ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا: مقررين

سجاول (ذ ر) ثقافت کاتي حڪومت سنڌ جي صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه ۽ ڊائريڪٽر جنرل لائبريريز سنڌ هدايت الله راڄڙ جي خاص هدايتن تي سڄي صوبي جيان سجاول ۾ به ڪتابن جو عالمي ڏينهن ڀرپور نموني ملهايو ويو ان سلسلي ۾ سرويچ سجاولي سنڌ گورنمينٽ لائبريري سجاول ۾ هڪ پروقار سيمينار منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر سجاول ڪميل احمد آرائين لائبريرين زبير جعفراڻي ماهر تعليم محمود ڪٽي، سنڌ جي نالبواري شاعر اياز امر شيخ ۽ شاهد جعفراڻي سميت استادن شاگردن ۽ علمي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي سيمينار کي خطاب ڪندي مقررن ڪتابن جي اهميت، مطالعي جي عادت کي هٿي ڏيڻ ۽ علم جي واڌاري ۾ لائبريرين جي ڪردار تي روشني وڌي. هنن چيو ته ڪتاب انسان جي شعور کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ سماج جي بهتري ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. تنهنڪري نوجوان نسل کي ڪتابن سان ويجهڙائپ وڌائڻ گهرجي ان موقعي تي شاگردن ۽ استادن پڻ پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي مطالعي جي اهميت کي اجاگر ڪيو ۽ اهڙين علمي سرگرمين کي وقت جي ضرورت قرار ڏنو تقريب آخر ۾ علمي ۽ ادبي سرگرمين جي واڌاري لاءِ گڏيل ڪوششن کي وڌيڪ موثر بڻائڻ جي عزم جو اظهار ڪيو ويو ٻئي پاسي ڪتابن جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي قديمي پبلڪ لائبريري حاجي عبدالعزيز ميندرو پبلڪ لائبريري ٽائون ڪميٽي سجاول ۾ ڏهاڙو ملهايو ويو جنهن ۾ شهرين اديبن ليکڪن ۽ شاگردن شاگردياڻين 65 هزار انمول ڪتابن ماڻ اسلامي، سي ايس ايس انجنيئرنگ ميڊيڪل قانون ۽ مختلف ڪتابن جو مطالعو ڪيو حاجي عبدالعزيز ميندرو پبلڪ لائبريري ٽائون ڪميٽي سجاول ۾ ڪتابن جي عالمي ڏينهن تي شاندار تقريب ٿي گڏري پبلڪ لائبريري جي الماڙين ۾ محفوظ انمول ڪتابن ۽ 26 ٻولين ۾ ترجمو قرآن مجيد جون زيارتون ڪرايون ويون سجاول شهر جي چانڊيا اسڪول جي استادن ۽ شاگردن تقريب ۾ ڀرپور حصو ورتو.

سکر جي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول نيو پنڊ ۾ مبينا ڪرپشن ۾ احتجاج

سينئر هيڊ ماستر غلام اڪبر شيخ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو

ماضي ۾ به ڪرپشن خلاف موقف اختيار ڪرڻ تي سنڌس ڪيترائي بدليون ڪيون ويون: غلام اڪبر

سکر (بيورو رپورٽ) گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول نيو پنڊ ۾ مبينا ڪرپشن ۽ غير قانوني فيس وصولي خلاف آواز اٿارڻ تي سينئر هيڊ ماسٽر غلام اڪبر شيخ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ اعليٰ اختيارين کان فوري انڪوائري جو مطالبو ڪيو آهي. هيڊ ماسٽر غلام اڪبر شيخ ميڊيا کي ٻڌايو ته 20 اپريل 2026 تي عملي جي ڪلاجاڻي دوران هن شاگردن کان امتحاني فيس جي نالي تي 3 کان 5 هزار رپيا ناڻين مبينا غير قانوني وصولي جو معاملو اٿاريو. سنڌس چوڻ مطابق ان تي استاد محمد پناهه سومرو ۽ هڪ ساٿي طرفان کيس خاموش رهڻ ۽ مبينا طور ان عمل ۾ حصو وٺڻ جي آڇ ڪئي وئي، جيڪا هن رد ڪئي.هيڊ ماسٽر جو چوڻ آهي ته انڪار ڪرڻ تي کيس مبينا طور گارگند، هراسان ڪرڻ ۽ سنگين ڌمڪيون ڏنيون ويون جڏهن ته نوڪري مان هٽائڻ جون به ڌمڪيون مليون آهن. هن وڌيڪ چيو ته ماضي ۾ به ڪرپشن خلاف موقف اختيار ڪرڻ تي سنڌس ڪيترائي بدليون ڪيون ويون آهن.واقعي جي اکين ڏٺن شاهدن ۾ استادن سان گڏ شهري بشير ميراڻي ۽ محمد رفيق ڪلهوڙو جا نالا به شامل ٻڌايا پيا وڃن. احتجاج دوران غلام اڪبر شيخ مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف انڪوائري ڪئي وڃي ملوث ماڻهن خلاف پاڪستان پينل ڪوڊ تحت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کيس تحفظ فراهم ڪيو وڃي ته جيئن هو بنا خوف پنهنجي ذميواريون سرانجام ڏئي سگهي. ٻئي پاسي ڊائريڪٽر اسڪول ايجوڪيشن سکر ريجن شهاب الدين انڊڙ واقعي جو نوٽيس وٺندي لاڳاپيل استادن کان لکت ۾ وضاحت طلب ڪري ورتي آهي. هن چيو ته جيڪڏهن ڪرپشن يا غفلت ثابت ٿي ته سخت ڪاتيوار ڪارروائي ڪئي ويندي.تعليمي ۽ سماجي حلقن واقعي تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي مطالبو ڪيو آهي ته تعليمي ادارن ۾ شفافيت، ميرٽ ۽ استادن جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي ته جيئن شاگردن جو تعليمي ماحول متاثر نه ٿئي.

گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن اسڪول پير ذاڪري سکرنڊ ۾ تقريب

والدين پنهنجي ٻارن کي صاف سٿرو رکڻ ۽ ڊريس شوز جو پابند ڪن: غلام مجتبيٰ ڪوسو

آن لائن سسٽم آهي اسان کان پڻ پڇاڻو ٿئي ٿو ادارو هر ٻار کي هر مهيني 2 هزار ڏئي ٿو

سکرنڊ (ن ع) گورنمينٽ اسپيشل ايجوڪيشن اسڪول پير ذاڪري سکرنڊ ۾ ساليانو انعام ورهائڻ واري شاندار تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ ٻارن جي والدين ڪانسواءِ مختلف مڪتب فڪر جي شخصيتن شرڪت ڪئي جڏهن ته سنڌ ٿنڪرس فورم جو چيئرمين سيد محمد منير شاهه مهمان خاص طور شريڪ هو ان موقعي تي استاد نظير قيصراڻي ٽريبيوار مهمانن کي اسٽيج تي گهرائي ويچار ورنا ان کان اڳ اسپيشل اسڪول جي وائيس پرنسپال غلام مجتبيٰ ڪوسو آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو ۽ پروگرام جو مقصد ٻڌائڻ سان گڏ والدين کي اپيل ڪئي ته هو ٻارن کي صاف سٿرو رکڻ ۽ ڊريس شوز جو پابند ڪن ڇاڪاڻ جو آن لائن سسٽم آهي اسان کان پڻ پڇاڻو ٿئي ٿو ادارو هر ٻار کي هر مهيني 2 هزار ڏئي ٿو اهي ٻار تي ئي والدين کي خرچ ڪرڻ گهرجن آخر ۾ صدارتي خطاب ڪندي سيد محمد منير شاهه چيو ته جڏهن به هن اداري ۾ اچڻ ٿيندو آهي تڏهن خوشي محسوس ٿيندي آهي هتي جا استاد ٻارن کي مائٽن جيان پنهنجو اولاد سمجهي تعليم ۽ تربيت ڪري رهيا آهن هن چيو ته چونڊيل نمائندن کي گهرجي ته هن اسڪول جي مالڪي ڪن جيڪي بنيادي ضرورتون آهن اهي پوريون ڪيون وڃن جنهن ۾ استادن ۽ عملي جي ڪوٽ سميت ڪئي شيون شامل آهن هن ضلعي انتظاميه جو پڻ ڌيان ڇڪائيندي چيو ته اهي به هن اسڪول جي سار سنڀال لهن سينيئر صحافي قاضي جاويد سنائي ڳالهائيندي چيو ته هن اسڪول کي هائير سيڪنڊري جو درجو ڏنو وڃي ته جيئن اسپيشل ٻار پنهنجي پڙهائي جاري رکي سگهي پروگرام جي پڄاڻي تي مهمانن هٿان ٻارن کي انعام ڏياريا ويا جڏهن پروگرام ۾ شرڪت ڪئي انهن ۾ سکرنڊ پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح سينيئر صحافي ولي محمد پٽي قربان عمراڻي بشير لاشاري ۽ عبدالحميد آرائين شامل هئا ان موقعي تي اسپيشل اسڪول جي استاد محمد سليم ڪبريو ممتاز علي چانڊيو محمد علي ڏيهي احمد علي پٽي عبدالستار مگسي سيد محمد صادق شاهه دلبر بروهي ۽ نثار مگسي آيل مهمانن جو آڌر ڀاءُ ڪيو جڏهن ته مس نسيم ناز ڊلو اسپيل ٻارن جي نگراني ڪئي.

گڏاپ جي چيئرمين جي سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن جي وفد سان ملاقات

عوامي مسئلن ۽ سماجي ڀلائي جي منصوبن بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي

سماجي تنظيمون معاشري جي ترقي ۾ ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکن ٿيون: طارق عزيز بلوچ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ، ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز سان گڏ گڏاپ ٽائون آفيس ۾ سوشل ويلفيئر آرگنائيزيشن جي وفد سان ملاقات ڪئي. ان موقعي تي آفيسر ماليات افتخار حسين دايو پڻ موجود هو. ملاقات دوران وفد گڏاپ ٽائون ۾ جاري فلاحي سرگرمين عوامي مسئلن ۽ سماجي ڀلائي جي منصوبن بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ان موقعي تي چيئرمين طارق عزيز بلوچ وفد جي ڪوششن کي ساراهيندي چيو ته سماجي تنظيمون معاشري جي ترقي ۾ ريڙهه جي هڏي جي حيثيت رکن ٿيون ۽ انهن کان سواءِ پائيدار ترقي جو خواب اڌورو آهي.چيئرمين وڌيڪ چيو ته گڏاپ ٽائون ۾ تعليم صحت، صفائي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي اسان جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي. بلدياتي ادارا عوامي مسئلن جي حل لاءِ ڏينهن رات ڪوشش ڪري رهيا آهن ۽ سوشل ويلفيئر تنظيمون سان گڏجي وڌيڪ مؤثر قدم کنيا ويندا ته جيئن مستحق ماڻهن تائين وڌ کان وڌ سهولتون پهچائي سگهجن. هن وڌيڪ عزم ظاهر ڪيو ته گڏاپ ٽائون ۾ جاري ترقياتي منصوبن ڪميونٽي سينٽرن جي تعمير ۽ مرمت کي شفاف ۽ وقت سر مڪمل ڪيو ويندو جڏهن ته عوامي ڀلائي جي منصوبن ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي.ميونسپل ڪمشنر ملڪ مجتبيٰ اياز پڻ وفد کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ ڀرپور قدمن جي يقين دهاني ڪرائيندي چيو ته باهمي تعاون سان ئي معاشري ۾ مثبت تبديلي ممڪن آهي. ان موقعي تي ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر ڊائريڪٽر ايڊورٽائيزمنٽ هدايت الله شيخ ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر جهانگير شيخ ڊائريڪٽر پينشن جلال حنيف ڊائريڪٽر اسپورٽس طاهر بلوچ، (AEE) وسيم آرائين پي ايس چيئرمين لعل جان نبي سميت ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا.

لائيو اسٽاڪ اينڊ فشريز ڊپارٽمينٽ
حڪومت سنڌ
آفيس آف دي ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ/ اينيمل هسبنڊري نوشهرو فيروز

فون نمبر: 0242-920229

نمبر: DD/LS/AH/2026/294-97، نوشهرو فيروز، تاريخ: 16-04-2026

انٽرويوءَ جو شيڊول

هن ذريعي هدايت ڪئي ٿي وڃي ته مختلف آسامين (BPS-01 کان BPS-04) لاءِ انٽرويو تاريخ 04 مئي 2026، تي (صبح جو 09:00 کان شام جو 05:00 وڳي تائين) ڊپٽي ڊائريڪٽر لائيو اسٽاڪ/ اينيمل هسبنڊري جي آفيس، پوليس اسٽيشن جي سامهون، پڍعيدن روڊ نوشهرو فيروز تي مقرر ڪيا ويا آهن.

آسامين جو تفصيل هيٺ ڏنل آهي:

1. ڊريسر
2. ڊرائيور
3. بيلدار
4. چوڪيدار
5. نائب قاصد
6. سينيٽري ورڪر
7. لائيو اسٽاڪ اٽينڊنٽ
8. اينيمل اٽينڊنٽ

اهي سڀ اميدوار جن مٿي ڏنل مختلف آسامين لاءِ درخواستون ڏنيون آهن، تن کي هدايت ڪئي وڃي ٿي ته هو مٿي ڏنل تاريخ، وقت ۽ هنڌ تي پنهنجي اصل ڊوميسائيل، پي آر سي (PRC)، سڃاڻپ ڪارڊ (CNIC)، تعليمي سرٽيفڪيٽن ۽ ٻين لاڳاپيل دستاويزن سان گڏ ضلعي ڀرتي ڪميٽي (DRC) آڏو ذاتي طور پيش ٿين.

ڊاڪٽر رائو اڪرم راجپوت
ڊپٽي ڊائريڪٽر
لائيو اسٽاڪ/ اينيمل هسبنڊري
نوشهرو فيروز

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

جمع 24 اپريل 2026ع

پاڪستان، ترڪيه، مصر ۽ سعودي عرب جو امڪاني اتحاد

وچ اوڀر تيزيءَ سان بدلجندڙ جيوپوليٽيڪل حالتن جي ورچڙهيل آهي. ايران سان لاڳاپيل جنگي صورتحال ۽ ان ڪانپوءِ پيدا ٿيل غير يقيني ماحول هن خطي جي طاقت جي توازن کي جهٽڪو ڏنو آهي. اهڙي پسمنظر ۾ پاڪستان، ترڪيه، مصر ۽ سعودي عرب جي وچ ۾ ممڪنه اتحاد بابت ايندڙ خبرون ۽ تجزيا خاص اهميت اختيار ڪري چڪا آهن. جيڪڏهن اهو اتحاد حقيقت جو روپ وٺي ٿو ته اهو نه صرف علائقي جي سياسي منظرنامي کي تبديل ڪري سگهي ٿو پر عالمي سطح تي به ان جا اثر پئجي سگهن ٿا.

پرڏيهي ميڊيا ۾ شايع ٿيندڙ رپورٽن موجب هي اتحاد ڪنهن جارحانه فوجي بلاڪ طور نه پر هڪ دفاعي ۽ توازن قائم ڪندڙ قوت طور سامهون اچي سگهي ٿو ان جو بنيادي مقصد علائقي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ کي گهٽائڻ توانائي جي اهم رستن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ ۽ گڏيل سلامتي جي چئلينجن کي منهن ڏيڻ هوندو. اهڙي نوعيت جو اتحاد وچ اوڀر ۾ هڪ نئين طاقت جي ترتيب جو سبب بڻجي سگهي ٿو جتي مقابلي بدران توازن ۽ استحڪام کي اوليت ڏني وڃي. هن ممڪنه اتحاد ۾ شامل هر ملڪ پنهنجي الڳ اهميت ۽ صلاحيت رکي ٿو پاڪستان جي جوهري طاقت ۽ وڏي تربيت يافته افرادي قوت ان کي هڪ اهم اسٽريٽجڪ حيثيت ڏئي ٿي. پاڪستان وٽ دفاعي ميدان ۾ وسيع تجربو آهي، خاص ڪري دهشتگردي خلاف جنگ ۾. جيڪو هن اتحاد لاءِ ڪارآمد ثابت ٿي سگهي ٿو ان کان علاوه، اسلامي دنيا ۾ پاڪستان جو سياسي ۽ سفارتي ڪردار به اهم حيثيت رکي ٿو ترڪيه، پنهنجي تيزي سان ترقي ڪندڙ دفاعي صنعت سبب، هن اتحاد جو هڪ ٽيڪنالاجي محور بڻجي سگهي ٿو جديد ڊرون ٽيڪنالاجي دفاعي سازو سامان جي مقامي پيداوار ۽ فوجي حڪمت عملي ۾ ترڪيه جي مهارت ان کي هڪ منفرد حيثيت ڏئي ٿي. گذريل سالن ۾ ترڪيه ڪيترن ئي علائقائي معاملن ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪيو آهي، جيڪو هن اتحاد جي پاليسين ۽ حڪمت عملي کي شڪل ڏيڻ ۾ مددگار ٿي سگهي ٿو سعودي عرب هن اتحاد جي معاشي طاقت جو مرڪز بڻجي سگهي ٿو. دنيا جي وڏن تيل پيدا ڪندڙ ملڪن مان هجڻ سبب، سعودي عرب وٽ وسيع مالي وسيلا موجود آهن. توانائي جي فراهمي ۽ ان جي رستن جي حفاظت عالمي معيشت لاءِ نهايت اهم آهي ۽ ان حوالي سان سعودي عرب جو ڪردار انتهائي اهميت رکي ٿو ان جا مالي وسيلا نه صرف اتحاد جي ميمبر ملڪن پر سڄي خطي جي استحڪام لاءِ به اهم ٿي سگهن ٿا جڏهن ته مصر به پنهنجي جغرافيائي ۽ عسڪري حيثيت سبب هن اتحاد جو هڪ اهم جزو ٿي سگهي ٿو سوئز ڪئنال جهڙي اهم عالمي واپاري شاهراهه تي ان جو ڪنٽرول ان کي عالمي واپار ۾ هڪ اهم ڪڙي بڻائي ٿو. مصر جي فوجي طاقت ۽ عرب دنيا ۾ ان جو اثر رسوخ هن اتحاد کي وڌيڪ مضبوط بڻائي سگهي ٿو تنهن هوندي به، هن ممڪنه اتحاد کي ڪيترن ئي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. شامل ملڪن جي مختلف سياسي ترجيحن، پرڏيهي پاليسين ۽ علائقائي مفادن سبب مڪمل هم آهنگي پيدا ڪرڻ آسان نه هوندو. ان کان علاوه، ايران جهڙي اهم علائقائي قوت جو ردعمل به اهميت رکي ٿو. ان ڪري ضروري آهي ته هي اتحاد ڪنهن به ملڪ يا گروهه جي خلاف نه هجي، پر هڪ متوازن ۽ امن پسند حڪمت عملي تحت ٺاهيو وڃي. خطي ۾ پائيدار امن لاءِ مقابلي بدران تعاون کي فروغ ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. جيڪڏهن هي اتحاد واقعي دفاعي نوعيت جو رهي ٿو ۽ ان جو مقصد استحڪام ۽ ترقي هوندو ته اهو نه صرف وچ اوڀر پر سڄي اسلامي دنيا لاءِ هڪ مثبت قدم ثابت ٿي سگهي ٿو.

پاڪستان لاءِ به هي هڪ اهم موقعو ٿي سگهي ٿو ته هو پنهنجي پرڏيهي پاليسي کي وڌيڪ فعال بڻائي ۽ علائقائي سطح تي هڪ ذميوار ڪردار ادا ڪري. پر ان سان گڏوگڏ، پاڪستان کي احتياط سان قدم کڻڻا پوندا ته جيئن هو ڪنهن به اهڙي تڪرار جو حصو نه بڻجي، جيڪو ان جي قومي مفادن يا اندروني استحڪام کي متاثر ڪري. بهرحال اهو چئي سگهجي ٿو ته پاڪستان، ترڪيه، مصر ۽ سعودي عرب جو ممڪنه اتحاد خطي جي بدلجندڙ حالتن ۾ هڪ اهم پيش رفت ٿي سگهي ٿو. جيڪڏهن ان کي ڏاهپ، توازن ۽ گڏيل مفادن جي بنياد تي اڳتي وڌايو ويو ته اهو امن، استحڪام ۽ ترقي جو نئون باب کولڻ جي صلاحيت رکي ٿو. پر ان لاءِ ضروري آهي ته سڀئي ڌريون بردباري، بصيرت ۽ دور انديشي جو مظاهرو ڪن جيئن هي خيال عملي شڪل اختيار ڪري سگهي ۽ خطي لاءِ فائديمند ثابت ٿئي.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڏَمَرَ! ڪَتَنئِي ڏِينهَن، وَيلَو جِيئَن وِلِيين،
مَچِيءَ مَارِڳَ لاٿِيَا، هَڏَنِ مَعَان هِيِنئَن،
سَي قَولَ پَڇَندِيَسِ ڪِيئَن، جَي ٻَڌَمِ ٻَيلاٿِنِ سِين.

ڪتنئي=ڏينهن پورا ٿيندي تعني موت اچڻي، مرين شل/جيئن=ڇاڪاڻ، جنهن صورت ۾/وِلِيين=اجايو ۽ گهڻو ڳالهائين، واويلا ڪرڻ، اجائي بڪ ڪرين/ مارڳ=رستا، ڏڳ، واٽون/لاٿيا=ناهيا/هڏن=بدن، جسم، قول=آجام، واعدا، وچن/ پڇنديس= ٽوڙينديس، انهن تان ڦري وينديس/ٻيلاٿن سين= ٻيلي ۾ رهندڙن (ميهار ڏانهن اشارو)-(سر-سهڻي، مرتب ٻانهون خان شيخ)

سهڻي جرئت منجهان ڏمر کي پاراتا ڏيندي چئيس پئي ته "اجايو مٿو هڻڻ کان، ٻي سود واويلا ڪرڻ کان بهتر اهو ٿيندو جو قدرت تنهنجا ڏينهن پورا ڪري، تون مري وڃين. تون اهو سمجهي ڇڏ ته جيئن مڇي پاڻي اندر پنهنجا رستا ۽ واٽون جوڙي ٿي ۽ ان ڪانسواءِ زنده رهي ناهي سگهندي، تيئن منهنجا هي هڏا يعني جسم، روح ميهار کان بغير زندهه ناهي رهي سگهندو! تون (اي ڏمر) منهنجا اهي ڪيل قول جي مون ٻيلاٿين سان (جمع جو صيغو استعمال ڪيل آهي جو ڪنهن فرد جي احترام لاءِ استعمال ٿيندو آهي) يعني ميهار سان ڪيا آهن، تو منجهه نه اهڙي طاقت نه ٿي جرئت جو منهنجي رستا روڪ ڪرين سگهين ۽ منهنجا ڪيل قول قرار توڙي سگهين. ان سان گڏ جيئڻ مرڻ جا آهن

(تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

نياڻين جي امتحاني سينٽرن ۾ مرد انتظاميه جا لامارا ڇو؟


نور سنڌي

ڀهرين نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي امتحانن ۽ هاڻ فرسٽ ائير ۽ انٽر جي امتحانن ۾ نياڻين جي امتحاني سينٽرن ۾ پوليس ۽ روينيو کاتي سان گڏ بورڊ جي عملي جي وزٽ جون تصويرون ۽ وڊيو سوشل ميڊيا تي نظر اچي رهيون آهن ۽ مرد آفيسرن جون لوڊيون نياڻين جي امتحاني سينٽرن اندر گهمڻ واري عمل تي ساجاهه وندن پاران سخت مخالفت ۽ مذمت جون پوسٽون گردش ڪري رهيون آهن. ساجاهه وندن توڙي امتحان ڏيندڙ نياڻين جي والدين جون اهڙيون شڪايتون بلڪل درست آهن. اهڙو عمل شاگردياڻين سان هڪ مذاق آهي. سوشل ميڊيا تي مرد پوليس ۽ ٻين مرد آفيسرن جو نياڻين جي امتحاني سينٽرن جي وزٽ جون سوشل ميڊيا تي هلندڙ تصويرون رڳو هڪ امتحاني مرڪز جا منظر ناهن. اِهي اسان جي تعليمي نظام جي ناڪامي ۽ رياستي ترجيحن جو کليل ثبوت آهي.

ڇا تعليم کي بهتر بڻائڻ جو اهو طريقو آهي؟ ڇا نقل روڪرائڻ لاءِ استادن جي صلاحيت وڌائڻ بدران شاگردن تي خوف ۽ حراس مسلط ڪرڻ ئي واحد حل بچيو آهي؟ اهو منظر صاف ٻڌائي ٿو ته: حڪومت تعليمي سڌارن ۾ ناڪام ٿي آهي ۽ وڌيڪ ناڪام ڪرڻ جي خواهشمند آهي. هڪ طرف سنڌ اندر اسڪولن ۽ ڪاليجن جي حالت خراب آهي. تعليمي ادارن ۾ بنيادي سهولتن جي وڏي فقدان جون شڪايتون عروج تي آهن سنڌ جي 99 سيڪڙو اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ پڙهائيءَ جو عمل نه هئڻ برابر آهي. بايوميٽرڪ هئڻ جي باوجود استاد ٽيڪنيڪل انداز استعمال ڪري اچن ئي ڪونه ٿا. حڪومت اسڪولن توڙي ڪاليجن جا مسئلا حل ڪرڻ بدران بنيادي سهولتون ڏيڻ تعليمي نظام معيار کي بهتر ڪرڻ بجاءِ هاڻ سڄو زور ڪاپي روڪڻ جي آڙ ۾ مرد آفيسرن جا ڌاڻ اصل نياڻين جي امتحاني سينٽرن ۾ ڪاهيو پون، ڊي سي وڃن ٿا ته وري اي سي ۽ مختيارڪار تپيدارن ڪوٽارن جا ڌاڻ گڏ ولي پروٽوڪول سان نياڻين جي امتحاني سينٽرن تي اچن ٿا. اهي وڃن ٿا ته وري پوليس آفيسر پهچن ٿا. اهي وڃن ٿا ته وري بورڊ جا مرد آفيسر پهچيو وڃن ۽ شاگردياڻين کي ٽريٽ ڪيو پيو وڃي. سوال اڀري ٿو: ڇا اسان جا اسڪول علم جا مرڪز آهن يا آفيسر اسٽيٽ نياڻين جي امتحاني سينٽرن ۾ اهڙي آفيسر گردي بند ڪئي وڃي، استادن کي بااختيار ۽ تربيت يافته بڻايو وڃي ۽

آمريڪا جي فضائن مان

غير معينه سيزفائر ۽ ايران جو انڪار: هڪ رڪيل مڪالمو يا نئين حڪمت عملي؟

راجا زاهد اختر خانزادہ

تاريخ ڪڏهن ڪڏهن پاڻ کي ورجائيندي محسوس ٿيندي آهي پر هن ڀيري ڪردار مختلف آهن طريقو مختلف آهي ۽ داءُ تي لڳل ڳالهه ڪجهه ٻهرين کان وڌيڪ آهي صدر ڊونلڊ ٽرمپ ايران سان سيزفائر کي اڻڄاتايل مدي تائين وڌائڻ جو اعلان ڪيو آهي ۽ ظاهري طور تي اهو هڪ وقفو آهي هڪ ساهه، اميد جو هڪ اشارو پر جيڪي ماڻهو تاريخ کي ويجهي کان پڙهندا آهن اهي ڄاڻين ٿا ته اهڙن اعلانن ۾ اڪثر اوترو ئي لڪيل هوندو آهي جيترو ظاهر ڪيو ويندو آهي ۽ انهيءَ ئي وقت، انهيءَ ئي لمحي ايران مذاڪرات ۾ اچڻ کان انڪار ڪري چڪيو آهي هڪ پاسي جنگ رڪيل نظر اچي ٿي ٻئي پاسي ڳالهين جو دروازو به بند ٿيندي نظر اچي ٿو اهو ئي تضاد هن پوري صورتحال جي اصل ڪهاڻي آهي ۽ انهيءَ تضاد کي سمجهڻ کانسواءِ اڄوڪي دنيا کي سمجهڻ ممڪن ناهي هتي هڪ تاريخي موازنو پاڻمرادو ذهن ۾ اچي ٿو 1983 ۾ رونلڊ ريگن لبنان جي بحران ۾ ڦاسيل هو مرين بيرڪس تي بمباري ڪانپوءِ هن هڪ فيصلاڪن قدم کنيو ۽ پنهنجون فوجون واپس گهرائي ورتيون هو جنگ مان نڪري ويو اسڪليشن روڪي ڇڏي ۽ هڪ وڏي ٽڪراءُ کي ٽاريو اڄ جا ڪجهه تجزيا نگار انهيءَ ئي مثال جو حوالو ڏيندي چون ٿا ته امريڪا کي هاڻي به اهڙوئي ڪرڻ گهرجي پر فرق اهو آهي ته ريگن جنگ مان نڪرڻ جو رستو اختيار ڪيو هو، جڏهن ته ٽرمپ جنگ روڪي ضرور آهي پر داءُ ۽ طاقت جي سياست کي برقرار رکيو آهي سامونڊي ناڪابندي قائم آهي فوجي پوزيشنون مضبوط آهن ۽ اسرائيل کي هٿيارن جي فراهمي جاري آهي اهو ريگن جو انخلا ناهي اهو ٽرمپ جو توقف آهي ۽ انهن ٻنهي ۾ فرق اوترو ئي وڏو آهي جيترو امن ۽ جنگبنديءَ وچ ۾ هوندو آهي

ايران جو موقف سمجهڻ لاءِ ان جي تاريخ کي سمجهڻ ضروري آهي تهران چوي ٿو ته جيستائين امريڪا پنهنجي سامونڊي ناڪابندي ختم نه ڪري، مذاڪرات محض دٻاءُ هيٺ ٿيندا، نه برابري جي بنياد تي اهو صرف هڪ سفارتي موقف ناهي اهو هڪ تجربو آهي هڪ ياد آهي ايران ماضيءَ ۾ ڏٺو آهي ته جڏهن هو ڪمزور پوزيشن مان مذاڪرات ۾ اچي ٿو ته ميز تي ان کي ڇا ملي ٿو انهيءَ لاءِ ايران جي پارليامينٽ اسپيڪر محمد باقر قاليباف اسلام آباد ملاقات کان پوئتي هٽڻ جو فيصلو ڪيو انهن صاف لفظن ۾ چيو ته ٽرمپ مذاڪرات جي ميز کي هٿيار ڇڏڻ جي ميز ۾ تبديل ڪرڻ چاهن ٿا اهي لفظ سخت آهن پر بي بنياد ناهن ۽ اهو ئي اهو هنڌ آهي جتي اعتماد جو بحران سڀ کان گهرو نظر اچي ٿو

هاڻي سوال اهو آهي ته اهو سيزفائر اصل ۾ ڪنهن جي فائدي ۾ آهي ۽ ڇو؟ علمي تجزيا نگارن ۾ هن سوال تي هڪ واضح تقسيم موجود آهي امريڪا جي نقطه نظر کان ڏٺو وڃي ته اهو سيزفائر ٽرمپ لاءِ ڪيترائي مقصد بيڪ وقت حاصل ڪري ٿو جنگ کي وقتي طور روڪي اندروني سياسي دٻاءُ گهٽجي ٿو علمي مارڪيٽون، خاص طور تي تيل جون قيمتون، مستحڪم ٿين ٿيون، فوج کي ٻيهر پوزيشن وٺڻ جو موقعو ملي ٿو ۽ اسرائيل کي ايندڙ مرحلي جي تياري جو وقت ملي وڃي ٿو ڪيترن تجزيا نگارن ان کي "pressure diplomacy" جو نالو ڏين ٿا، جتي مذاڪرات جي ڳالهه به جاري رهي ٿي ۽ دٻاءُ به برقرار رهي ٿو سادن لفظن ۾، جيئن هڪ امريڪي تجزيا نگار چيو، ٽرمپ وقت خريد ڪري رهيو آهي امن نه.

ايران لاءِ اهو سيزفائر هڪ محدود فائدو آهي فوري جنگ رڪي وئي تباهي جو سلسلو عارضي طور رڪيو ۽ فوجي نئين سر تنظيم جو موقعو مليو پر معاشي ناڪابندي برقرار آهي تيل جو واپار متاثر ٿي رهيو آهي ۽ علمي دٻاءُ گهٽ نه ٿيو آهي ايران لاءِ اهو سيزفائر راحت ناهي صرف ساهه کڻڻ جو هڪ مختصر موقعو آهي ۽ اهو به مشروط. اسرائيل لاءِ اهو وقفو سڀ کان وڌيڪ فائديمند آهي فوجي تياريءَ جو وقت، سياسي لابيءَ مضبوط ڪرڻ جو موقعو ۽ سفارتي دٻاءُ ۾ گهٽتائي اهو ئي سبب آهي ته جو ڪيئنٽ جهڙا ماڻهو جيڪي ٽرمپ انتظاميه جا اهم عهديدار هئا ۽ انهن هن جنگ تي اختلاف ڪندي استعفيٰ ڏنو چون ٿا ته اها امريڪا جي جنگ ناهي اها اسرائيلي ترجيحن جي پيروي آهي انهن جي مطابق ايران امريڪا لاءِ فوري خطرو نه هو ۽ هن جنگ کي غلط بنيادن تي اڳتي وڌايو پيو وڃي اها آواز صرف هڪ ماڻهوءَ جي آواز ناهي امريڪا جي اندر هڪ وڏي تبديلي اچي رهي آهي جيڪا هن پوري ڪهاڻي جو هڪ اهم باب آهي هڪ وقت هو جڏهن اسرائيل جي حمايت امريڪي سياست ۾ هڪ متفق موقف هو هڪ اهڙي شيءِ جنهن تي سوال نه اٿاريو ويندو هو اڄ اهو وقت نه رهيو ڊيموڪريٽڪ پارٽي جي اندر اسرائيل تي کلي تنقيد سامهون اچي رهي آهي وڏي تعداد ۾ سينيٽرن اسرائيل کي هٿيار وڪڻڻ روڪڻ جي حمايت ڪئي آهي ۽ نئين نسل ۾ اسرائيل جي خلاف بيانيو مسلسل مضبوط ٿي رهيو آهي اها صرف ڊيموڪريٽس تائين محدود ناهي ريپبلڪن پارٽي جي اندر به پهچينيون واضح ٿي رهيون آهن ۽ جو ڪيئنٽ جو استعفيٰ انهيءَ پهچت جي سڀ کان نمايان نشاني آهي هڪ زمانو هو جڏهن آئرن ڊوم جهڙن دفاعي نظامن لاءِ فنڊنگ بنا ڪنهن بحث جي منظور ٿي ويندي هئي اڄ ان تي به سوال اٿي رهيا آهن

اها تبديلي صرف سياسي ناهي بلڪ اسٽريٽجڪ آهي ۽ ان کي سمجهڻ کانسواءِ اڄوڪي امريڪي پرڏيهي پليسي کي سمجهڻ ممڪن ناهي جڏهن هڪ ملڪ جي پرڏيهي پليسي ان جي اندروني سياسي اختلافن جو حصو بڻجي وڃي ته ان جا فيصلا صرف ميدان جنگ ۾ نه پر عوامي راءِ ۽ چونڊ سياست ۾ به طئي ٿيندا آهن ريپبلڪن پارٽي جي اندر اختلاف، ڊيموڪريٽس جي وڌندڙ تنقيد، سپريم ڪورٽ جي تعيناتي تنازعا ۽ ايندڙ مڊٽرم چونڊون اهي سڀ عامل گڏجي هڪ اهڙو ماحول ٺاهين ٿا، جتي سيزفائر جو اعلان صرف پرڏيهي پليسي جو فيصلو نه آهي بلڪ اندروني سياسي دٻاءُ کي سنڀالڻ جي به هڪ ڪوشش آهي

اها تبديلي امريڪا جي اندر تائين محدود ناهي يورپ جي وڏن شهرن ۾ به اسرائيل جي اقدامن جي خلاف آوازون بلند ٿي رهيون آهن يورپي گاديءَ جي شهرن ۾ احتجاج، پاليسي سطح تي اختلاف ۽ اسرائيل جي ڪارروائين تي کلي تنقيد ان ڳالهه جي نشاني آهي ته عالمي راءِ عامه تبديل ٿي رهي آهي ۽ اها تبديلي هن جنگ جي ڊگهي مدتي سياسي اثرن کي وڌيڪ پيچيدو بڻائي ڇڏي ٿي اها جنگ جيڪا شروع ۾ صرف وچ اوڀر جو معاملو لڳندي هئي، اڄ يورپي پارليامينٽن ۾ بحث جو موضوع بڻجي چڪي آهي ۽ اها تبديليءَ جو اهڙو اشارو آهي، جنهن کي نظرانداز ڪرڻ ممڪن ناهي.

جان مرشائمر ياد ڏياري ٿو ته ايران کي ڪمزور سمجهڻ هڪ بنيادي غلطي آهي ڇاڪاڻ ته آبنائي هرمز ان جي هٿ ۾ اهڙو هٿيار آهي جيڪو گولي نه هلائيندو آهي پر دنيا کي روڪي سگهي ٿو. جيفري هن بحران کي هڪ وڏي علمي معاشي بحران جو حصو سمجهي ٿو ۽ خبردار ڪري ٿو ته جيڪڏهن ان کي سفارتڪاريءَ سان نه سنڀاليو ويو ته ان جا اثر پوري دنيا جي معاشي نظام تائين پکڙجي سگهن ٿا ڊگلس ميڪگريگر هن پوري منظر کي هڪ جيوپوليٽيڪل کيل طور ڏسي ٿو جتي امريڪا جي الجهڻ سان چين ۽ روس فائدو وٺي رهيا آهن خاموشيءَ سان، صبر سان ۽ تمام مؤثر طريقي سان اسڪاٽ رٽر جي مطابق اها ڪشيدگي جيڪڏهن وڌي ته هڪ ڊگهي ۽ مهانگي جنگ ۾ تبديل ٿي سگهي ٿي، جنهن ۾ فوري فتح ڪنهن جي حصي ۾ نه ايندي.

اهي سڀ آواز هڪ نتيجي تي وڃن ٿيون: اهو سيزفائر ڪنهن جي مڪمل جيت ناهي ۽ ڪنهن جي مڪمل شڪست به ناهي امريڪا کي اسٽريٽجڪ فائدو مليو ايران کي وقت مليو اسرائيل کي تياريءَ جو موقعو مليو ۽ دنيا کي عارضي سڪون مليو پر انهيءَ عارضي سڪون جي هيٺان غير يقيني اوترو ئي گهري آهي، جيتري پهرين هئي، بلڪ شايد ڪجهه وڌيڪ، ڇاڪاڻ ته ايران جو مذاڪرات کان انڪار ۽ امريڪا جي ناڪابندي جو برقرار رهڻ اهو ٻڌائي ٿو ته اعتماد جو اهو بنياد، جنهن تي ڪنهن به معاهدي جي عمارت بيهي سگهي ٿي، اڃا تعمير نه ٿيو آهي ۽ هتي پاڪستان جو ڪردار هڪ ڀيرو وري اهم ٿي پوي ٿو. اسلام آباد کي هڪ اهڙي هنڌ طور ڏٺو پيو وڃي جتي اها ڪشيدگي گهٽ ٿي سگهي ٿي، جتي ٻئي فريق ڪنهن غير جانبدار زمين تي ملي سگهن ٿا. ايران جي انڪار هن امڪان کي وقتي طور روڪي ڇڏيو آهي. هاڻي سوال اهو آهي ته ڇا پاڪستان ٻيهر ٻنهي فريقن کي ميز تي آڻي سگهي ٿو يا اهو موقعو به ٻين سفارتي ڪوششن وانگر هڪ اڌورو باب بڻجي رهندو. اهو سوال صرف پاڪستان جي سفارتي ساک جو نه آهي، اهو هن پوري خطي جي مستقبل جو سوال آهي. وزيراعظم شهباز شريف ۽ فيلڊ مارشل عاصم منير جي قيادت ۾ پاڪستان جيڪو ڪردار ادا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي، اهو ڪردار نه صرف هن بحران لاءِ بلڪ مستقبل جي عالمي سفارتڪاري ۾ پاڪستان جي پوزيشن لاءِ به فيصلاڪن آهي جو ڪينٽ جهڙا ماڻهو هن جنگ کي هڪ manufactured conflict يعني ناهيل جنگ قرار ڏين ٿا. اهي چون ٿا ته اها نه صرف امريڪا جي مفاد ۾ ناهي، بلڪ ان کي هڪ اهڙي دائري ۾ وٺي وڃي سگهي ٿي، جتان نڪرڻ آسان نه هوندو ان جو چوڻ آهي ته هن جنگ کي غلط بنيادن تي اڳتي وڌايو ويو ۽ جيڪي ماڻهو ان جي حقيقت ڄاڻن ٿا اهي هاڻي آواز اٿارڻ لڳا آهن ۽ اها ڳالهه هن پوري ڪهاڻي کي هڪ نئين جهت ڏئي ٿي، ڇاڪاڻ ته جڏهن هڪ ملڪ جا پنهنجا ماڻهو اهو سوال اٿارڻ لڳن ته اسان هن جنگ ۾ ڇو آهيون ته اهو صرف اخلاقي سوال نه رهندو آهي، اهو اسٽريٽجڪ سوال بڻجي پوي ٿو.

هن پوري صورتحال کي هڪ جملي ۾ هن طرح سمجهي سگهجي ٿو: اهو سيزفائر امن ناهي، هڪ غير معينه وقفو آهي هڪ اهڙو وقفو جنهن ۾ نه جنگ ختم ٿي آهي ۽ نه ڳالهيون شروع ٿي سگهيون آهن پر ٻنهي جي تياري جاري آهي هڪ پاسي طاقت جو مظاهرو آهي ٻئي پاسي سفارتڪاري جو دروازو ظاهري طور کليل رکيو ويو آهي هڪ پاسي جنگ جي تياري آهي ٻئي پاسي امن جي ڳالهه ۽ انهيءَ سڀ جي وچ ۾ عام ماڻهو عام قومون، عام ملڪ اهو سمجهڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن ته اصل ۾ ٿي ڇا رهيو آهي اها جنگ صرف ميدان ۾ نه وڙهي پئي وڃي اها بيانيي ۾ وڙهي پئي وڃي سياست ۾ وڙهي پئي وڃي ۽ علمي طاقت جي توازن ۾ وڙهي پئي وڃي بندوقون وقتي طور خاموش ٿي سگهن ٿيون، پر جنگ ختم نه ٿيندي آهي اها صرف پنهنجي شڪل بدلائيندي آهي ۽ جيڪي ماڻهو صرف بندوقن جي آواز ٻڌن ٿا اهي اصل ڪهاڻي کان محروم رهن ٿا، ڇاڪاڻ ته اصل ڪهاڻي اتي لکي پئي وڃي جتي ڪيمرا نه هوندو آهي ۽ مائيڪروفون نه هوندو آهي اهو ريگن جو انخلا ناهي اهو ٽرمپ جو توقف آهي ۽ انهيءَ توقف ۾ هر فريق پنهنجي ايندڙ چال هلڻ ۾ مشغول آهي خاموشيءَ سان، صبر سان ۽ ان يقين سان ته جڏهن کيل ٻيهر شروع ٿيندو ته هو بهتر پوزيشن ۾ هوندو امريڪا پنهنجي فوجي پوزيشن مضبوط ڪري رهيو آهي ايران پنهنجي معاشي دٻاءُ سان مقابلو ڪندي پنهنجي حڪمت عملي جوڙي رهيو آهي اسرائيل پنهنجن اسٽريٽجڪ مقصدن ڏانهن اڳتي وڌي رهيو آهي ۽ باقي دنيا انتظار ۾ آهي ته اهو وقفو ڪيستائين هلندو ۽ ان ڪانپوءِ ڇا ٿيندو.

تاريخ اسان کي اهو ئي سيکاري ٿي ته امن جا سڀ کان وڏا اعلان اڪثر اتي ئي ڪيا ويندا آهن، جتي جنگ ختم نه ٿيندي آهي، اها صرف پنهنجو روپ بدلائيندي آهي ۽ اڄ دنيا به انهيءَ بدلجندڙ روپ جي وچ ۾ بيٺل آهي. هڪ اهڙي دنيا جيڪا نه مڪمل طور پرسڪون آهي، نه مڪمل طور جنگ ۾، بلڪ ٻنهي جي وچ ۾ معلق آهي. انهيءَ انتظار ۾ ته ڪو هڪ لمحو اچي ۽ فيصلو ڪري ڇڏي ته اڳتي جو رستو ڪهڙو آهي ۽ جيستائين اهو لمحو نه ٿو اچي، دنيا انهيءَ غير معينه وقفي ۾ رهندي، جتي نه مڪمل امن آهي ۽ نه مڪمل جنگ پر ٻنهي جو خوف ۽ ٻنهي جي اميد هڪ ساٿ موجود آهي

سانا انٽرنيشنل سنڌي ڊائيسپورا ڪانفرنس!

عبدالله عثمان موراڻي

اڄوڪي هڪ ٻئي سان جڙيل ۽ ورهائجي ويل دنيا ۾، پنهنجي گڏيل سڃاڻپ جي بنياد تي برادرين کي ويجهو آڻڻ جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي لنڊن ۾ منعقد ٿيندڙ "سانا انٽرنيشنل سنڌي ڊائيسپورا ڪانفرنس 25 اپريل 2026ع"، جيڪا سنڌي ايسوسيئيشن آف نارٿ آمريڪا (SANA) پاران منعقد ڪئي وئي آهي اتحاد، ويزن ۽ گڏيل اجتماعي ذميواريءَ جي هڪ مضبوط ۽ طاقتور علامت طور سامهون اچي ٿي هن ڪانفرنس جي متاثر ڪندڙ موضوع "سرحدن کان اڳتي ۽ مفاهمتن هڪ متحد عالمي سنڌي برادريءَ جي تعمير" رڳو هڪ تقريب ناهي پر هيءَ هڪ اهڙي تحريڪ آهي جنهن جو مقصد سڄي دنيا ۾ پکڙيل سنڌين کي پنهنجي مالامال ثقافت سان ٻيهر جوڙڻ ۽ ڳنڍڻ آهي

ڪانفرنس جي اهميت: سنڌي قوم جيڪا پنهنجي تاريخي لچڪداري، ڪاروباري ذهنيت، مهارت ۽ ثقافتي گهرائيءَ سبب سڃاتي وڃي ٿي، ڏکڻ ايشيا کان وٺي يورپ، اتر آمريڪا ۽ وچ اوڀر تائين هر ڪنڊ ۾ پنهنجي مڃتا ڪرائي چڪي آهي تنهن هوندي به هجرت سان گڏ هڪ نازڪ مرحلو به اچي ٿو يعني ثقافتي اثر گهٽجڻ سڃاڻپ جي ٽٽڻ ۽ نسلن وچ ۾ فاصلي پيدا ٿيڻ جو خطرو به ساڳئي وقت رهي ٿو هيءَ ڪانفرنس سرحدن، پيشن ۽ نسلن جي وچ ۾ هڪ پل جو ڪردار ادا ڪري ٿي هيءَ علمي ۽ فڪري ڏي وٺ، ثقافتي جشن ۽ حڪمت عملي تحت سهڪار جو هڪ نادر موقعو فراهم ڪري ٿي سڀ کان اهم ڳالهه اها ته هيءَ پليٽ فارم تيزيءَ سان بدلجندڙ عالمي منظرنامي ۾ سنڌي سڃاڻپ جي مستقبل تي اجتماعي غور ڪرڻ جو موقعو فراهم ڪري ٿو

اڄ جي دور ۾ اهڙين گڏجاڻين ۽ ڪانفرنسن جي ضرورت: جديد دور ۾ پرڏيهه ۾ رهندڙ سنڌي منفرد چئلينجن کي منهن ڏئي رهيا آهن اهي نئين نسل جا ٻار جيڪي سنڌ کان ٻاهر ڄاوا ۽ نپنا آهن اڪثر پنهنجي ٻوليءَ ۽ ثقافتي پاڙن سان ڳنڍجڻ ۾ ڏکيائي محسوس ڪن ٿا ۽ ان لاءِ سنڌ ملڻ ۽ ڪين به وڏي جستجو ڪرڻي پوي ٿي ٻئي طرف سنڌ پاڻ سماجي-اقتصادي ۽ معاشي مسئلن موسمي تبديلين تعليمي فرق ۽ علمي دٻاءُ سان وڙهي رهي آهي اهڙي صورتحال ۾ اهڙيون گڏجاڻيون ۽ ڪانفرنسون انتهائي اهم آهن ۽ پاڻ کي ياد ڏيارين ٿيون ته سڃاڻپ رڳو جاگرافيائي حدن تائين محدود ناهي هوندي پر هيءَ ٻولي، ثقافت، قدرن، روايتن ۽ گڏيل يادگيرين ذريعي زنده ۽ جڙيل رهندي آهي ان سان گڏوگڏ اها ڪانفرنس اهو به واضح ڪري ٿي ته ڊائسپورا، يعني پرڏيهي ملڪن ۾ رهندڙ سنڌي رڳو تماشائي نه پر پنهنجي ورثي جي ترقي ۽ تحفظ ۾ سرگرم ڪردار ادا ڪندڙ آهن

پرڏيهه ۾ پڙهندڙ سنڌي شاگردن جي سهائتا لاءِ اهم قدم: هڪ اهم شعبو جتي سانا پنهنجو ڪردار ڪري سگهي ٿي اهو پرڏيهه ۾ پڙهندڙ سنڌي شاگردن جي مدد ڪرڻ آهي هر سال هزارين سنڌي نوجوان تعليم لاءِ ٻاهرين ملڪن جو سفر ڪن ٿا اهي اميد ۽ خواهشن سان ڀرپور هوندا آهن پر ساڳئي وقت اڻڄاتائي، اڪيلائي ۽ رهنمائيءَ جي کوٽ کي به منهن ڏيندا آهن منهنجي خيال ۾ سانا انهن لاءِ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي جيڪڏهن شاگردن کي انهن جي شعبن جي تجربيڪار پروفيشنلز سان جوڙڻ لاءِ ڪو مينٽورشپ پروگرام شروع ڪري، ٻيهوري نوڪرين انٽرن شپ، پروفيشنل نيٽ ورڪنگ ۽ ڪيريئر گائيڊنس لاءِ ڪو پليٽ فارم جوڙي انهن کي رهنمائي فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪن ان سان گڏوگڏ سنڌي نوجوانن لاءِ خاص طور تي ڪيريئر فيئرز ۽ ويبينار منعقد ڪرڻ جو بندوبست ڪن ان ڪانسواءِ هڪ اهم ڳالهه ته شاگردن کي سماجي ۽ ثقافتي طور تي نئين ماحول ۾ آباد ٿيڻ لاءِ برادريءَ جي مدد، يعني ڪميونٽي سپورٽ نيٽ ورڪ جوڙي مدد فراهم ڪن ته اهو شاگردن لاءِ گهڻو فائديمند رهندو اهڙا قدم نه رڳو فردن کي بااختيار بڻائيندا پر عالمي سنڌي پروفيشنل نيٽ ورڪ کي به مضبوط ڪندا

عالمي سطح تي سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جو تحفظ ۽ بقا: ٻولي ڪنهن به ثقافت ۽ ورثي جو روح هوندي آهي ۽ سنڌين لاءِ اها نسلن کي ڳنڍيندڙ هڪ مضبوط ڌاڳو آهي پرڏيهه ۾ سنڌي ٻوليءَ، ثقافت ۽ ورثي جي گهٽجندڙ اثر کي بچائڻ لاءِ سانا ڪجهه اهم قدم کڻي سگهي ٿي: مثال طور ٻارن ۽ نوجوانن لاءِ سنڌي ٻولي سکڻ جا آن لائين پليٽ فارم تيار ڪرڻ، عالمي سطح تي ثقافتي ميلن ۽ ادبي تقريبن ۽ گڏجاڻين جي شروعات ڪرڻ يا وري سنڌي ٻوليءَ ۾ تخليق ڪيل ڊجيٽل مواد (پوڊڪاسٽ، يوٽيوب چينلز سوشل ميڊيا) ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي هٿي وٺرائڻ ۾ مدد ڪرڻ ان ڪانسواءِ تعليمي ادارن سان ملي ڪري سنڌي ٻوليءَ، ثقافت ۽ مطالعي جا ڪورس متعارف ڪرائڻ وغيره

سنڌ ۽ سنڌين لاءِ مستقبل جا چئلينجز: ايندڙ وقت ۾ سنڌ ۽ عالمي سنڌي برادريءَ کي ڪيترن ئي چيلينجن کي منهن ڏيڻو پوندو مثال طور موسمي تبديلين جي ڪري ٻوڏ، پاڻيءَ جي کوٽ ۽ ماحولياتي تباهيءَ جي ڪري سنڌ سخت متاثر ٿي رهي آهي يا مستقبل ۾ اڃا به وڌيڪ ٿي سگهي ٿي ٻيهوري خاص ڪري ڳوٺاڻن علائقن ۾ معياري تعليم جي گهٽتائي يا شهرن ۽ ٻهراڙين جي تعليمي معيار ۾ ڏينهن ۽ رات جو فرق هجڻ معاشي دٻاءُ جي ڪري بيروزگاري نوجوانن کي بغير تياري جي هجرت ڪرڻ جي مجبوري، ان سان گڏوگڏ گلوبلائيزيشن روايتن کي ڪمزور ڪري سگهي ٿي جنهن کي ثقافتي زوال چئجي انهن سڀني شين جي گڏجڻ سان سڃاڻپ جو بحران پيدا ٿي سگهي ٿو جنهن ۾ نوجوان نسل لاءِ ثقافت ۽ جديد زندگيءَ ۾ توازن رکڻ ڏکيو ٿي پوندو منهنجي خيال ۾ انهن سڀني مسئلن جو حل گڏيل ڪوشش سان ئي ممڪن آهي

اڳتي وڌڻ جي رستي لاءِ سفارشون: منهنجي خيال ۾ پروفيشنلز، شاگردن ۽ ڪاروباري ماڻهن کي جوڙڻ لاءِ هڪ گلوبل سنڌي نيٽ ورڪ ڊيٽابيس تيار ڪرڻ ان کان سواءِ مستحق سنڌي شاگردن لاءِ اسڪالرشپ پروگرام شروع ڪرڻ ٻيهوري سنڌ جي مسئلن تي تحقيق ڪرڻ ۽ پاليسي بحثن کي هٿي ڏيڻ ۽ آن سان گڏوگڏ سنڌ ۾ تعليم، صحت ۽ ماحوليات جي بهتري لاءِ فلاحي ڪمن ۾ حصو وٺڻ نئين نسل لاءِ ليڊرشپ پروگرام ترتيب ڏيڻ وغيره

نيڪ تمنائون: هن گڏجاڻيءَ جي موقعي تي پنهنجون دلي مبارڪون پيش ڪرڻ منهنجي لاءِ وڏو اعزاز آهي سانا جا دوست ان ڳالهه تي جس لهڻ جو ته هو سڄي دنيا جي سنڌين کي هڪ اهڙي متاثر ڪندڙ موضوع هيٺ گڏ ڪري رهيا آهن جيڪو اڄ جي هن وٽ وٺان واري دور ۾ تمام اهم ۽ ضروري آهي هيءَ ڪانفرنس نه رڳو فردن جو ميڙ آهي پر اسان جي گڏيل آواز کي بلند ڪرڻ، گڏيل ويزن ۽ مستقبل جي نسلن کي بااختيار بڻائڻ ۽ اسان جي سڃاڻپ کي مضبوط ڪرڻ جو هڪ خواب پڻ آهي مان هن ڪانفرنس جي ڪاميابيءَ لاءِ دعاگو آهيان ۽ اميد ڪريان ٿو ته اها عالمي سنڌي برادري کي وڌيڪ مضبوط ۽ گڏيل بڻائڻ ۾ هڪ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندي.

آخر ۾ حاصل مقصد ته "سانا انٽرنيشنل سنڌي ڊائيسپورا ڪانفرنس"، جيڪا 25 اپريل 2026ع تي لنڊن ۾ رٿيل آهي، اها رڳو هڪ گڏجاڻي نه پر اهو هڪ عمل جو سڏ آهي. عمل جو اهو سڏ هر سنڌيءَ کي دعوت ڏئي ٿو ته هو پنهنجي سڃاڻپ، پنهنجي ماضي ۽ پنهنجي مستقبل تي غور ڪري. "سرحدن کان اڳتي ۽ مفاهمتون" رڳو هڪ موضوع ناهي پر هيءَ هڪ ذميواري آهي. اها ذميواري ته اسان فاصلن جي باوجود هڪ ٻئي سان جڙيل رهون ۽ پنهنجي سڃاڻپ کي زنده رکون، يعني اهڙو مستقبل ناهڻ جتي سنڌي هجڻ رڳو هڪ ياد نه پر زنده حقيقت هجي. جيڪڏهن اسان هن ويزن ۽ خواب کي سچائي ۽ حڪمت عملي سان هان سان هنڌايو ۽ اڳتي وڌايو ته عالمي سنڌي برادريءَ مستقبل جي چيلينجن کي منهن ڏيڻ وڌيڪ مضبوط ۽ متحد ٿي اڀرندي ۽ پنهنجي ماضيءَ جي ورثي کي به عزت سان برقرار رکندي.

اڄوڪو ڏينهن - 24 اپريل

ليلارام ڏيوڌاس رچنداڻي

هن نامور اديب، صحافيءَ ۽ محقق جو جنم 24 اپريل 1924ع تي نوشهري فيروز ضلعي جي شهر ٺارو شاهه ۾ ٿيو. هن کي ننڍي هوندي کان ئي لوڪ ادب، تاريخ ۽ اخبار نويسيءَ سان چاهه رهيو 1947ع ۾ سنڌ ڇڏڻ کان اڳ ئي هن هڪ شاعر، ڪهاڻيڪار، مضمون نگار ۽ صحافيءَ طور پنهنجي ساک قائم ڪري ورتي هئي سنڌ ۾ هو ڪيترن ئي اخبارن سان لاڳاپيل رهيو روزاني "سنسار سماچار"، "هندو سنسار"، "آزاد"، "هفتيوار چوڏس" ۽ "سنڌو" رسالي سان هڪ ليکڪ، صحافيءَ ۽ نامه نگار طور لاڳاپيل رهيو هندستان وڃڻ کان پوءِ هن "جهولي لال" اخبار جاري ڪئي اڳتي هلي هن روزاني هندو، روزاني پرڪاش، ماهوار "فلمي دنيا" ۽ ٻين اخبارن ۾ ڪالم نگار ۽ ايڊيٽر طور ڪم ڪيو هو هڪ بلند پائيءَ جو اديب پڻ هو سندس لکيل ڪتابن ۾ "سنڌوءَ جي جهلڪ"، "وديارٿي رهبر"، "سنڌو درشن"، "سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس"، "سنڌي لوڪ ڪهاڻيون"، "سنڌي ٻولي"، "سنڌي ساهت ۾ مذاڪ"، "سنڌي نظم جي تاريخ"، "آزاديءَ کان پوءِ گجرات ۾ سنڌي ساهتيه"، "آزاديءَ بعد سنڌي ساهت جو اتهاس"، "اڊيرولال"، "سنڌي ويا ڪرڻ"، "سنڌي پڳت" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن هن مهان اديب ۽ صحافيءَ جي زندگيءَ جو سفر 9 مئي 2002ع تي پڄاڻيءَ تي پهتو



موهن ماڪيجاڻي

موهن ماڪيجاڻي باليووڊ جو مشهور اداڪار هو. فلمي دنيا ۾ کيس ميڪ موهن جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هو 24 اپريل 1938ع تي ڪراچيءَ ۾ ڄائو هن کي ننڍي هوندي ڪرڪيٽ ۽ اداڪاريءَ جو گهڻو شوق هو. فني زندگيءَ جي ابتدا ڪراچيءَ جي هڪ ٿيٽر ۾ اداڪاريءَ سان ڪيائين. اڳتي هلي فلمن طرف ڌيان ڌرائين. هن فلم "هير رانجها" ۾ اسسٽنٽ ڊائريڪٽر طور ڪم ڪيو بعد ۾ ڪيترن ئي هندي فلمن ۾ اداڪاري ڪيائين. هڪ اداڪار طور سندس پهرين فلم "حقيقت" (1964ع) هئي اڪثر فلمن ۾ ولين جو ڪردار ادا ڪيائين. سندس مشهور هندي فلمن ۾ ڊان، قرض، ستي پي ستا، زنجير، رفو چڪر، شان، خون پسينا ۽ شعلي شامل آهن. هن سنڌي فلم "دل ڏجي دل وارن کي" ۾ پڻ اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. موهن ماڪيجاڻيءَ 10 مئي 2010ع تي هن فاني دنيا جي اسٽيج تان هميشه لاءِ موڪلايو.

بشير احمد چانڊيو

اڄ مشهور تعليمي ماهر ۽ انتظامي سربراهه بشير احمد چانڊئي جي جنم جو ڏينهن آهي هن جو جنم 24 اپريل 1943ع تي خيرپورميرس ضلعي

اعليٰ انتظامي عهدن تي رهي خدمتون سرانجام ڏنيون انهن عهدن ۾ ڊرينيج اينڊ ريڪليميشن انسٽيٽيوٽ (ڊرپ) جو ڊائريڪٽر جنرل ۽ سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊي ڄام جو وائيس چانسلر شامل آهن هو پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل آمريڪن سوسائٽي آف سول انجنيئرنگ ۽ پاڪستان انسٽيٽيوٽ آف انجنيئرنگ جو ميمبر رهيو هن 26 نومبر 2018ع تي وفات ڪئي

سيد محسن شاهه بخاري

اڄ مشهور سياستدان سيد محسن شاهه بخاريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هو 24 اپريل 1953ع تي ٽنڊي محمد خان ۾ پيدا ٿيو هن بي اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون سياست جي شروعات سنڌ پيپلز اسٽوڊنٽس فيڊريشن (سپاف) جي ميمبر ۽ عهديدار طور ڪيائين اڳتي هلي ميونسپل ڪاميٽي ٽنڊي محمد خان جو ميمبر چونڊيو ويو 1988ع ۾ پهريون ڀيرو سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊجي آيو ان بعد 1990ع، 1993ع، 1997ع ۽ 2008ع ۾ پڻ عام چونڊن ۾ سوڀ ماڻي سنڌ اسيمبليءَ جو ميمبر چونڊيو ويو پاڻ ٻه ڀيرا صوبائي وزير خوراڪ رهي چڪو آهي پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي حيدرآباد ۽ ٽنڊي محمد خان جو نائب صدر پڻ رهيو هن 13 فيبروري 2012ع تي وفات ڪئي



اخلاق انصاري

اڄ مشهور ليکڪ اخلاق انصاريءَ جي جنم جو ڏينهن آهي هن 24 اپريل 1957ع تي لاڙڪاڻي ۾ مشهور ليکڪ انيس انصاريءَ جي گهر ۾ اکيون کوليون ٻارهين ڪلاس تائين لاڙڪاڻي ۾ پڙهيو ان بعد بي ايس سي ۽ ايم ايس سي جون سندون سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪيائين شاگرديءَ واري زماني ۾ هو هڪ سٺو ڪرڪيٽر ۽ اسڪائوٽ رهيو ادب سان به ننڍي هوندي کان ئي لڳاءُ رهيس هو گلن جهڙا ٻارڙا تنظيم جي بنيادي ميمبرن مان هڪ هو سندس پهرين ڪهاڻي 1975ع ۾ ڇپجي پڌري ٿي هن نه فقط ڪهاڻيون لکيون پر ڪيترن ئي پرڏيهي ڪهاڻين جا سنڌيءَ ۾ ترجما به ڪيا سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "رڃ ۾ رابيل" (ڪهاڻيون)، "مان ڪائنات آهيان" (ڪهاڻيون)، "اٿوهي" (ناول)، "مان پاڻ کي ڳولڻ نڪتو آهيان" (ڪهاڻيون) ۽ "مان اڪيلو اوڪ" (سلروٽيون) شامل آهن هن جي ڪهاڻين جو اردوءَ ۾ ترجمو "سائي ۾ ڪوپ" نالي سان شايع ٿي چڪو آهي



اي ڊي خواجه

اڄ مشهور پوليس آفيسر اي ڊي خواجه جي جنم


مختيار انڙ

مشهور آهي هن سنڌ جي مختلف ضلعن ۾ ايس ايس پي طور خدمتون سرانجام ڏنيون ان بعد ڪراچي ايسٽ ۽ سائوٿ جي ڊي آءِ جي طور خدمتون سرانجام ڏنائين هن انٽيليجنس بيورو ۾ جوائنٽ ڊائريڪٽر ۽ هاءِ ويز ۽ موٽروي جي انسپيڪٽر جنرل طور به ڪم ڪيو هن نارڪوٽڪس ڪنٽرول کاتي جي وفاقي سيڪريٽريءَ ۽ نيشنل پوليس اڪيڊمي اسلام آباد ۾ ڪمانڊنٽ آفيسر طور به ڪم ڪيو آهي

شگفته شاهه

اڄ مشهور ليکڪا ۽ چترڪار شگفته شاهه جي جنم جو ڏينهن آهي هن ناليواري ليکڪا جو جنم 24 اپريل 1965ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم محمدي اسڪول حيدرآباد مان حاصل ڪئي هن مئٽرڪ ۽ انٽر جا امتحان ترتيبوار گورنمينٽ حمايت الاسلام گرلز هاءِ اسڪول ۽ زبيده گرلز ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيا. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سنڌي) جي سند حاصل ڪيائين ايم ايڊ ۽ انگريزيءَ ۾ ڊپلوما پڻ ڪيل اٿس عملي زندگيءَ جي شروعات استاد طور ڪيائين ۽ هڪ ڊگهي عرصي کان پبلڪ اسڪول حيدرآباد سان لاڳاپيل آهي هن ڪجهه عرصو مهراڻ يونيورسٽيءَ جي پبلڪ اسڪول ۾ وائس پرنسپال طور به ڪم ڪيو هن 1989ع ڌاري ادبي ميدان ۾ پير پاتو هن جو پهريون نظم ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان نشر ٿيو هوءَ 1990ع واري ڏهاڪي ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد جي مشهور ڪمپيئر به رهي ادبي دنيا ۾ هڪ ڪهاڻيڪار، ناول نگار ۽ شاعرهه طور ڄاتل سڃاتل آهي سندس ڇپيل ڪتابن ۾ "خالي ڪئنواس" (شاعري)، "جڏهن ٽڙندا ٽاڙها گل" (ناول)، "واجهائيندي ورهه ٿيا"، "انڪل آرٿر جون ڪهاڻيون"، "ٻارن جي ٻاري" ۽ "سفر عشق" (سفرنامو) شامل آهن هن جا ڪيترائي مضمون، ڪالم ۽ ٻيا ليک مختلف ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندا رهيا آهن هوءَ هڪ بهترين چترڪار پڻ آهي ۽ هن ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن جا سرورق بڻائي ڪيا آهن هن شاهه جي بيتن جي به خوبصورت چترڪاري ڪئي آهي کيس سندس سالگرهه جي موقعي تي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي



عبدالفتاح عبد عاقلي

عبدالفتاح عبد عاقلي غزل جو مشهور شاعر هو. اڄ سندس ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو 27 اپريل 1907ع تي لاڙڪاڻي ضلعي جي ڳوٺ عاقل ۾ ڄائو هن ابتدائي

عبدالحق عالماڻي

اڄ مشهور ڪهاڻيڪار عبدالحق عالماڻيءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي هو پهرين جنوري 1941ع تي ٽنڊي محمد خان تعلقي جي ڳوٺ حسين خان عالماڻيءَ ۾ ڄائو ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي (سنڌي) جي سند حاصل ڪيائين مسلم ڪاليج حيدرآباد ۾ ليڪچرار طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪيائين 1965ع ڌاري لکڻ شروع ڪيائين سندس ڪهاڻيون سنڌ جي ڪيترن ئي ادبي رسالن ۽ اخبارن ۾ شايع ٿيون هن جي ڪهاڻين جو مجموعو "ڪارو ڪارونڀار" ڇپيل آهي هن هڪ ناول "هي جيون هي سپنا" پڻ لکيو تاريخ 24 اپريل 1975ع تي ڪينسر جهڙي موذي مرض سان جهيڙيندي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو ڪن حوالن ۾ سندس وفات جي تاريخ 25 اپريل 1975ع ڄاڻايل آهي



شهزادي

شهزادي ريڊيو ٽي وي ۽ فلمن جي مشهور سنڌي اداڪارهه هئي هن جو جنم سکر ۾ 1941ع ڌاري ٿيو هن اداڪاريءَ جي شروعات ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان 1965ع ڌاري ڪئي هن جي پهرين سنڌي فلم پنوعاقل هئي جيڪا 1969ع ۾ رليز ٿي ٽيليويزن تي سندس پهريون ڊرامو زينت (1970) هو هن لڳ ڀڳ 450 ڊرامن ۽ ڪجهه سنڌي فلمن ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا. 24 اپريل 2003ع تي سندس وفات ٿي



شهزادو گلنار

اڄ مشهور ليکڪ ۽ صحافيءَ شهزادي گلنار جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. شهزادي گلنار جو اصل نالو غلام محمد ولد علي محمد ميمڻ هو ۽ هو 2 مارچ 1935ع تي ٺٽي ۾ ڄائو هو. هن مئٽرڪ جو امتحان نورمحمد هاءِ اسڪول حيدرآباد ۽ انٽر جو امتحان سٽي ڪاليج حيدرآباد مان پاس ڪيو. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان سوشالاجيءَ ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪيائين. هن کي 1956ع ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ نوڪري ملي جتي هن مختلف عهدن تي رهي ڪم ڪيو جن ۾ امتحانن جو ايڊيشنل ڪنٽرولر، وائيس چانسلر جو پي اي ۽ يونيورسٽي پريس جو مئنيجر شامل آهن. هن کي فلمي دنيا سان وڏو لڳاءُ هو ۽ جوانيءَ واري زماني ۾ مختلف اخبارن ۾ فلمي دنيا بابت ڪالم ۽ فلمي خبرون لکندو هو. هن شهزادي گلنار جي نالي سان فلمي دنيا نالي رسالي ۾ ڪالم لکڻ شروع ڪيا ۽ پوءِ سڄي ڄمار اهوئي نالو سندس سڃاڻپ بڻجي ويو. هن مشهور



CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
گارجين ايپليڪيشن نمبر سال 2026

ذوالفقار علي ولد دين محمد ذات ڪوسو ويٺل دين پور تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو. ايپليڪينٽ.بخلاف (1)مسمات صنم زال ذوالفقار (2) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ..اپوننٽس. (1) بيبي شفا (2) عنير (3) فجر (4) عدنان سڀ پٽ ڌيئرون ذوالفقار ڪوسو، مائنر

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين مائنر جي گارڊين جي مقرري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه
(روبرو جناب عاشق علي)
سول سوٽ نمبر 40 سال 2026

مسمات فهميده ڌيءَ محمد جمن چانڊيو ويٺل بگهيو محلو حال جيجل ماڙ ڪي اين شاهه ضلعو دادو. پلينٽف.بخلاف. محمد ياسين ولد سڪندر علي چانڊيو ويٺل پريا وليج ڦاٽڪ ڄامشورو.ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف خلع، خرچ نئونءِ ظهير عباس ۽ مدعي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول جج 4th اينڊ جي ايم حيدرآباد
(روبرو جناب صفدر حسين نوحي)
فيملي سوٽ نمبر 517 سال 2026

مسمات فرحانه ڌيءَ خادم حسين رهندڙ ڪرن خان شورو قاسم آباد حيدرآباد . پلينٽف.بخلاف. عبدالستار ولد الله ورايو رهندڙ گهر نمبر 19-A قاسم آباد فيز 1 حيدرآباد......ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف ڊاور امائونٽ، ڊاوري آرٽيڪلز پاسٽ فيوچر مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 28-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول جج 4th اينڊ جي ايم حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ
(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)
گارڊين سوٽ نمبر سال 2026

عبدالفتاح ولد غلام قادر مگسي رهندڙ سجل ڪالوني سڪرنڊ . ايپليڪينٽ.بخلاف (1) فهد علي (2) فياض علي پٽ عبدالفتح مگسي (3) مسمات Zain-un-Nisa زال عبدالفتح مگسي (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج......اپوننٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ صغير نالي فراز جي گارڊين جي مقرري لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا
سڪسيشن درخواست نمبر 18 سال 2026

مسمات سيما زيدي بيواهه مدد علي ڪاڪا ذات ڪاڪا رهندڙ گوٺ پليڻو ڪاڪا تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري ...ايپليڪينٽ. بخلاف. (1) محمد ذڪريا (2) مسمات فاطمه ٻچي ڌي پٽ مرحوم مدد علي ڪاڪا رهندڙ گوٺ پليڻو ڪاڪا تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري (3) مس لاريب ڌيءَ مرحوم مدد علي ڪاڪا (4) محمد يوسف ولد مرحوم مدد علي ڪاڪا (5) مس فردوس ڌيءَ مرحوم مدد علي ڪاڪا مائنر معرفت ماءُ سيما زيدي بيواهه مرحوم مدد علي ڪاڪا رهندڙ گوٺ پليڻو ڪاڪا تعلقو سعيد آباد ضلعو مٽياري (6) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپوننٽس

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ سڪسيشن درخواست زير قلم 372 سڪسيشن ايڪٽ 1925 تحت درخواست داخل ڪئي آهي سڪسيشن سرٽيفڪيٽ حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي پراپرٽي ڇڏي آهي فوتي مدد علي ڪاڪا شناختي ڪارڊ نمبر 4130122859115 وفات جي تاريخ 06-01-2026 پراپرٽي ۾ اين بي پي برانچ سعيد آباد جي اڪائونٽ نمبر 4102420511 / PK07NBPA0259004102420511 ڇڏيل رقم 397,327.32 روپيا تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 30-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ جج هالا

عام اطلاع

هر عام ۽ خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مسمات ماهين امبر ڌيءَ مرحوم غلام الله زرداري زال غلام عباس لاشاري ويٺل گهر نمبر 79 A هائوسنگ سوسائٽي نواب شاهه جڏهن هائي ڪورٽ سڳوري ۾ C.P.No: D-623/2026 داخل ڪئي آهي جنهن ۾ سندس چوڻ ته مون کي منهنجي والد مرحوم غلام الله ولد عبدالله خان جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي جنهن جي تعلقه سڪرنڊ ۾ زرعي زمين آهي ملڪيت درخواست گزار اهڙي ڪاغذي ثبوت پڻ اسان جي آفيس ۾ پيش ڪيا آهن ته مرحوم ولد جا جائز ۽ حقيقي وارث هيٺ ڏجن ٿا ۽ ڪورٽ سڳوري پاڻ اهو حڪم ڪرڻ فرمايو آهي ته مرحوم جي پراپرٽي جو فوتي کاتو تبديل ڪري اهڙي رپورٽ پيش ڪندا مرحوم جا جائز وارث هيٺ ڏجن ٿا.1ڪاشف حيدر ولد غلام الله زرداري.2زين العابدين .3مسمات افشين خوشبو ڌي.4مسمات رزوانه بيواهه5مسمات ماهين امبر ڌي.جيڪڏهن مٿين وارثن کان علاوه ڪو ٻيو وارث مرحوم جو هجي يا ڪنهن کي سندس وارثن تي اعتراض هجي ته هن اطلاع جي اشاعت کان ستن (7) ڏينهن اندر اسان جي آفيس ۾ لکت ۾ پنهنجي ثبوتن سان گڏ اسان جي روبرو اعتراض داخل ڪن، ٻي صورت ۾ مٿي ذڪر ڪيل مرحوم جي ملڪيت جو فوتي کاتو سندس جائز وارثن ۾ تبديل ڪيو ويندو

مختيارڪار تعلقو سڪرنڊ

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار نالي اعظم حسين ولد مولابخش رهندڙ گوٺ الهڏنو لاشاري تعلقو حيدرآباد اسان کي درخواست ڏني آهي ته سندس نالي مولا بخش ولد حاجي محمد لاشاري تاريخ 11-08-2025تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جي نالي تي زرعي زمين/ سروي نمبر 252, 345, 291.11/1.2 292/1.2.3 ۽ ٻيا ايراضي حصي موجب ديهه لاشاري ٽپو ٽنڊو فضل تعلقو حيدرآباد ۾ آهي جنهن جو فوتي کاتو تبديل ڪري ڏنو وڃي فوتي فوت ٿيڻ کانپوءِ هيٺ ڄاڻايل قانوني ۽ حقيقي وارث ڇڏيا آهن اهڙي گواهي ٻن گواهن جلسه عام / بيان ڏني آهي (1) اعظم حسين (پٽ) (2)معظم علي (پٽ) (3) محمد اسلم (پٽ) (4) اڪرم علي (پٽ) (5) آصف علي (پٽ) (6) ياسر (پٽ) (7) مسمات سبر (ڌي) (8) مسمات تبسم (ڌي) (9) مسمات شمير (ڌي) (10) مسمات مورزادي (بيواهه) جنهن جا وارث مٿي ڄاڻايل آهن جنهن جي نالي تي فوتي کاتو تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿين وارثن ڪانسواءِ فوتين جو ٻيو ڪو جائزوارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتو تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (07) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع آفيس ايڊريس: جڪرا ڦاٽڪ ميرپورخاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري.معياد گذرڻ بعد فوتي کاتا تبديل ڪيا ويندا ۽ ڪوبه اعتراض يا دعوئ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي بنگلي نمبر 23 بلاڪ بي ٽائيپ R صائم ٽائون مين بائي پاس حيدرآباد جون رسيدون مبلغ 5763000 روپيا ڪٿي ڪري گم ٿي ويون آهن مذڪوره فائل تي فروخت يا ٽرانسفر نه ڪئي وڃي اگر ڪنهن کي ملن ته هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪن

نتيش ڪمار ولد رميش ڪمار
شناختي ڪارڊ نمبر 4440114486275
سيل نمبر 03333266222

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته نيو فروٽ اينڊ ويجيٽيبل مارڪيٽ سپر هاءِ وي ڪراچي جي ويجيٽيبل دڪان فائل نمبر 4178 جي بوڪنگ جا ڪاغذ ڪٿي ڪري گم ٿي ويا آهن. ڪافي ڳولا جي باوجود ملي نه سگهيا آهن. اهڙي گمشدگي رپورٽ پان سيد آباد پوليس ٿاڻي تي داخل پڻ ڪرائي آهي. جنهن ۾ ياءِ ڪي ڄاڻايل ڪاغذ هٿ آيا هجن ته هيٺين ائڊريس تي ڏياري موڪلي ڏ ڪيس نقد انعام ڏنو ويندو

خدابخش ولد محمد بچل راڏن ڳوٺ راڏڻ تعلقو سيوهڻ ضلع ڄامشورو

گمشده ڪاغذات بابت اطلاع

جيئن ته منهنجي مرحبا سٽي هائوسنگ اسڪيم حيدرآباد ۾ واقع پلاٽ نمبر C-108 جا ڪاغذ گم ٿي ويا آهن ان لاءِ گذارش ٿي ڪجي ته جنهن کي هٿ آيا آهن يا هٿ اچي وڃن ته هيٺين ايڊريس تي موڪلي ڏئي يا ڏنل موبائل نمبر 0306 3433204 تي رابطو ڪري

عطا محمد ولد محمد يعقوب ڏاهري. شناختي ڪارڊ نمبر 45401-5756680-3 رهندڙ پوسٽ آفيس دولتپور صفن ، ديهه جرڪوهارو رعيتي تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد

بقايا | 1 | خودڪشي

اسپتال ميهڙ آندو ويو آهي مقتول ناري جي والد خدا بخش ڪولاچي ٻڌايو ته جوابدار شهمير پٽ حمير ڪولاچي جنهن سونڪان پنهنجي نياڻي جو رشتو گهريو هيو منهنجي نياڻي منهنجي پنهنجي ڀائٽي جي نالي ٿيل هئي جنهن جو اڄ ونواهه هيو ۽ ڪجهه ڏينهن ۾ ان جي شادي رٿيل هئي جنهن تان جوابدار سجرجي گهر تي حملو ڪيو ۽ فائرنگ ڪري منهنجي ڌي کي قتل ڪيو، گهر واري کي سرٽيفڪيٽ ڪرڻ بعد پاڻ معان ٻه فائر ڪري خودڪشي ڪئي آهي اسان سان ظلم ٿيو آهي

بقايا | 2 | ٿهرام

حسين اعواڻ جو نوجوان پٽ ۽ نوجوان وڪيل 30 سالن جو اويس اعواڻ ميرپور ماٿيلو ويندي سندس ڪار ٽريڪٽر ٽرالي سان ٽڪرائجي وئي جنهن جي نتيجي ۾ هو سخت زخمي ٿي پيو ، جنهن کي گهوٽڪي اسپتال پهچايو ويو جتان سندس حالت ڳڻتي جوڳي هئڻ ڪري ڪيس طبي امداد بعد سکر روانو ڪيو ويو

بقايا | 3 | عذرا فضل پيچوهو

ڪمشنر آفيس شهيد بينظيرآباد ۾ ڪمپيوٽرائيزڊ ڊوميسائل سسٽم جو افتتاح ڪيو. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو چيو ته سنڌ حڪومت عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ سرڪاري خدمتن ۾ بهتري آڻڻ لاءِ اڻٿڪ قدم کڻي رهي آهي.هن وڌيڪ چيو ته جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان نه صرف عوامي مسئلن ۾ گهٽتائي ايندي، پر سرڪاري معاملن ۾ شفافيت ۽ تيزي به ممڪن ٿيندي.

بقايا | 4 | ڪتاب ميلو

بدلائڻ سگهن ٿا صوبائي وزيرسيد ذوالفقار علي شاهه چيوته نوجوان نسل کي وڌ کان وڌ ڪتابن سان دوستي ڪرڻ گهرجي ٻئي طرف يونيسڪو ورلڊ هيريٽيج ساز پوڙيندو تي ثقافت کاتي سنڌ پاران ٽن ڏينهن واري ورڪشاپ ڦيس سنڌ ميوزيم ۾ ٿيل ورڪشاپ واري تقريب ۾ صوبائي وزير ثقافت ۽ سياحت سيد ذوالفقار علي شاهه جي شرڪت ڪئي ڪمشنر حيدرآباد فياض عباسي ڊي جي ڪلچر حبيب الله ميمڻ سنڌي لينگويج اٿارٽي چيئرمين ڊاڪٽر شير مهراڻي سميت اديبن ۽ شهرين جي شرڪت ڪئي ورڪشاپ ۾ پوڙيندو نواز ڦقير ذوالفقار لنڊ شاگردن کي پوڙيندو ساز تي تربيت ڏني

بقايا | 5 | مظاهرو

خاصخيلي ۽ عورتن سميت ٻارن شرڪت ڪئي ان موقعي تي احتجاج ڪندڙن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 22 ايڪڙ زمين سرڪاري ڪٽت آهي. جڏهن ته مخالف ڌر عبدالجبار ڦل صبغت الله ڦل ۽ محمد علي ڦل سان زمين بابت ڪيس عدالت ۾ هلندڙ آهي.

بقايا | 6 | غور ويچار

عبدالاحد، جنرل مئنيجر نيشنل هاءِ وي اٿارٽي (NHA) محمد حسين شاهه چيف انجنيئر سيپڪو عبدالغني شيخ ريجنل هيڊ جيڪب آباد ايس ايس سي جي ڪمار چاولا، ٽريڊ ڊوليمپنٽ اٿارٽي آف پاڪستان(TDAP) ، اي ايس پي شوئب امين (پوليس)، ڊپٽي ڊائريڪٽر اطلاعات ڪاتي ضلعي انتظاميه ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جي نمائندن اجلاس ۾ شرڪت ڪئي. اجلاس ۾ مختلف ادارن جي ڪارڪردگي، عوامي مسئلن جي حل ۽ ادارن وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو. گورنر سنڌ لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته عوامي مسئلن جي فوري ۽ مؤثر حل لاءِ قدمن کي تيز ڪيو وڃي ۽ ادارن وچ ۾ هم آهنگي کي وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي. گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي سيپڪو جي آپريشن هيڊ کي هدايت ڪئي ته اداري جي ڪارڪردگي بابت تفصيلي رپورٽ جلد کان جلد پيش ڪئي وڃي. هن اي پي زيڊ (Export Processing Zones) ۽ صارفين جي ڪيئيڪرائيزيشن جي نظام کي وڌيڪ شفاف ۽ مؤثر بڻائڻ تي به زور ڏنو. اجلاس دوران گورنر سنڌ ايف آءِ اي سميت ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي ڪارڪردگي کي ساراهيو ۽ انهن جي خدمتن کي قابل تحسين قرار ڏنو. هن نادرا کي خاص ماڻهن (معذور فردن) لاءِ خاص سهولتن ۽ آسان خدمتن جي فراهمي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جي هدايت پڻ ڪئي. گورنر سنڌ وڌيڪ هدايت ڪئي ته سوشل ميڊيا تي سرگرم اهڙن عنصرن خلاف قانون موجب ڪارروائي يقيني بڻائي وڃي، جيڪي خاص طور تي عورتن ۽ سماجي قدرن خلاف منفي يا غير ذميوارانهيون سرگرميون ڪن ٿا.

بقايا | 7 | فوت

ڪري ڇڏيو جنهن ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته فوتي جو مڙهه محرابپور پرسان ڳوٺ وزير بڙدي گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ پوري علائقي ۾ سوڳ واري صورتحال ڇانئجي وئي ٻئي پاسي فوتي جي وارثن موجب واقعو اتفاقي ٿيو آهي جڏهن ته آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿي سگهيو نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ آئي.

بقايا | 8 | جائزو

ڪلاسن جو معائنو ڪيو ۽ امتحاني عمل، نگراني جي نظام ۽ انتظامي قدمن جو جائزو وٺندي انتظامن تي اطمينان جو اظهار ڪيو هن ڪاليج انتظاميا کي هدايت ڪئي ته شفاف، منصفاڻو ۽ ميرٽ تي مبني امتحاني ماحول هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي، جڏهن ته نقل جي روڪٿام لاءِ وڌيڪ سخت ۽ اثرائتا قدم کنيا وڃن. ان موقعي تي چيئرمين شاگردن سان پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ کين محنت، ايمانداري ۽ خوداعتمادي سان امتحان ڏيڻ جي تلقين ڪئي. هن چيو ته حڪومت جي واضح هدايتن موجب امتحانن کي مڪمل طور شفاف بڻائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا پيا وڃن ته جيئن شاگردن کي سندن محنت موجب انصاف تي ٻڌل نتيجا ملي سگهن. ان موقعي تي پرنسپال گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج ڪوٽڙي، محترمه راحيلا بلوچ، اسسٽنٽ پروفيسر حميده مير بحر سميت ڪاليج جو تدريسي عملو پڻ موجود هو ان کان اڳ، چيئرمين بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ حيدرآباد، پروفيسر ڊاڪٽر شجاع احمد مهيسر گورنمينٽ علي بابا بوائز ڊگري ڪاليج ڪوٽڙي جو پڻ دورو ڪيو جتي هن امتحاني مرڪز جي مختلف ڪلاسن جو معائنو ڪري امتحاني عمل جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ عملي کي وڌيڪ بهتري لاءِ ضروري هدايتون جاري ڪيون.

بقايا | 9 | گرفتار

ڪارروائي ڪندي 2 عورتن سميت 5 ماڻهن کي حراست ۾ ورتو آهي پوليس موجب حراست ۾ ورتل ماڻهن ۾ عصمت لاشاري شامل آهي جنهن جي نشاندهي تي محمد پناهه ڦل ۽ گل محمد عرف گلو ملاح کي به گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته ٻن عورتن کي پڻ جاچ ۾ شامل ڪيو ويو آهي پوليس ذريعن جو چوڻ آهي ته ٽينگري جي لاپتا ٿيڻ وارو واقعو انتهائي حساس نوعيت جو آهي واقعي جو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ جاچ جاري آهي جيڪڏهن جاچ دوران الزام ثابت ٿيا ته جوابدارن کي چالان ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو ويندو

بقايا | 10 | نوٽيس ورتو

جي مک مرڪز هالا چوڪ ۾ ادا ڪئي ان موقعي تي شهر جي سياسي سماجي ڌرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري پوليس گردي نامنظور غنڊه گردي نامنظور جي نعريبازي ڪئي ڪيس سوين آلين اکين سان ابائي قبرستان عاشق شاهه قبرستان ۾ سوين آلين اکين سان مٽيءَ ماءِ حوالي ڪيو ويو گذريل رات پيپلز پارٽي ضلع سانگهڙ ۽ شهيد بينظيرآباد جي اڳواڻن ۽ اعليٰ قيادت مظاهرين سان ڳالهيون ڪري ڪيس داخل ڪرڻ جي يقين دهاني ڪرائي احتجاج ختم ڪرايو جڏهن ته صوبائي گهرو وزير ضياء لنجار معاملي جو نوٽيس وٺندي تحقيقات جو حڪم ڏنو.جنهن بعد شهدادپور ٿاڻي جي ايس ايڇ او ۽ نوابشاهه بي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايڇ او سميت 4 اهلڪارن کي معطل ڪرڻ ۽ جاچ ايف آءِ اي حوالي ٿيڻ جي يقين دهاني بعد ڌرڻو ختم ڪيو هيو ان موقعي تي شهرين مطالبو ڪيو ته ارشد پڻي ڪيس ۾ ملوث پوليس عملدارن خلاف ڪارروائي ڪري انصاف ڪيو وڃي واضع رهي ته شهدادپور ۽ نواب شاهه پوليس ارشد پڻي کي چوري جي موبائل لوڪيشن تي حراست ۾ ورتو هيو جيڪو نواب شاهه بي سيڪشن ٿاڻي ۾ پوليس تشدد ۾ فوت ٿيو هيو واضع رهي ته 6مهينا اڳ 5 مهينا اڳ هيڊ ماسٽر ڄام عزيز جکرو کي پوليس گهران گهرائي ٿاڻي تي وحشياڻو تشدد ڪري قتل ڪري ڇڏيو هيو

بقايا | 11 | آپريشن جاري

حدن ۾ ڪامياب ڪارروائي ڪندي هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو. گرفتار جوابدار جي قبضي مان 28 ٿيلهيون سوپارين جون هٿ ڪيون ويون جيڪي گٽڪا ۽ ماوا جي تياري ۾ استعمال ٿين ٿيون. گرفتار جوابدار جي سڃاڻپ ارشاد جمالي طور ڪئي وئي آهي. جنهن خلاف گٽڪا ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪري قانوني ڪارروائي شروع ڪئي وئي آهي.ٻئي پاسي ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل چيو آهي ته گٽڪا ۽ ماوا جي تياري ۽ وڪري ۾ ملوث عنصر ڪنهن به رعايت جا مستحق ناهن اهڙن ماڻهن خلاف قانون مطابق سخت ڪارروائي جاري رهندي. هن وڌيڪ چيو ته پوليس پارٽي جي ڪامياب ڪارروائي قابل تعريف آهي جڏهن ته اهڙين ڪارروائين کي وڌيڪ تيز ڪرڻ جا به حڪم جاري ڪيا ويا آهن.

بقايا | 12 | احتجاج

چوڏگي اڳيان شاميانو هڻي بک هڙتالي ڪئمپ قائم ڪري ورتي ان سلسلي ۾ متاثرين ٻڌايو ته جيسيتائين تحفظ نه ملندو ڪئمپ جاري رهندي هنن چيو ته بااثر اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي گذريل ٻن مهينن کان مسلسل وقت بوقت گهرن تي حملا ڪري ٿا هنن ۽ٻارن تي تشدد ڪن ٿا هنن وڌيڪ چيو ته بااثر ڪٽڪ جو لابارو ڪندڙ اسان جي عورتن تي تشدد ۽ انهن جي تذليل ڪئي ۽ رات جو گهر تي حملو ڪري لاٽيون کي باهه ڏني ويئي ۽انڌا ڌنڌ فائرنگ ڪئي وئي هنن دانهيو ته واقعي جو اطلاع اڪري پوليس کي ڏنو آهي پر ڪو تدارڪ نه ٿيو ٿاڻي اٿو ايس ايڇ او اڪري ڌمڪائي رهيو آهي هنن دانهيو ته جوابدار ڌر بااثر آهي اسان کي انهن مان جاني مالي خطرو آهي هنن ايس ايس پي خيرپور ۽ٻين وس وارن کان مطالبو ڪيو ته ماسري جو نوٽيس وٺي تحفظ ۽انصاف فراهم ڪيو وڃين

بقايا | 13 | ڪامياب

جوائنٽ سيڪريٽري لاءِ علي عباس ڳاڏهي ۽ خزانچي جي عهدي تي اياز احمد سولنگي ڪامياب قرار ڏنا ويا. جڏهن ته ٻئي طرف ايڊووڪيٽ رفيق احمد ڏاهري پينل مان جنرل سيڪريٽري جي عهدي تي غلام علي پني ۽ لائبريري سيڪريٽري جي عهدي تي عبدالغفور پني ڪاميابي ماڻي ورتي چونڊ نتيجن بعد سيوهڻ بار ايسوسيئيشن جي احاطي ۾ وڪيل برادري ۽ سندن همدردن پاران چونڊيل صدر عاشق سولنگي تي گلن جي ورکا ڪري تمام ڪامياب اميدوارن کي مبارڪون ڏنيون ويون جنهن بعد چونڊيل صدر ايڊووڪيٽ عاشق سولنگي جي اڳواڻي ۾ ڪاميابي جي خوشي ۾ بار آفيس کان ڏهل شرنائين سان ريلي ڪيڍي قلندر لعل شهباز جي مزار تي حاضري ڀري، گلن جي چادر چاڙهي وئي ان موقعي تي نيشنل پريس ڪلب آڏو ڳالهائيندي نئين چونڊيل صدر ايڊووڪيٽ عاشق سولنگي چيو ته وڪيل برادري جنهن اعتماد جو اظهار ڪيو آهي هو ان تي پورو لهڻ لاءِ ڀرپور ڪوشش ڪندا. هن چيو ته سيوهڻ بار جي بهتري، وڪيلن جي ڀلائي ۽ سندن مسئلن جي حل لاءِ ترجيحي بنيادن تي قدم کنيا ويندا. هن چيو ته سندن مخالف پينل پاران عبرتناڪ شڪست بعد فائرنگ ڪرڻ جون ڪوڙيون خبرون پکيڙي رهيا آهن جنهن جي مذمت ڪيان ٿو

بقايا | 14 | پوليس چڙهائي

چانڊيو ۽ ممتاز چانڊيو الزام هڻيو ته ۾ ڏينهن اڳ رات جي اونداهي ۾ سائيٽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او خير محمد ملاح پوليس جي وڏي نفري ساڻ ڪري وڏي پروٽوڪول سان بنا جواز منهنجي دڪان جو گهيراءِ ڪري سون کي زوري دڪان تان ڪٽي موبائيل ۾ ويهاري بنا ليڊيز ۽ بنا وارنٽ ايف آءِ آر منهنجي گهر تي چڙهائي ڪري اندر موجود عورتن ۽ ٻارن سان بدتميزي ڪري انهن کي حراسمينٽ ڪيو ويو ۽ تمام گهڻي بدتميزي سان پيش اچي گهر جي تلاشي ورتي ويئي هن چيو ته منشيات خلاف آواز اٿارڻ ايس ايڇ او کي پسند نه آيو منشيات جي ڪٽڻن تان منٿلي وٺندڙ پاڻ سان گڏ منشيات فروش ويهاري ويٺو آهي هن وڌيڪ چيو ته واقعي خلاف ايس ايس پي ڄامشورو کي درخواست ڏني وئي آهي ۽ عدالت جو در پڻ کڙڪايو ويندو جڏهن ته ايس ايس پي پاران هن ايس ايڇ او خير محمد ملاح کي هٽائڻ جي لاءِ جدوجهد ڪئي ويندي جيڪو ڪوٽڙي سائيٽ ۾ منشيات جو ڪاروبار جو حمايتي آهي هن اعليٰ اختيارين ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي ساڻن انصاف ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا | 15 | راشد محمود

۽ ڇٽي تعلقن جي جنرل ڪائونسل جو گڏيل اجلاس ٿيو جنهن ۾ مرڪزي ۽ صوبائي جماعت جي عهديدارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ ملڪي مقامي ۽ عالمي حالتن تي تفصيلي غور ويچار ڪيو ويو جتي هڪ طرف سڄي دنيا امن جي ڳولا ۾ آهي ڪٿي وچ اوڀر جا مالڪن هجڻ يا پوري اقوام عالم هجي اهي اڄ امن جي لاءِ پريشان آهن امن جي حوالي سان حڪومت پاڪستان ۽ اسٽبلشمينٽ جيڪو ڪردار ادا ڪري رهي آهي ان لاءِ جي يو آءِ جي پاليسي واضح آهي پر ان جي باوجود اسان هن حڪومت ۽ پارليامينٽ کي تسليم ڪرڻ لاءِ تيار ناهيون اسين سمجهون ٿا ته هي اسيمبلي ڌانڌلي جي ذريعي وجود ۾ آئي آهي ۽ اسيمبلين ۾ ويٺل ميمبر فارم 47 جا پيداوار آهن پر جتي پاڪستان جي ڳالهه ايندي ۽ اقوام عالم کي پاڪستان طرفان اڳواڻيءَ ۽ نمائندگي ڪرڻ جي ڳالهه ايندي ته اسين پنهنجي اختلافن کي ڇڏي امن جي قدمن لاءِ سڀني جي اڳيان ڪندا رهيا آهيون اسان انهن قدمن کي نه صرف ساراهيون ٿا پر ضرورت آهي ته فوري طور خطي ۾ امن قائم ٿيڻ گهرجي هن چيو ته آمريڪا جي صدر ڊونلڊ ٽرمپ جا روزانو جي بنياد تي بلجنڊ بيان ۽ هڪ ڏينهن ۾ 50 بيان بدلائڻ سان اسان سمجهون ٿا ته اهي بيان شايد امن جي رستي ۾ رڪاوٽ بڻجي رهيا آهن هن چيو ته آمريڪا کي فوري طور ايران جي ان جنگبندي واري مطالبي تي ته جنگبندي دوران قبضي ۾ ورتل جهاز ۽ سندن عملي کي واپس ڪرڻ گهرجي ته جيئن پاڪستان جي ڪوشش سان ڳالهين کان پوءِ ڳالهين جي معطلي ختم ٿئي ۽ امن جي حوالي سان گهري ڳڻتي ختم ٿي سگهي اجلاس ۾ ان ڳالهه تي غور ويچار ڪندي تفصيلي جائزو ورتو ويو ته سنڌ جي اندر نااهل ۽ نالائق حڪمران جن نه صرف عوام جو جيئڻ جنجال ڪيو هي هنن ڌاڙيلن جي سرپرستي ڪئي ۽ جيڪي قبيلائي سردار جي يو آءِ جي امن جرڳي ۾ اچڻ لاءِ تيار نه هئا اڄ اهي 3 ڏينهن کان سکر سرڪٽ هائوس ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي حڪومت کي ڪريڊٽ ڏيڻ کان نه پيا ٿڪجن ان جو مطلب اهو ته اسان جو موقف درست هو جيڪو ڪجهه ٿي رهيو آهي اهو سنڌ حڪومت جي سرپرستي ۾ ٿي رهيو آهي. اسان جي دعويٰ درست هئي ته سنڌ حڪومت سنجيده ڪردار ادا ڪري ته امن امان قائم ٿي سگهي ٿو اجوڪي اجلاس ۾ جي يو آءِ امن امان جي حوالي سان ڪنيل قدمن جي اڳيان ڪٽي آهي، جي يو آءِ وڌيڪ قبيلائي جهيڙن کي ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪري ٿي اسين سمجهون ٿا ته امن ۽ معيشت دنيا جي ضرورت آهي پر اسان جي حڪومت نه امن قائم ڪري سگهي آهي ۽ نه ئي ماڻهن کي معيشت ڏئي سگهي آهي اڄ ان ڳالهه تي گهڻي جو اظهار ڪيو ويو ته جتي جي يو آءِ جي 2 امن مارچ جي يو آءِ طرفان سنڌ اسيمبليءَ ٻاهريان لکين ماڻهن جي احتجاج ۽ 2 امن جرڳن جي ڪري ڌاڙيلن کان هٿيار ڦٽا ڪرايا ويا ۽ قبيلائي جهيڙن جي خاتمي لاءِ جرڳا ڪرايا پيا وڃن اتي جيڪو طريقه ڪار اختيار ڪيو ويو آهي ان تي جي يو آءِ کي خدشا آهن جيڪڏهن سنڌ حڪومت ڌاڙيلن کان هٿيارن جي خريد ۽ فروخت ڪري، حڪومت 5 هزار 50 هزار ۽ 5 لک تائين هٿيارن جو معاوضو ادا ڪري ريڊ ڪارپيٽ تي آجيان ڪندي ايس ايڇ اوز جي اي سي وارا ڪمرا ڌاڙيلن لاءِ خالي ڪرائيندي ٻئي ڏينهن سنڌ حڪومت ميڊيا تي 80 ماڻهن ۽ عدالت ۾ 30 ماڻهن کي پيش ڪندي ته پوءِ سياڻي رياست جي کهڙي رٽ رهندي ان سان ڌوهاري ته طاقتور ٿيندو ته ڪيس خبر پئجي ويندي ته سرڪار طرفان ڪيس معاوضو ڏئي ريڊ ڪارپيٽ تي آجيان ڪيو پيو وڃي ڌاڙيلن ۽ ڌوهارين خلاف اهڙو طريقه ڪار ناهيو وڃي جنهن سان رياست جي رٽ برقرار رهي ۽ ڌوهاري ڪمزور ٿين اجلاس ۾ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته جتي اسان سنڌ ۽ سنڌ جي عوام لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندي سنڌ، ڪارونجهر ۽ ماسترن جو ڪيس وڙهي، نون ڪئنالن خلاف سنڌو درياهه جي ٻنهي پاسن تي ڪشمور کان ڪراچي تائين ماڻهن کي گڏ ڪيو امن جي لاءِ ٻه پيرا مارچ ۽ ٻه پيرا امن جرڳو ڪري وزيراعليٰ گهرو وزير گهرو سيڪريٽري ۽ چيف سيڪريٽري سان ملاقاتون ڪري سنڌ جي نمائندي جي لاءِ لاڙڪاڻي کان ڪشمور جيڪب آباد، ٿرپارڪر ڪراچي کان گهوٽڪي تائين نااهل حڪمرانن خلاف چونڊون وڙهياسين هاڻي جيسيتائين عوام کي پنهنجا حق نه ملندا تيسيتائين جي يو آءِ تحريڪ کي تيز ۽ جاري رکندي هن چيو ته نه صرف سنڌ، بلوچستان کي پي کي پر ايران کي به امن جي ضرورت آهي پر وينزويلا وچ اوڀر جا ملڪ محفوظ ناهن جي يو آءِ امن لاءِ هڪ قدم اڳتي وڃي رهي آهي ان لاءِ 19، 20 ۽ 21 مارچ تي سکر ۾ نه صرف پاڪستان ۾ دنيا جي تاريخ جو سڀ کان وڏو ۽ منفرد عالمي اجتماع ڪرڻ وڃي رهيا آهيون جنهن ۾ پاڪستان جي سياسي، مذهبي ۽ قومپرست جماعتن سميت وڪيلن ۽ صحافين کي دعوت ڏيڻ سان گڏ امام ڪعبه کي به دعوت ڏني آهي جنهن اسان جي دعوت قبول ڪئي آهي امن اجتماع ۾ مسجد نبوي جي امام قبله اول بيت المقدس جي امام آمريڪا کان آفريڪا تائين پوري دنيا کي سکر ۾ هڪ اسٽيج تي گڏ ڪري خطي، سنڌ، پاڪستان ۽ دنيا جي امن لاءِ عوامي قوت جو مظاهرو ڪري امن جو مطالبو ڪنداسين هن چيو ته جي يو آءِ جي ڪوشش آهي ته تعليمي ادارن جي حوالي سان ڀرپور ۽ زوردار تحريڪ جي شروعات ڪرڻ پئي وڃي، تعليمي بورڊ لاڙڪاڻو سکر نوابشاهه حيدرآباد ۽ ڪراچي بورڊ ڪرپشن ڪري ٻارن کان پئسا وٺي انهن جي مارڪن کي سيٽ ڪندا آهن پر هاڻي پاڻي مٿي کان چڙهي ويو آهي جتي ميرپورخاص جي ڪاليج اندر پوزيشن هولڊر شاگردياڻي ان ڪري خودڪشي ڪئي جو ڪيس جنسي درندگي تي مجبور ڪيو ويو هي واقعو خودڪشي نه پر قتل آهي ان جو قاتل پروفيسر وي سي ۽ ان وي سي کي مقرر ڪرڻ واري سنڌ حڪومت قاتل آهي هي ڪيس سنڌي ريت سنڌ جي حڪمران معان داخل ڪيو وڃي ميڊيا نمائندن جي ذريعي ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ پڙهندڙ پنهنجي ماڻهن ۽ ڀينرن کي پيغام ڏيڻ چاهيان ٿو ته ڪو پروفيسر توهان کي تنگ ٿو ڪري ۽ پئسا ٿو گهري جنسي درندگي تي مجبور ڪري رهيو آهي ته توهان کي خودڪشي نه ڪرڻ گهرجي ۽ جي يو آءِ سان رابطو ڪيو وڃي اسين انهن جي عزت ۽ آبرو جي جنگ وڙهنديسين اڪيلو نه ڇڏينداسين ۽ ٻگهڙن کي نه ڇڏينداسين اها ڳالهه واضح ٿي وئي ته ٺٽي ۽ سجاول روڊ تي پوليس موبائيلن ۾ منشيات جو ڪاروبار ٿي رهيو آهي، هٿيارن جي سپلائي پوليس موبائيلن جي ذريعي ٿي رهي آهي، بدامني ڪرپشن ڦرلٽ ۽ ڌرتيءَ سان غداريءَ جيان منشيات فروشي ۽ هٿيارن جي سپلائي جا ذميوار به سنڌ جا حڪمران آهن تبديلي جو وقت اچي ويو آهي اسان سمجهون ٿا ته هاڻي عوام سان ظلم ان حد تائين پهتو آهي جو جعلي مينڊيٽ تي آيل جعلي حڪمران پئسن جي زور تي وڌيڪ عوام کي منهن نه ڏيندا ۽ سنڌ جي عوام کي جي يو آءِ متبادل قيادت فراهم ڪندي ان لاءِ ٻين مخالف جماعتن سان ملي ڪري تحريڪ کي وڌيڪ واضع ڪنداسين ايندڙ وقت جيڪڏهن صاف ۽ شفاف چونڊون نه ٿيون ته جي يو آءِ ڌانڌلي جو رستو روڪڻ لاءِ ان ڳالهه تي سنجيدگي سان غور ڪري رهي آهي ته اسان سنڌ پنجاب جو بارڊر بند ڪيون ڪراچي پورٽ کي بند ڪيون ۽ پاڪستان جي وڏي رستي کي اوسيستائين بند ڪيون جيسيتائين عوام کي حق ڪين نه ٿو ملي ان بابت چونڊن جي وقت جي يو آءِ پنهنجو حتمي فيصلو ڪندي هيو ته جي يو آءِ پارلياماني سياست کي الوداع ڪري جيڪڏهن مولوي پنهنجي هٿ سان ووٽ جي پرچي واپس وٺندو ته پوءِ ان جي هٿ ۾ ڇا رهندڙ اهو حڪمران ڌانڌلي ڪندڙن اسيمبليون ڪيائينڊڙ ۽ خريد ڪندڙ وارن کي سوچڻ گهرجي ٻي صورت عالمن وٽ ڏکيو رستو هوندو جيڪو هو اختيار ڪندا تنهن ڪري اسان کي ان طرف نه وٺي وڃو مولانا راشد خالد محمود سومرو صدر آصف علي زرداري طرفان موجوده عالمي صورتحال کان پري رهڻ بابت پڇيا ڪيل سوال جي جواب ۾ چيو ته لڳي ٿو ته ڪجهه غلط هلي رهيو آهي شايد ملڪ جي مالڪن کي به اندازو ٿي ويو آهي ته گهڻي ڪرپشن ٿي وئي آهي ۽ هاڻي ان جو رستو روڪڻ گهرجي الله ڪري ملڪ جا حڪمران ۽ واڳ ڌڻي ملڪ لاءِ سوچين بحرحال ان بابت زرداري صاحب وڌيڪ فيصلو ڪري سگهي ٿو هڪ ٻئي سوال جي جواب ۾ هن چيو ته جي يو آءِ اوچتي نه پر هميشه ميدان تي رهي آهي پر سياسي جماعت جو ڪم ووٽ وٺڻ نه پر پنهنجي موجودگي کي ظاهر ڪري ورڪرن جي مالڪي جو ٽالو آهي دير سان آيا پر درست آيا، پيرسائين پاڳاري جي جماعت سرگرم ٿي رهي آهي ان جو فرزند سرگرم ٿي ملاقاتون ڪندي نمائندگي ڪري رهيو آهي مان ان لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي ڪيس پليڪار ڪيان ٿو ته هو ميدان تي پنهنجي تحريڪ کي زور ڀرو ڪن

بقايا | 16 | واڪاٿ

يونيورسٽي آف صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنسز ڀٽ شاهه (يو ايس ايم ايس) جو دورو ڪيو چيئرمين سان گڏ ايڇ اي سي ريجنل سينٽر ڪراچي جي ڊائريڪٽر جنرل جناب سليمان احمد ۽ جناب جمشيد اي بي سومرو ۾ هئا. وائيس چانسلر معزز مهمانن جو گرمجوشي سان استقبال ڪيو ۽ يونيورسٽي جي تعليمي ترقي اسٽريٽجڪ ويزن ۽ مستقبل جي ترقياتي منصوبن تي هڪ جامع بريفنگ ڏني دوران بزنس ايڊمنسٽريشن انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ڪمپيوٽر سائنس جي شعبن جي آخري سال جي شاگردن جي منصوبن جو جائزو ورتو هن شاگردن جي جديد ڪم جي تعريف ڪئي ۽ معياري تعليم ۽ تحقيق تي ٻڌل سکيا ۾ اعليٰ معيار برقرار رکڻ جي اهميت کي اجاگر ڪيو وفد يونيورسٽي جي تعميرهيٺ عمارت جو پڻ دورو ڪيو

بقايا | 17 | احتجاج

الدين ڏاريجو ضامن علي ڏاريجو ،8 ورهين جي ٽينگري عليشا ڏاريجو مارجي ويا جڏهن ته هڪ نوجوان عبدالسميع ڏاريجو زخمي ٿيو پير سکر پوليس خيرپور جي شادي شهيد واري علائقي ۾ ڪارروائي ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ٽن ڄڻا فوت ۽ هڪ زخمي ٿيو واقعي بعد مارجي ويلن جا لاش ۽ زخمي ماڻهن کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

بقايا | 18 | وارث

ڪئي آهي هنن سپريم ڪورٽ کان واقعي جي عدالتي جاچ جو مطالبو ڪيو ۽ آءِ جي سنڌ کان به نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪئي مظاهرين جو وڌيڪ چوڻ هو ته هنن سان وڏو ظلم ٿيو آهي

بقايا | 19 | ايس ايڇ او معطل

پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو واقعي جي شفاف جاچ لاءِ ايس ايس پي گهوٽڪي انور کهيتران کي انڪوائري آفيسر مقرر ڪيو آهي

بقايا | 20 | نفيسه شاهه

سميت ڪن انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي ڏک ۽ افسوس ٿيو آهي هن چيو ته آءِ جي سنڌ سان رابطو ڪري فوري جاچ ڪرائڻ تي زور ڏنو آهي جڏهن ته مان هن علائقي جي ايم اين اي آهيان ۽ مان سنڌ حڪومت کان فوت ٿيلن جي وارثن کي معاوضو ڏيڻ جو مطالبو ڪيان ٿي

بقايا | 21 | مطالبو

ميان غلام حسين فاتح شاهنواز ڪلهوڙو ۽ ٻين هن پوليس گردي جي شديد مذمت ڪئي آهي ۽ چيو ته ننڍن آفيسرن کي معطل ڪرڻ مان ڪم نه هلندو ۽ وڏن آفيسرن تي ايڪشن ڪٽيو ويندو

بقايا | 22 | ايس ايس پي

مگسي صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته خيرپور جي شادي شهيد واري علائقي جي ڳوٺ سعيد خان لاکو ۾ سکر پوليس جي ڪارروائي دوران 8سالن جي ٽينگري عليشا، ضامن علي ڏاريجو ۽ صدرالدين ڏاريجو مارجي ويا، جڏهن ته عبدالسميع زخمي ٿيو ايس ايس پي ٻڌايو ته واقعي ۾ ايس ايڇ او ڪنڊرا شوڪت علي آرائين کي گرفتار ڪيو ويو آهي ۽ واقعي جي اعليٰ سطحي جاچ جاري آهي

بقايا | 23 | پٽيو

واقعي کي انتهائي سنگين ۽ افسوسناڪ قرار ڏنو ۽ چيو ته جيڪي ۽ پوليس اهلڪار يا حڪم ڏيندڙ ملوث آهن انهن سڀني کي گرفتار ڪيو وڃي هن چيو ته صرف ايس ايڇ او جي گرفتاري سان اصل حقيقتون لڪايون پيون وڃن پر مڪمل سچ سامهون آڻڻ ضروري آهي

بقايا | 24 | قتل

سان قتل ڪري جوابدار فرار- هالا ويجهو خانوٽ لڳ سڪيو جا رهواسي ۽ رشتيدار هرهڪ نياز علي عرف جهنگل ولد خدابخش ماڇي ۽ گل محمد ولد دوست علي ماڇي ڪورٽ ۾ حاضريءَ تي ويندي ڌاڻ ۾ بيٺل هٿيارٻندن هٿان هالا پراڻا روڊ تي سرعام گولين هڻڻ بعد کين ڪهاڙين جا ڌڪ لڳڻ سبب ڦٽڙ ٿي ٿي قتل ٿي ويا . واقعي جي اطلاع تي مقامي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ٻنهي نوجوانن جا لاش تعلقا اسپتال ڪٺائي پهچي. ماڇي برادري سان تعلق رکندڙ ٻنهي نوجوانن جي وارثن کي فوتگيءَ جو اطلاع ملندي ئي سوين ماڇي برادريءَ جا ماڻهو تعلقا اسپتال ۾ گڏ ٿي ويا

بقايا | 25 | ٻڏي فوت

واهه ۾ رهنجندي ٻڏي فوت ٿي ويو سندس لاش واهه مان ملڻ بعد ڊي ايڇ ڪيو اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو ٽينگر جو مڙهه گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا | 26 | افتتاح

ڪندي نون تعمير ٿيل ترقياتي منصوبن جو افتتاح ڪيو ان موقعي تي سي سي پيور روڊن ۽ ڊرينيج سسٽم جي مڪمل ٿيل منصوبن جو باقاعدي افتتاح ڪيو ويو ته جيئن شهرين کي نيڪاسي آب ۽ آمدرفت جون بهتر سهولتون فراهم ڪري سگهجن ان موقعي تي چيئرمين جام آصف رزاق خان ڏاريجو عوام سان ڳالهائيندي چيو ته شهر جي خوبصورتي ۽ بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ بنا ڪنهن فرق جي ڪم جاري آهي

بقايا | 27 | اپيل

وڻي وارثن موجب ٻنهي ڄڻن سان صبح کان وٺي رابطو نه ٿي سگهي سندن موبائل فون پڻ بند اچي رهيا آهن جنهن سبب اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو پيو وڃي گهروارين ٻڌايو ته امداد علي ۽ مقصود شيخ ڪنهن به ذاتي تڪرار ۾ ملوث نه هئا تنهنڪري سندن اوچتي گمشدگي ڪيترائي سوال ڪڙا ڪري رهي آهي واقعي جي اطلاع ملڻ بعد پوليس ڪارروائي شروع ڪري ڇڏي آهي

بقايا | 28 | فوت

چيٽن راسون سخت زخمي ٿي پيا جن کي سانگهڙ اسپتال نيو ويو ڪڏڙ پوليس موقعي تي پهچي ٽرالر کي پنهنجي حراست ۾ وٺي ٽرالر ڊرائيور رجب علي بروهي کي گرفتار ڪري ورتو آهي

بقايا | 29 | مقرري

موجب غلام مصطفيٰ لغاري کي سيپڪو جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو آهي. بورڊ جي ٻين ميمبرن ۾ فراز شيخ صنم اسلام شيخ ظفر اقبال صبائي عمران حسين ۽ نوين احمد منگي شامل آهن.ان کان علاوه پاور ڊويزن ۽ فنانس ڊپارٽمينٽ جا نمائندا ۽ هڪ ٽيڪنيڪل ماهر به بورڊ جا ميمبر هوندا. سيپڪو جي چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر انجنيئر اعجاز احمد چنا کي بورڊ جو ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر مقرر ڪيو ويو آهي.

دڪانن لاءِ ڪمرشل پلاٽن جي عام نيلامي

سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن (حڪومت سنڌ) دلچسپي رکندڙ پارٽيز کان هنرمند ڪالوني مٺي (ٿرپارڪر) ۾ دڪانن لاءِ ڪمرشل پلاٽن جي عام نيلامي ۾ شرڪت جي دعوت ڏجي ٿي. نيلامي مورخه 30 اپريل 2026 بروز خميس منجهند 1:00 وڳي هنرمند ڪالوني مٺي (ٿرپارڪر) ۾ منعقد ڪئي ويندي

ڪمرشل پلاٽن جي الاٽمينٽ جا قواعد وضوابط

1. الاٽمينٽ 99 سال لاءِ ليز هولڊ رائيٽس جي بنيادن تي ڪئي ويندي.
2. مذڪوره ڪمرشل پلاٽن جي ابتدائي / بنيادي قيمت نيلامي شروع ٿيڻ کان اڳ ٻڌائي ويندي.
3. نيلامي ۾ شرڪت ڪندڙ هر درخواست ڏيندڙ کي نيلامي شروع ٿيڻ کان اڳ سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن وٽ 50 هزار روپيا جو اصل پي آرڊر جمع ڪرائڻو پوندو.
4. ڪامياب واڪ ڏيندڙ کي نيلامي جي ڏينهن ڪل بولي جي 50 سيڪڙو رقم ادا ڪرڻي پوندي.
5. باقي 50 سيڪڙو رقم 30 ڏينهن اندر ادا نه ڪرڻ جي صورت ۾ جمع ڪرايل 50 هزار روپيا ضبط ڪيا ويندا ۽ الاٽمينٽ منسوخ ڪئي ويندي.
6. صرف انهن ڪامياب بولي ڏيندڙن کي پلاٽ جاري ڪيا ويندا جيڪي ڪل بولي جي 50 سيڪڙو رقم ادا ڪندا.
7. پلاٽ جي اصل ايراضي جا ماپ/ حتمي شڪل ظاهري طور تي ڪئي ويندي
8. مذڪوره ڪمرشل پلاٽ رهائشي مقصد لاءِ استعمال نٿا ڪري سگهجن.
9. جيڪڏهن ڪو ڪامياب بولي ڏيندڙ مقرر وقت اندر ڪل بولي جي 50 سيڪڙو رقم ادا نه ڪندو ته جمع ڪرايل 50 هزار روپيا ضبط ڪيا ويندا.
10. انڪم ٽيڪس آرڊيننس 2001 جي سيڪشن A/236 تحت حڪومت طرفان لاڳو ڪيل 10 سيڪڙو ۽ 20 سيڪڙو رد هولڊنگ ٽيڪس ڪامياب بولي ڏيندڙن کان پلاٽ جي ڪل بولي جي باقي جي بقايا 50 سيڪڙو رقم سان گڏ وصول ڪيو ويندو.

سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن بنا ڪو سبب ڄاڻائڻ جي ڪنهن به يا تمام واڪن کي قبول يا رد ڪرڻ جو حق محفوظ رکي ٿي ان سلسلي ۾ وڌيڪ تفصيلات لاءِ سنڌ سمال انڊسٽريز ڪارپوريشن ريجنل آفيس وحدت ڪالوني حيدرآباد يا ٽيلي فون 9240175-022۽ موبائل: 2712844-0333تان حاصل ڪري سگهجي ٿي.

ڊائريڪٽر ايس ايس آءِ سي حيدرآباد ريجن ، حيدرآباد

آفيس سينئر سپرنٽنڊنٽ آف پوليس، جيڪب آباد
فون نمبر: 921103، 921104_0722

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس

سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي (SPPRA) جي قاعدن 2010 (ترميم ٿيل 2019) مطابق دلچسپي رکندڙ ٺيڪيدارن / ڪمپنين کان هيٺ ڄاڻايل ڪمن لاءِ مهر بند ٽينڊر گهرائجن ٿا.

شمار نمبر	ڪم جو دائره ڪار	ڪٿيل رقم (ملين ۾)	زرضمانت	ٽينڊر في (روپيا)	ڪم جو مدو
1	پوليس اسٽيشن سٽي، جيڪب آباد (ماڊل پي ايس جيڪب آباد) جي باقي مرمتي/ تزئيني ڪم جي مرمت ۽ بحالي	Rs. 1.437 ملين	2% (بمطابق جمع ڪرايل آڇ جي رقم)	Rs. 2500/-	1 مهينو

ڪورا ٽينڊر فارم اشاعت جي تاريخ کان پرنٽ ميڊيا سان گڏوگڏ EPADS ويب سائيٽ تان حاصل ڪري سگهجن ٿا مڪمل طور ڀريل ٽينڊر EPADS ذريعي 30-05-2026، بروز جمعو، صبح 11:00 وڳي تائين وصول ڪيا ويندا، ۽ ساڳئي ڏينهن صبح 11:30 وڳي سيني دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن جي موجودگيءَ ۾، جيڪي شرڪت ڪرڻ چاهين، لائبريري / ڪانفرنس هال پوليس هيڊڪوارٽر، SSP آفيس جيڪب آباد ۾ کوليا ويندا.

شرط ۽ ضابطا

1. سڀ ادارا / فرمون EPADS تان خالي ٽينڊر فارم ڊائونلوڊ ڪندا مشروط، خالي يا اڌورا ٽينڊر ۽ اهي آڇون جن سان ڪال ڊپازٽ شامل نه هجي، قابل قبول نه هونديون.
2. ٽينڊر ۾ شرڪت کان اڳ سائيٽ جو دورو لازمي آهي واڪ ڏيندڙ مقرر تاريخ کان اڳ دفتري وقتن دوران سائيٽ وزٽ لاءِ چيئرمين پروڪيورمينٽ ڪميٽي کي درخواست جمع ڪرائيندو.
3. جيڪڏهن ٽينڊر کلڻ واري ڏينهن مجاز اٿارٽي هيڊڪوارٽر کان ٻاهر هجي يا حڪومت طرفان عام موڪل جو اعلان ٿئي، ته ٽينڊر ايندڙ پئي ڪم ڪندڙ ڏينهن ساڳئي وقت ۽ هنڌ تي وصول ۽ کوليا ويندا.
4. سيئي فرمون ڪل آڇ رقم جو ٪2 بطور زرِ ضمانت پي آرڊر جي شڪل ۾ SSP جيڪب آباد جي نالي تي جمع ڪرائيندا. ٽينڊر في جو پي آرڊر پڻ زرِ ضمانت سان گڏ شامل ڪيو ويندو.
5. بغير زرِ ضمانت، گهٽ زرِ ضمانت يا مشروط ٽينڊر قابلِ قبول نه هوندا
6. فرمن جو ساليانو ٽرن اوور (مالياتي گنجائش) گذريل پنجن سالن ۾ منصوبي جي لاڳت جي برابر يا ان کان گهٽ نه هجي، ۽ ساڳي نوعيت جي ڪم جو تجربو ضروري آهي (گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪم تخميني لاڳت جي ٪80 يا ٻه ڪم تخميني لاڳت جي ٪50 جي برابر گذريل پنجن سالن ۾ مڪمل ٿيل هجن).
7. فرمن جو FBR، SRB ۽ PEC ۾ لاڳاپيل ڪيٽيگريءَ ۾ رجسٽرڊ هجڻ لازمي آهي.
8. سيئي آڇون 90 ڏينهن تائين مؤثر رهنديون ۽ ڪنهن به آڇ ڏيندڙ کي اضافي پريميم نه ڏنو ويندو
9. معاهدي تي صحيح ڪرڻ وقت ٪5 پرفارمنس سيڪيورٽي جمع ڪرائڻ لازمي هوندي. پرفارمنس سيڪيورٽي ڪانسواءِ ورڪ آرڊر جاري نه ڪيو ويندو.
10. ڪامياب واڪ ڏيندڙ جيڪڏهن معاهدو ڪرڻ کان انڪار ڪري يا ناڪام رهي ته سندس زرِ ضمانت بطور جرمانو ضبط ڪئي ويندي.
11. هر خواهشمند ٺيڪيدار هڪ حلف نامو جمع ڪرائيندو ته هو ڪنهن به پروڪيورمينٽ ايجنسي سان ڪنهن به مقدمي ۾ ملوث ناهي، ڪنهن سرڪاري اداري جو ڪم اڌورو ڇڏي نه ويو آهي، ۽ ڪيس ڪنهن به اداري طرفان بليڪ لسٽ ناهي ڪيو ويو.
12. اها سرڪاري فرم جيڪا اڳ بليڪ لسٽ ٿي چڪي هجي ۽ هاڻي ڊي لسٽ ٿي هجي، ان کي ڊي لسٽنگ جو ثبوت فراهم ڪرڻ بعد ئي ٽينڊر ۾ شرڪت جي اجازت ملندي.
13. خريداري جو طريقو هڪ مرحلي تي هڪ لفافي هوندو.
14. مجاز اٿارٽي کي SPPRA قاعدن 2010 (ترميم ٿيل 2019) تحت ڪنهن به يا سيني ٽينڊرن کي رد ڪرڻ جو حق حاصل آهي.

ڪيپٽن (رٽائرڊ) فيضان علي)، پي ايس پي
سينيئر سپرنٽنڊنٽ آف پوليس، جيڪب آباد
(چيئرمين، پروڪيورمينٽ ڪميٽي)

INF-KRY/1550/26
WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ

URAAN PAKISTAN
(Wholly owned subsidiary of State Bank of Pakistan)

آچون گهرائجن ٿيون
(هڪ مرحلي تي هڪ لفافي طريقيڪار)

سٺي شهرت رکندڙ سپلائرز/خدمت فراهم ڪندڙ جيڪي ٽيڪس اٿارٽيز کان رجسٽرڊ ۽ ايڪٽو ٽيڪس پيئر لسٽ تي به لازمي موجود هجن کان وضاحت ڪيل واڪ دستاويزن تي هيٺ ڄاڻايل ڪمن جي لاءِ F.O.R جي بنيادن تي مهربند آچون گهرائجن ٿيون.

Tender No.	Bid Doc. Submission	Bid Opening Date & Time	Earnest Money	Description of Job / Items	Qty.
LP/T-4105/26/ABZ	14-05-2026 11:00 A.M.	14-05-2026 11:30 A.M.	Rs. 115,000/- Fixed	53X ITEMS OF CARPENTRY	AS PER BOQ

تصريحات/بي او ڪيو/ تفصيل لاڳاپيل دستاويزن سان گڏ EPADS تي منسلڪ آهن.

- آچون EPADS ذريعي شرڪت جي خواهشمند واڪ ڏيندڙن جي موجودگيءَ ۾ کوليون وينديون. شرطيا/اڻپورا واڪ دستاويز غور هيٺ نه آندا ويندا. ٻيا شرط ۽ ضابطا ٽينڊر دستاويزن جي مطابق هوندا.
- تفصيلي ٽينڊر اشتهار پيپرا جي ويب سائيٽ www.ppra.org.pk تي دستياب آهن مڪمل ٽينڊر دستاويز پي ايس پي سي جي ويب سائيٽ www.pspc.gov.pk تي موجود آهن. جڏهن ته مڪمل ٽينڊر دستاويز جنهن ۾ اسائنمينٽ ۽ ٻيا شرط ۽ ضابطا تفصيلي وضاحت سان گڏ EPADS ويب سائيٽ www.eprocure.gov.pk تي موجود آهن.
- ٽينڊر دستاويزن ۾ ڏنل هدايتن جي مطابق تيار ڪيل اليڪٽرانڪ آچون مٿي ڄاڻايل وقت ۽ تاريخ تائين EPADS ذريعي لازمي جمع ڪيا وڃن. هٿرادو ڏنل آچون قبول نه ڪيون وينديون. اي آچ کي مقرر وقت ۽ تاريخ تي EPADS ذريعي کوليو ويندو

ڊپٽي جنرل مينيجر، پرچيز ڊپارٽمينٽ،
پاڪستان سيڪيورٽي پرنٽنگ ڪارپوريشن (پرائيويٽ) لميٽيڊ
جناح ايوينيو مليرهالٽ، ڪراچي 75100، فون: 99248511-021 (ايڪسٽينشن 19-2202) / www.pspc.gov.pk

PID K-3354/25

پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ
سنڌ سيڪنڊري ايجوڪيشن امپرووومينٽ پروجيڪٽ (SSEIP)

ADB
اي ڊي بي (ADB) جي مدد سان (لون نمبر 3845- PAK ۽ قرض نمبر 4409-(PAK (COL))
اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ
حڪومت سنڌ

دلچسپي جي اظهار لاءِ دعوت درخواست (REOI)

اي ڊي بي قرض نمبر 4409-PAK (COL): سنڌ سيڪنڊري ايجوڪيشن امپرووومينٽ پروجيڪٽ - اضافي مالي مدد (SSEIP-AF)

CS2-AF: ٻوڏ متاثر مڪمل طور تي تباهه ٿيل اسڪولن لاءِ مائل اسٽون جي بنياد تي ٽاپ ڪنسٽرڪشن سپروائيزن ڪنسلٽنگ فرم 361

ايگزيڪيوٽنگ ايجنسي: اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ

1. مقصد ۽ دائرو: سنڌ سيڪنڊري ايجوڪيشن امپرووومينٽ پروجيڪٽ (SSEIP)، جيڪو پروجيڪٽ جي اضافي مالي مدد جي عملدرآمد جو ذميوار آهي، پنهنجي پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ ذريعي، قرض جي رقم جو هڪ حصو ڪانٽريڪٽ: CS2-AF "سنڌ صوبي جي چئن (04) ضلعن يعني (i) ضلعو دادو؛ (ii) ضلعو قمبر_شهدادڪوٽ؛ (iii) ضلعو لاڙڪاڻو؛ ۽ (iv) ضلعو نوشهرو فيروز جي نو (09) تعلقن ۾ ٻوڏ سبب 361 مڪمل طور تي تباهه ٿيل اسڪولن جي بيهر اڏاوت" لاءِ مائل اسٽون جي بنياد تي ٽاپ ڪنسٽرڪشن سپروائيزن ڪنسلٽنٽ جي ادائيگين لاءِ استعمال ڪرڻ جوارادو رکي ٿو هي اڏاوت ماحولياتي ۽ آفتن کان محفوظ، صنف دوست، مربوط لائيٽ گيج اسٽيل فريمنگ (LGSF) اسٽرڪچر ٽيڪنالاجي تي ٻڌل هوندي، جنهن ۾ سولر پينلز سان گڏ 12 نمونن (Prototypes) تائين نقل ڪيو ويندو، جيڪو انجنيئرنگ، پروڪيورمينٽ، ۽ ڪنسٽرڪشن (EPC) ڪانٽريڪٽس جي ذريعي هوندو.
2. اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ ايگزيڪيوٽنگ ايجنسي (EA) هوندي جڏهن ته پروجيڪٽ امپليمينٽيشن يونٽ SSEIP (PIU) امپليمينٽنگ ايجنسي (IA) هوندي. PIU اڳ ئي قائم ڪيو ويو آهي جيڪو پروجيڪٽ جي مالڪ طور ڪم ڪندو ۽ پروجيڪٽ جي مجموعي عملدرآمد ۽ ڪارڪردگي تي رهنمائي ۽ نگراني فراهم ڪندو
3. هاڻي PIU، SSEIP-SELD، حڪومت سنڌ معتبر قومي فرمز ۽/يا بين قومي/بين الاقوامي فرمز سان گڏ ايسوسيئيشن کان اظهار دلچسپي (EOI) جي طلب ڪري ٿو، جن کي بلڊنگ جي تعميراتي نگراني جي منصوبن (ترجيحي طور تي لائيٽ گيج اسٽيل اسٽرڪچر ۾) جو وسيع تجربو هجي، جيڪو خاص طور تي پروجيڪٽ جي ڪامياب مڪمل ٿيڻ کي يقيني بڻائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو هجي.
4. ڪنسلٽنسي خدمتون: ڪنسلٽنٽ ٽيمن جي سربراهي هڪ ٽيم ليڊر ڪندو ۽ اها قومي ماهرن تي مشتمل هوندي: گهربل ماهرن جو پٽ عارضي طور تي هيٺ ڏنل جدول ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

ماهر / ڪي اسٽاف (قومي)	ان پٽ / پرسن منٿ	شروع ٿيڻ جي متوقع تاريخ	اسائنمينٽ جو مدو	پروڪيورمينٽ جو طريقو	ڪنسلٽنسي جو قسم
قومي	34.5	Q2/2026	8 مهينا	QCBS	ڪنسلٽنسي فرم (قومي)

ٽرمز آف ريفرنس (TOR) جا تفصيل ADB ۽ PIU، SSEIP-SELD جي ويب سائيٽ (https://sseip.gos.pk/ يا http://cms.adb.org) تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا:

5. فرم جي چونڊ ڪواليٽي اينڊ ڪاسٽ بيسڊ سليڪشن (QCBS) جي طريقيڪار تحت ڪئي ويندي، جنهن ۾ فل ٽيڪنيڪل پرپوزل (FTP) فارميٽ استعمال ڪيو ويندو، جيڪو ADB جي پروڪيورمينٽ پاليسي (2017، وقت بوقت ٿيندڙ ترميم مطابق) ۽ اي ڊي بي جي پروڪيورمينٽ ريگيوليشنز فار اي ڊي بي باروئرز (2026) جي پاليسين جي مطابق هوندو
6. فرم کي لاڳاپيل شعبن ۽ ڪم جي دائري ۾ ثابت ٿيل تجربو هجڻ گهرجي. فرم کي اي ڊي بي (ADB) جي اسٽينڊرڊ ايڪسپريشن آف انٽريسٽ (EOI) ٽيمپليٽ جيڪو (CMS) ADB تي موجود آهي، ان ۾ ڏنل معلومات ۽ دستاويز شامل ڪرڻ گهرجن. فرم جي ارزيابي وسيع طور تي هيٺ ڏنل معيارن تي ڪئي ويندي:

انتظامي صلاحيت	20%
ٽيڪنيڪل صلاحيت	60%
جاگرافيائي صلاحيت	20%

7. اظهار دلچسپي (EOI) لازمي طور تي اي ڊي بي جي ڪنسلٽنٽ مينيجمينٽ سسٽم (CMS) ذريعي آن لائن جمع ڪرائڻ گهرجي. EOI آن لائن ٽيمپليٽ CMS استعمال ڪندي 22 مئي 2026 ڪان پوءِ نه پر ان کان اڳ جمع ڪرائڻ گهرجي. آن لائن ريڪوئسٽ فار ايڪسپريشن آف انٽريسٽ تائين رسائي ڪنسلٽنٽ سروسز ريڪروٽمينٽ نوٽيسز (CSRN) جي لنڪ ذريعي حاصل ڪري سگهجي ٿي جيڪا www.adb.org/site/business-opportunities/operational-procurement/consulting تي موجود آهي. جيڪا فرم EOI جمع ڪرائڻ چاهي، ان جو CMS تي رجسٽرڊ هجڻ لازمي آهي. CMS رجسٽريشن http://cms.adb.org تي دستياب آهي. ڪنهن به تجويز ڪيل ايسوسيئيٽ فرم، سب_ڪنسلٽنٽس، يا جوائنٽ وينچر پارٽنرز کي پڻ لازمي طور تي CMS تي رجسٽرڊ هجڻ گهرجي. ڪوبه فرم جنهن کي CMS تائين پهچڻ ۾ ٽيڪنيڪل مسئلا پيش اچن، اهي cmshelp@adb.org تي اي ميل ذريعي مدد لاءِ درخواست ڪري سگهن ٿيون. فرمز کي سفارش ڪئي وڃي ٿي ته پنهنجي EOI اپ لوڊ ڪرڻ يا موڪلڻ کان پهريان پنهنجي CMS رجسٽريشن کي اپڊيٽ ڪن.

پروجيڪٽ ڊائريڪٽر
سنڌ سيڪنڊري ايجوڪيشن امپرووومينٽ پروجيڪٽ (SSEIP)،
اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لٽريسي ڊپارٽمينٽ، حڪومت سنڌ
پتو: 17/1، 31 هين اسٽريٽ، صبا ايوينيو، ڊي ايڇ اي فيز-V ايڪسٽينشن، ڪراچي، سنڌ.
اليڪٽرانڪ اي ميل ايڊريس: sseipkhipk@gmail.com

WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT
INF/KRY/1574/2026

ميهڙ پرسان رشتو نه ڏيڻ تان جوابدار ناري قتل ڪري ڪرڻ بعد پاڻ به خودڪشي ڪري ڇڏي

ڳوٺ فيض محمد ڪولاچي ۾ جوابدار شهمير ڪولاچي گهر تي حملو ڪري ناري ريما کي قتل ڪري ڇڏيو

جوابدار ناري جي ماءُ کي سخت زخمي ڪرڻ بعد پاڻ مٿان پسٽل جا فائر ڪري خودڪشي ڪئي

اطلاع تي پوليس پهچي لاشن کي ڪٺائي اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو، زخمي عورت لاڙڪاڻو اسپتال منتقل

شهمير مرنڪان پنهنجي نياڻي جو رشتو گهرير هيو، نياڻي منهنجي پاڻ جي نالي ٿيل هئي: والد

ميهڙ (رپورٽ نعمت الله مهيسر) فريدآباد ٿاڻي جي حد ڳوٺ فيض محمد ڪولاچي ۾ رشتو نه ڏيڻ تان جوابدار شهمير ڪولاچي گهر تي حملو ڪري ننڊ ۾ سٽل نوجوان ناري ريما ڌي خدا بخش ڪولاچي کي قتل ڪري سندس امڙ مسمات سيما زال خدا بخش ڪولاچي کي سڙهنگ ڪرڻ بعد پاڻ مٿان به پسٽل جا فائر ڪري ماري ڇڏيو زخمي عورت کي ميهڙ اسپتال بعد لاڙڪاڻو اسپتال منتقل ڪيو ويو جڏهن ته مقتول ناري ۽ جوابدار جو لاش تعلقي بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

گهوٽڪي واسي نوجوان وڪيل راجا اويس اعوان سرحد ويجهو روڊ حادثي ۾ فوت، گهر ۾ ڪهرام

گهوٽڪي(ن ع) گهوٽڪي نوجوان وڪيل راجا اويس اعوان سرحد ويجهو روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيڻ بعد سکر ويندي رستي ۾ ئي دم ڏيئي ڇڏيو والدين جي اڪيلي پٽ جي اهڙي موت بعد سندس گهر ۾ ڪهرام مچي آهي گهوٽڪي ويجهو ڳوٺ مسو خان اعوان جي رهواسي رٽائرڊ استاد الطاف بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

شهدادپور: پوليس حراست ۾ فوت ٿي ويل نوجوان جو لاش کڻي وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

واهي پانڊي پاڻي ڪڍ ۾ وهنجندي 3 ٻار ٻڏي ويا، هڪ فوت

ڳوٺ جام ٻبر ۾ نئين ڳاج جي پاڻي ڪڍ ۾ سارنگ، اسلم ۽ ببليو وهنجندي ٻڏي ويا

اطلاع تي ڳوٺاڻن ٽنهي ٻارن کي پاڻي مان ڪڍي ورتو، پيٽ ۾ پاڻي ڀرجڻ سبب سارنگ فوت ٿي ويو، گهر ۾ ڪهرام

واهي پانڊي (ن ع) ڪاڇي جي ڳوٺ جام ٻبر ۾ نئين ڳاج جي پاڻي ڪڍ ۾ وهنجندي 3 معصوم ٻارڙا ضمير ٻبر ۽ ببلو ٻبر سارنگ ٻبر ٻڏي ويا اهڙو اطلاع ملڻ تي ڳوٺاڻن ٽنهي ٻارن کي پاڻي ڪڍي ورتو جنهن ۾ هڪ ٻارڙو سارنگ پٽ اسلم ٻبر پيٽ ۾ پاڻي زياده ڀرجڻ سبب موقعي تي فوت ٿي ويو جنهن جو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو.. معلوم ٿيو آهي ته ٻارڙا نئين ڳاج جي ڪڍ جي پاڻي ۾ گرمي کان بچڻ لاءِ وهنجڻ لاءِ پاڻي ۾ لٿا ته ٻڏي ويا

واهي پانڊي: پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿيل ٽينگر جو مڙهه سندس گهر ۾ پيل آهي

جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال سان عوامي مسئلن ۾ گهٽتائي ايندي: عذرا فضل پيچوهو

سنڌ حڪومت عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ اڻٿڪ قدم کڻي رهي آهي

نوابشاهه ۾ ڪمپيوٽرائيزڊ ڊوميسائل سسٽم سينٽر جي قيام سان عوامي مسئلن ۾ گهٽتائي ايندي

نوابشاهه (رپورٽ مشرف پٺاڻ) صوبائي وزير صحت ۽ پاپوليشن ويلفيئر ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ڊپٽي ڪمشنر آفيس شهيد بينظيرآباد ۾ ڪمپيوٽرائيزڊ ڊوميسائل سسٽم جو باقاعده افتتاح ڪري ڇڏيو ڊپٽي ڪمشنر عبدالصمد نظاماڻي ۽ ٻيا آفيسر پڻ صوبائي وزير سان گڏ موجود هئا.صوبائي وزير صحت ۽ پاپوليشن ويلفيئر ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو ڊپٽي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد ۾ ڪتابن جي عالمي ڏهاڙي تي ثقافت کاتي سنڌ پاران ٻه روزا ڪتاب ميلو

صوبائي وزير ذوالفقار علي شاهه سنڌ ميوزيم ۾ ڪتاب ميلي جو افتتاح ڪيو، مختلف پبلشرز جا اسٽال قائم

علم جو معتبر ذريعو ڪتاب آهي جنهن مان اسان کي فائدو وٺڻو آهي، نوجوان ڪتابن سان دل لڳائين: ذوالفقار علي شاهه

پوڙينڊو ساز بابت ٽن ڏينهن واري ورڪشاپ، فنڪارن جي همت افزائي ۽ يونيسڪو هيريٽيج ۾ شامل ٿيڻ تي واکاڻ

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) ڪتابن جي عالمي ڏهاڙي موقعي تي ثقافت کاتي سنڌ پاران ٻه روزا ڪتاب ميلو حيدرآباد ۾ شروع ٿي ويو آهي صوبائي وزير ثقافت ۽ سياحت سيد ذوالفقار علي شاهه سنڌ ميوزيم ۾ ڪتاب ميلي جو افتتاح ڪيو ڪمشنر حيدرآباد، ڊي جي ثقافت سميت ٻيا آفيسر به موجود هئا.صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه ڪمشنر حيدرآباد فياض عباسي سان گڏ ڪتاب ميلي جو دورو ڪيو ڪتاب ميلي ۾ سموري سنڌ مان مختلف پبلشرز پنهنجا اسٽال لڳايا آهن ڪتاب جي عالمي ڏينهن تي ڪتاب سان چاهه رکندڙن لاءِ ميلي جو اهتمام ڪيو ويو صوبائي وزير سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته علم جو معتبر ذريعو ڪتاب آهي جنهن مان اسان کي فائدو وٺڻو آهي. سيد ذوالفقار علي شاهه چيو ته شاهه عبداللطيف ڀٽائي ۽ شيخ اياز جهڙن نامور شاعرن جا ڪتاب اسان جون زندگيون بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: صوبائي وزير ذوالفقار شاهه ڪتابن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان نمائش جي افتتاح بعد ڪتابن جا اسٽال ڏسي رهيو آهي، ٻئي طرف ناريون ڪتاب خريد ڪري رهيون آهن

ٺري ميرواهه: ڳوٺاڻا زمين تي قبضي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

ٺري ميرواهه ۾ ڳوٺاڻن جو بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ عبدالغفور خاصخيلي واسي عورتن ۽ ٻارن پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

بااثرن زمين جا ڪوڙا ڪاغذ ٺهرائي وڪرو ڪئي آهي، نوٽيس وٺي انصاف ڪيو وڃي

ٺري ميرواهه(ن ع) ٺري ميرواهه جي ڳوٺ عبدالغفور خاصخيلي ۾ ديهه سيري جي 22 ايڪڙ زمين جي مالڪي تان تڪرار شدت اختيار ڪري ويو جنهن خلاف متاثر ڌر پاران عورتن ۽ ٻارن سميت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. احتجاج ۾ مهر علي خاصخيلي عزيز علي خاصخيلي مير خان بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

سکر ۾ گورنر سنڌ جي صدارت هيٺ اعليٰ سطحي جو اجلاس، عوامي مسئلن جي حل تي غور ويچار

اجلاس ۾ ڊي جي نادرا عاليه، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايف آءِ اي ۽ وفاقي، صوبائي ادارن جي اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي

عوامي مسئلن جي فوري ۽ مؤثر حل لاءِ ادارن وچ ۾ هم آهنگي کي وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي: گورنر سنڌ

منهنجي گورنر هائوس جا در سڀني لاءِ کليل آهن جيڪو به اچي مان خدمت لاءِ حاضر آهيان

سکر(بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي جي صدارت هيٺ ڪمشنر آفيس سکر ۾ هڪ اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ مختلف وفاقي ۽ صوبائي ادارن جي اعليٰ آفيسرن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڊي جي نادرا عاليه عبدالرزاق، ايڊيشنل ڊائريڪٽر ايف آءِ اي بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

محرابپور ويجهو پورهيت ٽريڪٽر ٽرالي هيٺيان اچي فوت، گهر ۾ ڪهرام

پيروسڻ لنڪ روڊ تي حادثي ۾ نوجوان حنيف ولد شاهمراد ٻرڙي چيپاڻجي فوت

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٺائي اسپتال مان ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو

محرابپور (ت ـ ر) محرابپور ۾ نيو ٽائون واري علائقي محرابپور پيروسڻ لنڪ روڊ تي موجائين واري بلي پرسان ٽريڪٽر ٽرالي هيٺيان اچي نوجوان پورهيت محمد حنيف ولد شاهمراد ٻرڙي چيپاڻجي فوت اطلاع تي محرابپور پوليس واقعي واري هنڌ تي پهچي لاش محرابپور اسپتال منتقل بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي ۾ تعليمي بورڊ جي چيئرمين دورو ڪري هلندڙ امتحانن جو جائزو ورتو

پروفيسر ڊاڪٽر شجاع احمد مهيسر گرلز ڊگري ڪاليج ۽ علي بابا بوائز ڪاليج ۾ امتحانن جو معائنو ڪيو

شفاف، منصفاڻو ۽ ميرٽ تي مبني امتحاني ماحول هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي: هدايت

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) چيئرمين بورڊ آف انٽرميڊيئيٽ حيدرآباد، پروفيسر ڊاڪٽر شجاع احمد مهيسر گورنمينٽ گرلز ڊگري ڪاليج ڪوٽڙي ۾ جاري انٽرميڊيئيٽ امتحانن دوران اوچتو دورو ڪيو جتي هن امتحاني مرڪزن جو تفصيلي جائزو ورتو دوري دوران چيئرمين مختلف امتحاني بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

خيرپور ويجهو ٽينگري پراسرار طور گم، شڪ ۾ عورتن سميت 5 ڄڻا گرفتار

ڳوٺ کهڙاهه مان 6 ورهين جي معصوم ٽينگري انيسا ڦل پراسرار طور گم ٿي وئي

وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر ڪرڻ تي پوليس 5 ڄڻن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪئي

خيرپور(ٽ ر)خيرپور جي ڀرپاسي واري ڳوٺ کهڙاهه مان 6 ورهين جي معصوم ٽينگري انيسا ڦل لاپتا جنهن جي اغوا ٿيڻ جو شڪ ظاهر ڪيو پيو وڃي تفصيل موجب ٽينگري پنهنجي گهر جي ٻاهران کيڏي رهي هئي ته اوچتو گم ٿي وئي وارثن طرفان اغوا جو شڪ ظاهر ڪرڻ بعد پوليس بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

نوابشاهه پوليس جي مبينا تشدد ۾ فوت ٿيندڙ نوجوان گهرو وزير نوٽيس ورتو

ضياءَ لنجار ٻن ايس ايڇ اوز سميت 4 اهلڪارن کي معطل ڪري جاچ جو حڪم ڏنو

مقتول ارشد پٽيءَ آخري رسمن ۾ شهر جي سياسي سماجي ڌرين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

نوابشاهه /شهدادپور(نمائندن وڪان) نواب شاهه پوليس حراست ۾ وحشيائي تشدد دوران فوت ٿيندڙ شهدادپور جي موبائيل مڪينڪ ارشد پٽي جي مڙهه کي ڪي ڏينهن احتجاجي ڌرڻو هلڻ بعد ڪيس داخل ٿيڻ جي يقين دهاني تي شهدادپور مدني ڪالوني ۾ آندو ويو جنهن بعد نوجوان جي جنازي نماز شهر بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

سکر پوليس جو سماجي برائين خلاف آپريشن جاري

وڏي مقدار ۾ سوپاريون هٿ ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو

گٽڪا ۽ ماوا جي تياري ۽ وڪري ۾ ملوث عنصر ڪنهن به رعايت جا مستحق ناهن: پوليس

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پوليس سماجي برائين خلاف جاري آپريشن دوران اهم ڪاميابي حاصل ڪندي گٽڪا ۽ ماوا ۾ استعمال ٿيندڙ وڏي مقدار ۾ سوپاريون هٿ ڪري هڪ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو آهي.ترجمان سکر پوليس موجب ايس ايس پي سکر اظهر خان مغل جي هدايتن تي ضلعي اندر سماجي برائين ۽ غير قانوني سرگرمين خلاف سخت ڪارروائيون جاري آهن. گذريل ڏينهن اي سيڪشن ٿاڻي جي ايس ايڇ او اسنيپ چيڪنگ دوران پنهنجي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: يوٽيلٽي اسٽور جا هٽايل ملازم پيڪيج نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ۾ اڪري چوڏگي واسين جو پوليس ۽ بااثرن جي زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ ڪنياري واسي مسمات ڪزبانو فريدان، اريبلي، چاڪر خان ۽ ٻين احتجاج ڪيو

بااثرن اسان جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي، نوٽيس وٺي انصاف ۽ تحفظ ڏنو وڃي

خيرپور(ٽ ر) پريس ڪلب اڪري چوڏگي اڳيان عورتن ٻارڙن ۽ مردن سميت بااثرن ۽ اڪري پوليس جي زيادتين خلاف بک هڙتالي ڪئمپ قائم تفصيل موجب اڪري چوڏگي پرسان ڳوٺ ڪنياري واسي مسمات ڪزبانو مسمات فريدان مسمات اريبلي، چاڪر خان سجاد علي صابر ۽ الياس چاڪراڻي پاران بااثرن ۽ اڪري پوليس جي مبينا زيادتين خلاف پريس ڪلب اڪري بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

شاهپورچاڪر پوليس پاران ڪارنهن الزام قتل ٿيل وزيران جو ڪيس داخل

پوليس اي ايس آءِ جي مدعيت ۾ ڪيس داخل ڪري ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪيو

مقتولا جو ڏير رحم حسين ۽ پاٽيجو صيفل خاصخيلي کي گرفتار ڪري جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

شاهپورچاڪر (ن ع) شاهپورچاڪر پرسان لي ون هائوسنگ اسڪيم ۾ رهندڙ مسمات وزيران خاصخيلي کي ڪارنهن الزام هيٺ قتل ڪندڙ جوابدار مقتولا جو ڏير رحم حسين خاصخيلي ۽ پاٽيجو صيفل خاصخيلي پوليس هٿان گرفتار ڪري ورتو آهي قتل جي واقعي ۾ ملوث هڪ ڏير ۽ ٻن پاٽيجن تي ٿاڻي تي پوليس اهلڪار اي ايس آءِ جي مدعيت ۾ قتل جو ڪيس داخل ڪيو ويو پوليس واقعي ۾ ملوث جوابدارن مقتولا جو ڏير رحم حسين خاصخيلي پاٽيجو صيفل خاصخيلي کي گرفتار ڪري ورتو آهي جن کي پوليس رمانڊ لاءِ سڀاڻ عدالت ۾ حاضر ڪندي —

سيوهڻ تعلقي بار جي چونڊن ۾ دلچسپ مقابلي ايڊووڪيٽ عاشق سولنگي 3 ووٽ سان ڪامياب

نائب صدر ايڊووڪيٽ زاهده پروين، سميت علي عباس گاڏهي ۽ اياز سولنگي غلام علي ٻمي سرڀارا

وڪيل برادري ۽ سنڌن همدردن پاران چونڊيل صدر تي گلن جي ورکا ڪري مبارڪباد پيش ڪئي

سيوهڻ(ن ع) سيوهڻ تعلقي بار ايسوسيئيشن جي سالياني چونڊن ۾ دلچسپ مقابلي بعد ايڊووڪيٽ عاشق حسين سولنگي 3 ووٽ وڌيڪ کڻي ڪاميابي حاصل ڪري صدر چونڊجي ويو آهي ٻين ڪامياب عهديدارن ۾ نائب صدر جي عهدي تي ايڊووڪيٽ زاهده پروين، بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي ۾ منشيات خلاف آواز اٿارڻ تي ايس ايڇ او اڳواڻ جي گهر ۽ دڪان تي پوليس چڙهائي

سائيٽ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف عباس چانڊيو پنهنجي پاڙن سميت احتجاج ڪيو

منشيات خلاف آواز اٿارڻ تي ايس ايڇ او منهنجي دڪان ۽ گهر تي بنا جواز چڙهائي ڪري حراس ڪيو: الزام

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ۾ منشيات خلاف آواز اٿارڻ جي ڏوهه ۾ ڪوٽڙي سائيٽ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي جي مقامي اڳواڻ عباس چانڊيو پنهنجي پاڙن سميت احتجاج ڪيو ۽ انصاف جو مطالبو ڪيو آهي. صحافين آڏو احتجاج ڪندي عباس چانڊيو شبير بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

حڪومت پاڪستان ۽ اسٽيبلشمينٽ امن لاءِ اهم ڪردار ادا ڪري رهي: راشد محمود سومرو

موجوده اسيمبلي ڌانڌلي ذريعي وجود ۾ آئي، اسان حڪومت ۽ پارليامينٽ کي نٿا مڃون

سنڌ جي نااهل ۽ نالائق حڪمرانن عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي: ميڊيا سان ڳالهيون

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) جميعت علماءِ اسلام سنڌ جي جنرل سيڪريٽري مولانا راشد خالد محمود سومرو جامعه اسلاميه ۾ سرڪي جي يو آءِ ضلعي لاڙڪاڻي جي چونڊ تعلقن جي جنرل ڪائونسل جي گڏيل اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ بعد ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو آهي ته اڄ جي يو آءِ ضلعي لاڙڪاڻي بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ايڇ اي سي چيئرمين جو ڀٽ شاهه يونيورسٽي جو دورو، تعليمي معيار ۽ منصوبن جي واکاڻ

وائيس چانسلر پاران تعليمي ترقي ۽ مستقبل جي منصوبن تي جامع بريفنگ

شاگردن جي فائنل ايئر پروجيڪٽس جو جائزو، جديد تحقيق ۽ سکيا جي ساراهه

مٽياري/ڀٽ شاهه (نمائندن وڪان) چيئرمين ايڇ اي سي اسلام آباد جو يونيورسٽي آف صوفي ازم اينڊ ماڊرن سائنسز ڀٽ شاهه جو دورو هائر ايجوڪيشن ڪميشن (ايڇ اي سي) جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر نياز احمد اختر وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر اسام الدين ڪوسو جي دعوت تي اڄ بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: لوڪل ڪائونسلز مان رٽائرڊ ٿيل ملازم پينشن نه ملڻ خلاف احتجاج ڪري رهيا آهن

خيرپور ويجهو سکر پوليس جي ڪارروائي دوران ٻه نوجوان ۽ هڪ ٽينگري مارجي وئي، احتجاج

شادي شهيد جبل واري علائقي ۾ صدر الدين، ضامن ۽ 8 ورهين جي عليشا ڏاريجو مارجي وئي

پوليس فائرنگ ۾ زخمي نوجوان عبدالسميع ڏاريجو ۽ لاشن کي سول اسپتال آندو ويو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن کڻائي مريم توب چوڪ تي رکي ٽائر ساڙي ڌرڻو هنيو

6 ڪلاڪن ڌرڻي بعد ايس ايس پي مظاهرن سان ڳالهيون ڪري انصاف فراهم ڪرڻ جي خاطري ڪرائي ڌرڻو ختم ڪرايو

خيرپور(ٽ ر) خيرپور جي شادي شهيد جي جبل واري علائقي ۾ سکر پوليس جي ڪارروائي دوران ٻه نوجوان ۽ هڪ ٽينگري مارجي وئي جڏهن ته هڪ ٻيو زخمي ٿي پيو تفصيل موجب ڪارروائي دوران صدر بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

خيرپور: شادي شهيد جي ڳوٺ سعيد خان لاکو ۾ پوليس ڪارروائي دوران مارجي ويلن جا لاش رکي وارث احتجاج ڪري رهيا آهن ٻئي طرف ايس ايس پي ساڻن ڳالهائي رهيو آهي

وڏو ظلم ٿيو آهي خبر ناهي ته پوليس ڪنهن جي چوڻ تي ڪارروائي ڪئي: وارث

سپريم ڪورٽ واقعي جو نوٽيس وٺي شفاف جاچ ڪرائي انصاف فراهم ڪري

خيرپور: وارثن جو چوڻ هو ته پوليس ٻن نوجوانن ۽ هڪ ٽينگري کي قتل ڪيو ۽ هڪ نوجوان کي زخمي ڪري وڏي زيادتي بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

واقعي جو سنڌ جي گهرو وزير ۽ آءِ جي سنڌ نوٽيس ورتو، ٽن ٿاڻن جا ايس ايڇ او معطل

ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب کي تفصيلي رپورٽ پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو

واقعي جي شفاف جاچ لاءِ ايس ايس پي گهوٽڪي کي انڪوائري آفيسر مقرر ڪيو

خيرپور: واقعي جون خبرون ميڊيا تي اچڻ بعد گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار ۽ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو فوري نوٽيس ورتو ۽ ٽنهي ايس ايڇ اوز کي معطل ڪيو ۽ ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب کي تفصيلي رپورٽ بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ڏاريجا برادري جي ٽن انساني جانين جي ضايع ٿيڻ تي ڏک ٿيو آهي: نفيسه شاهه

مان سنڌ حڪومت کان فوت ٿيلن جي وارثن کي معاوضو ڏيڻ جو مطالبو ڪيان ٿي

خيرپور:خيرپور جي شادي شهيد واري علائقي جي ڳوٺ سعيد خان لاکو ۾ پيش آيل واقعي بابت ڊاڪٽر نفيسه شاهه جيلاڻي چيو آهي ته سکر پوليس جي ڪارروائي دوران ڏاريجا برادري جي هڪ ٽينگري بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

خيرپور شهري اتحاد پاران پوليس گردي جي شديد مذمت، سپريم ۽ هاءِ ڪورٽن کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو

خيرپور : خيرپور شهري اتحاد جي صدر بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

واقعي ۾ ايس ايڇ او ڪنڊرا شوڪت علي آرائين کي گرفتار ڪيو ويو آهي: ايس ايس پي

خيرپور: ايس ايس پي خيرپور امير سعود بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

واقعي ۾ جيڪي به پوليس اهلڪار يا حڪم ڏيندڙ ملوث آهن انهن سڀني کي گرفتار ڪيو وڃي: اختيار پنهور

خيرپور: ايڊووڪيٽ اختيار احمد پنهور هن بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

هالا پرسان ماڇي برادري جي ٻن ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان 2 ڄڻا قتل

هٿياربندن ڪورٽ ۾ حاضري تي ويندڙ نياز عرف جهنگل ۽ گل محمد کي گوليون هڻي قتل ڪيو

اطلاع تي پوليس پهچي پهچي لاش ڪٺائي اسپتال منتقل ڪيا، پوسٽ مارٽم بعد مڙهه وارثن حوالي

واقعو ماڇي برادري تڪرار توڙي سال اڳ هڪ نوجوان قتل پڻ ٿيل آهي، پلاٽ ۾ قتل ڪيو ويو آهي: پوليس

هالا (ت ر) هالا پرسان ماڇي برادري ۾ پراڻو دشمني تڪرار پڙڪي اٿيو. هڪ سال اڳ کهاڙيون هڻي قتل ڪيل نوجوان جي پلاٽ ۾ ڪورٽ جي تاريخ تي ويندي ٻه نوجوان گوليون ۽ کهاڙيون هڻي بي رحمي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي لڳ معصوم ٽينگر ڪراچي واهه ۾ وهنجندي ٻڏي فوت

ڳوٺ ڏتي بخش خاصخيلي جو رهواسي 10 سالن جو حسنين خاصخيلي واهه ۾ ٻڏي ويو

ڳولا بعد سندس لاش هٿ ڪري اسپتال آندو ويو، ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي

ڪوٽڙي (ن ع) ڪوٽڙي لڳ ڳوٺ ڏتي بخش خاصخيلي جو رهواسي 10 سالا معصوم ٽينگر حسنين خاصخيلي ڪراچي بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ڪوٽڙي: پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿي ويل معصوم ٻارڙي جو مڙهه

گهوٽڪي ميونسپل چيئرمين پاران مختلف منصوبن جو افتتاح

بنيادي سهولتن جي فراهمي لاءِ بنا ڪنهن فرق جي ڪم جاري آهي: جام آصف رزاق خان

گهوٽڪي(ن ع) ميونسپل ڪميٽي گهوٽڪي جي چيئرمين جام آصف رزاق خان ڌاريجو شهر جي مختلف وارڊن جو دورو بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

سکر: فيري هوم سکر ۾ اسٽيٽ بئنڪ جو ڊپٽي ڊائريڪٽر محمد فهيم عورتن کي پنهنجي پيرن تي بيهڻ بابت سمجهائي ڏئي رهيو آهي

گهوٽڪي ويجهو واڳڻي واسي ٻه ڄڻا پراسرار طور گم، وارث پريشان، مدد جي اپيل

گهوٽڪي (ن ع) گهوٽڪي ويجهو واڳڻي واسي ٻن ڄڻن جي پراسرار گمشدگي واري واقعي علائقي ۾ ڳڻتي جي لهر پيدا ڪري ڇڏي آهي.اطلاع موجب واڳڻي جا رهواسي پيءُ پٽ امداد علي ۽ مقصود شيخ صبح سوير پنهنجي روزاني ڊيوٽي لاءِ گهران نڪتا، پر شام ٿيڻ باوجود واپس نه موٽيا، جنهن بعد سندن وارثن ۾ پريشاني پکڙجي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

ڪنڊڙو ويجهو ٽينڪر ۽ چنگچي ڦٽي ۾ ٽڪر، عورت ۽ سندس معصوم ٽينگري فوت، مڙس زخمي

ميران اسٽاپ جي ويجهو پيش آيل حادثي ۾ 40 ورهين جي ڌرمي ۽ سندس ٻن ورهين جي ڌيءُ راڌيڪا فوت ٿي ويون

حادثي ۾ زخمي چيتن ڪولهي ۽ لاشن کي پوليس ڪٺائي اسپتال منتقل ڪري جاچ شروع ڪئي

ٽرالر ڊرائيور رجب علي بروهي کي ٽرالر سميت حراست ۾ وٺي جاچ شروع ڪئي آهي: پوليس

ڪنڊڙو (ن ع) ڪنڊڙو لڳ ميران اسٽاپ جي ويجهو چنگچي ڦٽي کي پويان کان تيز رفتار آيل ٽينڪر جو زوردار ٽڪر جنهن جي نتيجي ۾ ڳوٺ سائين بخش رند جا رهواسي ڪولهي برادري سان تعلق رکندڙ پورهيت هڪ عورت 40 ورهين جي ڌرمي زال چيتن ۽ ٻن سالن جي ٻارڙي راڌيڪا ٻئي موقعي تي فوت ٿي وئي جڏهن ته بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سيپڪو جي بهتر پاليسي سازي لاءِ نئين بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي مقرري

غلام مصطفيٰ لغاري کي سيپڪو جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز جو چيئرمين مقرر ڪيو ويو

ميمبرن ۾ فراز شيخ، صدر اسلام شيخ، ظفر اقبال صباڻي، عمران حسين ۽ نوين احمد منگي شامل

سکر (بيورو رپورٽ) توانائي واري وزارت پاران ڪيبينيٽ ڪميٽي جي هدايتن جي روشني ۾ سکر اليڪٽرڪ پاور ڪمپني (سيپڪو) جي بهتر پاليسي سازي لاءِ نئين بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي مقرري ڪئي وئي آهي جنهن جو باقاعده نوٽيفڪيشن جاري ڪيو ويو آهي.جاري ڪيل نوٽيفڪيشن بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

گهوٽڪي: پراسرار نموني گم ٿي ويل نوجوان جن جي اغوا جو خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي

No. MDA/MPD/DHE-217/2009/141

ڊائريڪٽوريٽ آف ٽائون پلاننگ،
ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي

فون نمبر: 70-99244761 فيڪس نمبر: 99244766
اي ميل: info@mda.gos.pk
هيڊ آفيس: G-4/B، بلاڪ-17، گلشن اقبال، ڪراچي

Karachi Dated. 20-04-2026

عام اطلاع

عنوان: سروي نمبر 25، 28، 32، 29، 33، 34 ديهه ٽاٽو، تپو ملير ٽائون، ڪراچي جي 35 ايڪڙ 36 گهُنٽا زمين جي نظرثاني ٿيل ۽ تجويز ڪيل لي آئوٽ پلان جي منظوري بابت.

عوام الناس کي آگاهي ڏني ٿي وڃي ته سروي نمبر 25، 28، 32، 29، 33، 34 ديهه ٽاٽو، تپو ملير ٽائون، ڪراچي جي 35 ايڪڙ 36 گهُنٽا زمين جي تجويز ڪيل نظرثاني ٿيل لي آئوٽ پلان جي منظوري (1) ابراهيم نوروز علي پاماٽي شناختي ڪارڊ نمبر 9-0493555-42201 رهائشي گهر نمبر 304، امين آباد، ڪراچي ۽ سليم ولد رجب علي شناختي ڪارڊ نمبر 7-0625632-42201 رهائشي گهر نمبر 190، امين آباد، P.I.B ڪالوني، ڪراچي) جي حق ۾، ڊائريڪٽر جنرل MDA کي لکيل ليٽر نمبر ADO/REV/Malir/Zone-IV/1368/2009 ڪراچي بتاريخ 07-10-2009 ۽ لاڳاپيل ڊپٽي ڪمشنر جي تصديق نامي ليٽر نمبر DC/Malir/K/Rev.Br./2236/2025 بتاريخ 28-10-2025 سان گڏ مختيارڪار، تعلقو مراد ميمڻ، ضلعو ملير، ڪراچي جي ليٽر نمبر Mukh/M.M/Malir/K/2368/2025 بتاريخ 28-10-2025 جنهن جي توثيق اسسٽنٽ ڪمشنر، سب ڊويزن مراد ميمڻ، ضلعو ملير، ڪراچي پنهنجي ليٽر نمبر AC/Murad Memon/DM/1404/2025 بتاريخ 28-10-2025 ذريعي ڪئي آهي، ٽائون پلاننگ جي نقط نظر کان تجويز ڪيل نظرثاني ٿيل لي آئوٽ پلان جي منظوري لاءِ پيش ڪيو ويو آهي.

ان سلسلي ۾ عام اطلاعي نوٽيس ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي (MDA) ايڪٽ 94-1993، (بحالي ۽ ترميم) ايڪٽ 2013 ۽ KBTPR-2022 (تازي ترميم ٿيل) ۽ ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ٽائون پلاننگ ريگيوليشنز 2015 جي شق نمبر 2-15.5 جي روشنيءَ ۾ شايع ڪيو وڃي ٿو. ته ڪو به لاڳاپيل شخص/ادارو جيڪو به اعتراض رکي ٿو، پنهنجو اعتراض سڌو سنئون ڊائريڪٽر جنرل، MDA، ڊائريڪٽر (اسٽيٽ ۽ انفورسمينٽ) يا ڊائريڪٽر، ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ، MDA جي آفيس واقع G-4/B، بلاڪ_17، گلشن اقبال، ڪراچي فون نمبر: 021-99244762، 021-99239120 ۾ جمع ڪرائي سگهي ٿو. اعتراض نوٽيس جي اشاعت جي تاريخ کان 07 دفتري ڏينهن اندر جمع ڪرائڻا پوندا.

مقرر ٿيل مدي کان پوءِ وصول ٿيل ڪنهن به اعتراض تي غور نه ڪيو ويندو.

لوڪيشن پلان:



اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (T.P)
ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ،
ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي
فون: 021-99239120, 021-99244762

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/1556/2026

No. MDA/MPD/DHE-217/2009/141

ڊائريڪٽوريٽ آف ٽائون پلاننگ،
ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي

فون نمبر: 70-99244761 فيڪس نمبر: 99244766
اي ميل: info@mda.gos.pk
هيڊ آفيس: G-4/B، بلاڪ-17، گلشن اقبال، ڪراچي

Karachi Dated. 20-04-2026

عام اطلاع

عنوان: تعلقي ابراهيم حيدري، ضلعي ملير ڪراچي جي ديهه لانڍي، تپو لانڍي، سروي نمبر 544 ۾ 8134.44 چورس گز زمين جي تجويز ڪيل تجارتي لي آئوٽ پلان جي منظوري بابت.

هر عام وخاص کي آگاهي ڏني ٿي وڃي ته ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر_I، ضلعو ملير، ڪراچي پاران سروي نمبر 544، ديهه لانڍي، تپو لانڍي، تعلقو ابراهيم حيدري، ضلعو ملير ڪراچي ۾ موجود 8134.44 چورس گز زمين جي مالڪي جي تصديق ڪندي اها جناب طارق ممتاز ولد محمد ممتاز (سڃاڻپ ڪارڊ نمبر 3-0903989-42301، رهائشي: هورائزن ويسٽا ڪمرشل_10، بلاڪ_04، ڪلفٽن ڪراچي) جي حق ۾، ڊائريڪٽر جنرل MDA ڏانهن ليٽر نمبر DC/Malir/K/Rev.Br/587/2026 تاريخ 10-03-2026 ذريعي موڪلي وئي آهي. جنهن سان گڏ مختيارڪار سب ڊويزن ابراهيم حيدري، ضلعو ملير ڪراچي جو ليٽر نمبر Mukh/I.H/Malir/K/252/2026 تاريخ 10-03-2026، جنهن جي تصديق اسسٽنٽ ڪمشنر سب ڊويزن ابراهيم حيدري، ضلعو ملير ڪراچي پاران ليٽر نمبر AC/I.H/Malir/K/134/2026 تاريخ 10-03-2026 ذريعي ڪئي وئي آهي، ته جيئن صرف پلاننگ جي نقط نظر کان لي آئوٽ پلان جي منظوري ڏني وڃي.

ان سلسلي ۾، ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي (MDA) ايڪٽ 93_94 ۽ (ترميمي) ايڪٽ 2013 ۽ ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي ٽائون پلاننگ ريگيوليشنز 2015 جي شق نمبر 2-15.5 تحت، جيڪڏهن ڪنهن به لاڳاپيل شخص (شخصن) يا اداري کي هن تي ڪو به اعتراض هجي ته هو پنهنجو اعتراض سڌو سنئون ڊائريڪٽر جنرل MDA، ڊائريڪٽر (اسٽيٽ اينڊ انفورسمينٽ) يا ڊائريڪٽر ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ MDA کي، جنهن جي آفيس G-4/B، بلاڪ_17، گلشن اقبال ڪراچي ۾ واقع آهي، هن نوٽيس جي اشاعت جي تاريخ کان 07 ڪم جي ڏينهن اندر جمع ڪرائي سگهي ٿو (فون نمبر: 021-99239120, 021-99244762).

مقرر تاريخ گذرڻ کان پوءِ وصول ٿيل ڪنهن به اعتراض تي غور نه ڪيو ويندو.

لوڪيشن پلان:

اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (T.P)
ٽائون پلاننگ ڊپارٽمينٽ،
ملير ڊولپمينٽ اٿارٽي
فون: 021-99239120, 021-99244762

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT

INF/KRY/1555/2026

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.